سال (18) چنڇر 15 آگسٽ 2026ع ڀهرين ربيع الاول 1448ھ صفحا 16 - ملھ 40 ويپيه شمارو (323)

ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
68 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (95) | چنڇر 15 آگسٽ 2026ع ڀهرين ربيع الاول 1448ھ صفحا 16 - ملھ 40 ويپيه | شمارو (01)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

Saturday 15th August 2026
سال (18) چنڇر 15 آگسٽ 2026ع ڀهرين ربيع الاول 1448ھ صفحا 16 - ملھ 40 ويپيه شمارو (323)
Daily Ibrat Karachi

پاڪستان جي آزادي جو ڏهاڙو جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويو، سنڌ سميت سڄي ملڪ ۾ جشن

اسلام آباد ۾ 31، صوبن ۾ 21-21 توپن جي سلامي سان ڏينهن جي شروعات، ملڪي سلامتي ۽ خوشحاليءَ لاءِ دعائون به گهريون ويون

سنڌ سميت سموري ملڪ ۾ جشن جو تقريبون، ڪيڪ ڪاٽيا ويا، سرڪاري توڙي نجي عمارتن تي قومي پرچم به ڦڙڪايا ويا

اسلام آباد(مر د)ملڪ جي آزاد جو ڏهاڙو جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويو آزادي جي ڏهاڙي جي دوران سنڌ سميت سموري ملڪ ۾ تقريبون منعقد ڪيون ويون، اسلام آباد ۾ 31، صوبن ۾ 21-21 توپن جي سلامي سان ڏينهن جي شروعات ڪئي وئي، ملڪي سلامتي ۽ خوشحاليءَ لاءِ دعائون ۽ گهريون ويون ان حوالي سان سرڪاري توڙي نجي عمارتن تي قومي پرچم به ڦڙڪايا ويا جڏهن ته نوجوانن تارين ٻين ٻارن پاران

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

آزادي هڪ عظيم نعمت آهي، ان جو قدر ۽ حفاظت ڪرڻي آهي: عبدالعليم خان

پاڪستان جو قيام ننڍي کنڊ جي مسلمانن جي عظيم جدوجهد ۽ قربانين جو ثمر آهي

ملڪي ترقي، خوشحالي ۽ استحڪام لاءِ سڄي قوم کي متحد ٿي ڪردار ادا ڪرڻو پوندو

اسلام آباد (اي پي پي)مواصلات واري وفاقي وزير عبدالعليم خان يوم آزادي تي قوم کي دلي مبارڪون ڏيندي چيو آهي ته آزادي الله تعاليٰ جي عظيم نعمت آهي اسان کي ان جو قدر ۽ حفاظت ڪرڻي آهي

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: جشن آزادي جي موقعي تي هزارين ماڻهو قائداعظم جي مزار تي موجود آهن

سنڌ اسيمبلي جي اسپيڪر پاران پاڪستان جي آزادي جي ڏهاڙي تي سموري قوم کي مبارڪون پيش

ڪراچي (بيورو رپورٽ)سنڌ اسيمبلي جي

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

وفاقي وزير راڻا مبشر اقبال پاران پاڪستان جي يوم آزادي تي قوم کي مبارڪون

اسلام آباد (اي پي پي) وفاقي وزير راڻا

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

فرانس ۾ مقرر پاڪستان جي سفير ممتاز زهره بلوچ پاران جشن آزادي جون قوم کي مبارڪون پيش

پئرس (اي پي پي)فرانس ۾ پاڪستان جي

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

پاڪستان جي باني جي بصيرت ۽ قربانين کي خراج تحسين پيش ڪريون ٿا: شزه فاطمه خواجه

وزيراعظم ۽ فيلڊ مارشل جي قيادت وڏي عزم، اعتماد ۽ اتحاد سان پاڪستان جي رهنمائي ڪئي آهي

حق جي ويڙهه ۾ فتح اسان قومي جرئت جو مظاهرو ڪيو، جنهن سان پاڪستان جي موقف کي دنيا ملي

اسلام آباد (اي پي پي) انفارميشن ٽيڪنالاجي ۽ ٽيلي ڪميونيڪيشن واري وفاقي وزير شزه فاطمه خواجه چيو آهي ته

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

پاڪستان جو قيام قائداعظم جي بيمثال قيادت ۽ لکين مسلمانن جي قربانين جو ثمر آهي: راڻا مشهود

اسان کي پاڪستان جي ترقي، خوشحالي ۽ استحڪام لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو

قائداعظم جي اتحاد، ايمان ۽ نظم ضبط جي اصولن تحت ملڪ کي مضبوط بڻائڻو پوندو

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم يوٿ

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

بزرگن جي جدوجهد ۽ عظيم قربانين سان آزاد وطن نصيب ٿيو: طارق فضل چوڌري

اتحاد، ايمان ۽ نظم ۽ ضبط تحت ملڪي ترقي ۽ استحڪام جي سفر کي اڳتي وڌائينداسين

پاڪستان کي هڪ مضبوط، خوشحال، ترقي يافته ۽ باوقار ملڪ بڻائڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪنداسين

اسلام آباد (اي پي پي) پارلياماني معاملن واري وفاقي وزير ڊاڪٽر طارق فضل چوڌري قوم کي پاڪستان جي يوم آزادي جون

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: وفاقي وزير محمد جنيد جشن آزادي جي موقعي تي جهنڊو ڦڙڪائيندي

پاڪستان پنهنجي دفاع ۽ آبي وسيلن جي تحفظ لاءِ ڪا به قرباني ڏيڻ کان نه ڪيٻائيندو: وزيراعظم

اڄ پاڪستان دنيا ۾ امن جي هڪ مضبوط، پرعزم، باوقار ۽ طاقتور آواز طور سڃاتو وڃي ٿو، حڪومت تمام ڏکين مرحلا پار ڪرڻ کان پوءِ مستحڪم معيشت جو مقصد حاصل ڪيو آهي

باباءِ قوم، قائداعظم، محمد علي جناح، مفڪر پاڪستان، شاعر مشرق، علامه محمد اقبال ۽ ٻين ڪيترن ئي عظيم ۽ بي مثال اڳواڻن جي جدوجهد سان اسان هڪ آزاد قوم آهيون

پاڪستان جي سرزمين، اسلامي تعليمات ۽ قوم جي پيءُ جي نظرين جي تابع، رنگ يا نسل کان سواءِ سڀني شهرين لاءِ مڪمل آزادي جي ضمانت ڏئي ٿي

جديد انفارميشن ٽيڪنالاجي سان ليس، ڏکڻ ملڪي واري صنعتي ۽ زرعي ترقي، عوامي ڀلائي جا منصوبا، روزگار جا موقعا، عالمي معيار جي تعليم ۽ مهارت جو نظام اسان جي ترجيحن ۾ شامل آهن

حق جي جنگ ۾ هٿياربند فوجن فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جي اڳواڻي ۾ اتحاد، عزم ۽ بي مثال بهادري جو مظاهرو ڪندي پياري وطن جي دفاع ۽ شان جي هڪ نئين تاريخ رقم ڪئي

پاڪستان امن، استحڪام ۽ علائقائي تعاون کي فروغ ڏيڻ ۾ تعميري ڪردار ادا ڪري رهيو آهي، پنهنجي دفاع ۽ قومي مفادن پاڻي ۽ ٻين جي تحفظ لاءِ هر قرباني ڏيڻ لاءِ تيار آهيون

اسلام آباد (مر د) وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي ته اسان کي پنهنجي بهادر فوجن تي فخر آهي، پاڪستان پنهنجي دفاع ۽ آبي وسيلن سميت قومي مفادن جي تحفظ

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف صدر آصف علي زرداري سان ملاقات ڪندي

وزيراعظم جي صدر سان ملاقات، ملڪ مان دهشتگردي جي لعنت جي مڪمل خاتمي جو عزم

پاڪستان جي هٿياربند فوج ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي پيشيوراڻي صلاحيتن کي خراج تحسين پيش

وزيراعظم صدر کي مڪه مڪرمه ۾ طئي ٿيندڙ تاريخي امن معاهدي جي حوالي سان آگاهه ڪيو

امن جي فروغ لاءِ پاڪستان جي سفارتي ڪوشش سان ملڪ جي عالمي مقام کي وڌيڪ سگهه ملندي: صدر

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري ۽ وزيراعظم محمد شهباز شريف اندروني ۽ ٻاهرين معاملن سميت فتنه الهندستان ۽ فتنه الخوارج جي دهشتگردن جي خلاف ڪاررواين ۾ پاڪستان جي هٿياربند فوج ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي پيشيوراڻي صلاحيتن کي خراج تحسين پيش ڪندي ملڪ مان دهشتگردي جي

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

آزادي جو ڏهاڙو قربانين، ڪاميابين جي علامت آهي: سيڪريٽري اطلاعات

گذريل سال پاڪستان اندروني ۽ ٻاهرين ٻنهي محاذن تي وڏيون ڪاميابيون حاصل ڪيون

اسلام آباد (اي پي پي) اطلاعات ۽ نشريات

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

وڏي وزير، گورنر، صوبائي ڪابينا جي ميمبرن ۽ اعليٰ عملدارن مزار قائد تي حاضري، خراج عقيدت پيش

گڏيل طور قومي جهنڊو ڦڙڪايو ويو، پاڪ بحريه جي چست جٽي سلامي ۽ گارڊ آف آنر پيش ڪيو

مزار قائد تي گلن جون چادرون چاڙهي، فاتحه خواني ۽ ملڪي سلامتي، استحڪام، خوشحالي ۽ ترقي لاءِ خصوصي دعائون

قائداعظم جي اصولن اتحاد، ايمان ۽ نظم ۽ ضبط تحت ملڪي ترقي ۽ استحڪام لاءِ گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو: خطاب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وزيراعليٰ سيد مراد علي شاهه خميس ڏينهن سنڌ جي گورنر محمد نهال هاشمي صوبائي

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: وڏو وزير مراد علي شاهه ۽ گورنر نهال هاشمي قائداعظم جي مزار تي حاضري ڀريندي

عسڪري قيادت جي صدر ۽ وزيراعظم سان گڏ شهداءِ پاڪستان جي گهروارن سان خصوصي ملاقات

شهيدن ۽ غازين جي گهروارن جي ثابت قدمي ۽ ملڪ جي لاءِ قربانين کي خراج تحسين پيش

قوم هر موقعي تي وطن لاءِ جانيون قربان ڪندڙ پنهنجي شهيدن جي قربانين کي ياد رکي ٿي: اظهار

اسلام آباد (اي پي پي) عسڪري قيادت

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

آزادي اسان لاءِ خوشي، شڪر گذاري، فخر ۽ عزم ورجائڻ جو ڏينهن آهي: احسن اقبال

اسان کي آزادي جي حفاظت سان معرڪ، معيشت ۾ به پاڪستان جي صلاحيت مڃرائڻي آهي

آزادي جي حفاظت صرف سرحدن تي نه پر معاشي، علمي، سائنسي ۽ ٽيڪنالاجي ۾ ڪاميابي پڻ آهي

اسلام آباد (اي پي پي) رٿابندي، ترقي ۽ خصوصي قدمن واري وفاقي وزير احسن اقبال يوم آزادي جي 79 هين سالگرهه تي

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

پاڪ فوج پاران جشن آزادي جي موقعي تي سڄي ملڪ ۾ جهنڊو ڦڙڪائڻ جون شاندار تقريبون منعقد

جنرل هيڊڪوارٽر ۽ هٿياربند فوج جي سمورن هيڊڪوارٽرز ۾ جهنڊو ڦڙڪائڻ جون تقريبون، قومي تراني جي گونج

ملڪي دفاع، سلامتي ۽ خودمختياري لاءِ حياتين جو نذرانو پيش ڪندڙ شهيدن کي زبردست خراج عقيدت پيش

پاڪستان جو دفاع فتح نه ٿيڻ جوڳو بڻائڻ لاءِ پاڪ فوج جو هر آفيسر ۽ جوان پرعزم آهي: خطاب

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان جي آزادي جي ڏهاڙي جي موقعي تي پاڪ فوج طرفان سڄي ملڪ ۾ جهنڊو ڦڙڪائڻ جون شاندار تقريبون منعقد ڪيون ويون يوم آزادي جي موقعي تي جنرل هيڊڪوارٽر ۾

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

قائداعظم جو رواداري، پرامن سياسي جدوجهد ۽ جمهوريت تي ٻڌل ويژن قوم لاءِ مشعلِ راهه آهي: بلاول ڀٽو زرداري

شهيد بينظير ڀٽو جو مفاهمت ۽ آمريت خلاف مزاحمت وارو فلسفو پيپلز پارٽي جي بنيادي قدرن جو حصو آهي

صدر آصف زرداري جي پاڪستان جي خوشحالي ۽ قومي هم آهنگي واري بصيرت کي خراج تحسين پيش ڪريان ٿو

اڄ ته اهڙي پاڪستان لاءِ اڳتي وڌندا رهون، جتي جمهوريت مضبوط هجي، هر شهري برابر هجي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ملڪ جي 79 هين آزادي جي ڏهاڙي

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: يادگار فتح جي افتتاحي تقريب ۾ فيلڊ مارشل عاصم منير شهداءَ جي وارث عورتن جي مٿي تي شفقت جو هٿ رکي رهيو آهي

پرنسپل انفارميشن آفيسر رئيسه عادل پاران آزادي جي ڏهاڙي تي قوم کي دلي مبارڪباد پيش

اسلام آباد (اي پي پي) پرنسپل انفارميشن

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم جي صلاحڪار محمد علي پاران يوم آزادي جي موقعي تي قوم کي مبارڪون پيش

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم جي نجڪاري بابت صلاحڪار نجڪاري

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

سنڌ اسيمبلي ۾ يوم آزاديءَ تي پروقار خاص اجلاس، جهنڊو ڦڙڪائڻ واري تقريب منعقد

گورنر نهال هاشمي، ڊپٽي اسپيڪر انٿوني نويد، مملڪتي وزير ڪيئل داس ڪوهستاني ۽ صوبائي ميمبرن جي شرڪت

پاڪستان جي يوم آزاديءَ جي حوالي سان ايم پي اي جميل احمد سومرو طرفان ٺهراءُ پيش ڪيو ويو

ٽرايجوڪيشن الائنس پاران ناهيل چانڊيو اينڊ ايڊوليسنٽس پارليامينٽ جي نوجوانن اجلاس ۾ خصوصي شرڪت ڪئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ اسيمبلي ۾ يوم آزاديءَ جي موقعي تي هڪ پروقار خاص اجلاس ۽ جهنڊو ڦڙڪائڻ واري تقريب ٿي، جنهن جي صدارت سنڌ اسيمبليءَ جي اسپيڪر سيد اويس قادر

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: جشن آزادي جي سلسلي ۾ سنڌ اسيمبلي ۾ دعا ڪئي پئي وڃي

صدر آصف زرداري وزيراعظم پاران موڪليل ڪيترن ئي سمرين جي منظوري ڏئي ڇڏي

هٿياربند فوج ۽ سول آرمڊ فورسز جي 1172 اهلڪارن کي فوجي اعزاز ڏيڻ جي منظوري ڏني وئي

ملڪ ۾ مختلف سول شعبن سان تعلق رکندڙ شهرين کي قومي اعزاز ڏيڻ جي پڻ منظوري

آزادي جي ڏهاڙي ۽ عيد ميلادالنبي صہ جي موقعي تي اهل قيدين جي سزائن ۾ 100 ڏينهن جي خصوصي معافي منظور

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري وزيراعظم پاران موڪليل ڪيترين ئي سمرين جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

جشن آزادي جي موقعي تي اسلام آباد ۾ 31 ۽ صوبائي گادي وارن هنڌن تي 21، 21 توپن جي سلامي

پاڪستان جي آزادي واري ڏهاڙي تي سڄي ملڪ ۾ قومي جوش ۽ جذبي سان تقريبون منعقد ڪيون ويون

توپن جي سلامي دوران اسلام آباد جي فضا الله اڪبر جي نعرن سان گونجڻ لڳي، پاڪستان زنده آباد جا نعرا

ڪراچي، لاهور، ڪوئيٽا، پشاور، گلگت بلتستان ۽ مظفر آباد آزاد ڪشمير ۾ به پاڪ فوج جي جوانن توپن جي سلامي ڏني

اسلام آباد (اي پي پي)پاڪستان جي 79 هين جشن آزادي جي موقعي تي وفاقي

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

مستونگ ۾ صوبائي گهرو وزير جي سيڪيورٽي اسڪواڊ تي حملو، 6 اهلڪار زخمي

قلات کان ڪوئيٽا ويندڙ گهرو وزير ضياءُ لانگو جي اسڪواڊ تي هٿياربندن فائرنگ ڪئي

مقابلي دوران سيڪيورٽي اسڪواڊ جا 6 اهلڪار زخمي، بزدلاڻي حملي سان ڊيڄاري نٿو سگهجي

مستونگ (مر د)صوبائي گهرو وزير ضياءُ لانگو جي سيڪيورٽي اسڪواڊ تي هٿياربندن جي فائرنگ، 6 اهلڪار زخمي

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

سنڌ اطلاعات کاتي جي آفيس ۾ جشن آزادي تقريب، قومي جهنڊو ڦڙڪايو ويو

سيڪريٽري ڪاشف گلزار شيخ، ڊائريڪٽر معيز الدين پيرزاده ۽ ٻين آفيسرن گڏجي ڪيڪ ڪاٽيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي اطلاعات

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

آزادي هڪ عظيم نعمت آهي ۽ ان جو قدر ۽ حفاظت اسان جي گڏيل ذميواري آهي: گيلاني

سينيٽ چيئرمين پاران يوم آزادي جي موقعي تي يادگار پاڪستان تي قومي جهنڊو ڦڙڪايو ويو

اسلام آباد (اي پي پي) سينيٽ چيئرمين

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

ڪشمير ۽ ٻين مسئلن جي حل لاءِ ڳالهين ۽ سفارتڪاري ئي واحد رستو آهي: اسحاق ڊار

پاڪستان هميشه قومن وچ ۾ امن، ڳالهين، سهڪار ۽ هڪ ٻئي جي احترام جو علمبردار رهيو آهي

جمون ۽ ڪشمير جو تڪرار، جيڪو اسان جي خطي ۾ بدامني جو هڪ اهم سبب آهي

اسلام آباد (مر د)نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير اسحاق ڊار اسلام آباد مفاهمتي يادداشت تي ان جي روح ۽ متن موجب

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: وڏو وزير سيد مراد علي شاهه ۽ گورنر نهال هاشمي قائداعظم جي مزار تي حاضري بعد ميڊيا سان ڳالهائي رهيا آهن

چنيوٽ ۾ جشن آزادي جي موقعي تي موٽرسائيڪل سوارن کي 5-5 ليٽر مفت پيٽرول ڏنو ويو

چنيوٽ (اي پي پي) پاڪستان جي 79 هين جشن آزادي جي موقعي تي چنيوٽ ۾

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

صدر ۽ وزيراعظم پاران بلوچستان اسيمبلي جي اسپيڪر سان سندس پٽ لاڏاڻي تي ڏک جو اظهار

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري ۽ وزيراعظم محمد شهباز شريف

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

افغانستان جي سرزمين لڳاتار پاڪستان ۾ دهشتگردي لاءِ استعمال ٿي رهي آهي: محسن نقوي

گهرو وزير جي ناروي جي پرڏيهي وزير سان ملاقات ۾ مختلف شعبن ۾ سهڪار وڌائڻ تي اتفاق ڪيو ويو

افغانستان جي صورتحال ۽ اتي موجود پابندي مڙهيل تنظيمن جي سرگرمين تي پڻ تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ

اسلام آباد (مر د)وفاقي گهرو وزير محسن نقوي جو چوڻ آهي ته افغانستان جي سرزمين مسلسل پاڪستان ۾ دهشتگردي لاءِ استعمال ٿي رهي آهي. وفاقي گهرو وزير محسن نقوي سان ناروي جي پرڏيهي وزير

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: جشن آزادي ريلي کي راول شرجيل خطاب ڪري رهيو آهي

پاڪستان جو قيام ننڍي کنڊ جي مسلمانن جي اجتماعي قومي امنگن جو مظهر آهي: آزاد ڪشمير جو وزيراعظم

14 آگسٽ 1947ع هڪ تاريخ ساز ڏينهن هو ان ڏهاڙي علامه اقبال جي خواب جي تعبير ٿي

پنهنجي رت سان اسان جي لاءِ هن ملڪ جي بقاءَ جي جنگ وڙهندڙ اسان جي بزرگن خراج عقيدت پيش ڪريون ٿا

ڀارت والاريل ڪشمير جي عوام کي طاقت جي زور تي دٻائڻ چاهي ٿو پر ڪشمير ضرور آزاد ٿيندو: فيصل ممتاز راٺوڙ

مظفرآباد (اي پي پي) آزاد ڪشمير جي وزيراعظم فيصل ممتاز راٺوڙ چيو آهي ته پاڪستان جو قيام ننڍي کنڊ جي مسلمانن جي اجتماعي قومي امنگن جو مظهر آهي 14 آگسٽ 1947ع هڪ تاريخ ساز ڏينهن

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد جو ناميارو وڪيل، واپاري ۽ سماجي شخصيت سيد شاڪر جعفري لاڏاڻو ڪري ويو

سندس وفات جي خبر سان دوستن، مٽن مائٽن، واپاري ۽ وڪيل برادري ۾ سوڳ جي لهر ڇانئجي وئي

اڳوڻي ايم اين اي قاضي اسد عابد ۽ پ پ اڳواڻ قاضي اشهد عباسي پاران گهري ڏک جو اظهار

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) نامياري وڪيل، واپاري ۽ سماجي شخصيت سيد شاڪر جعفري 90سالن جي ڄمار ۾ لاڏاڻو ڪري ويو مرحوم جي جنازي نماز ڪينٽ قبرستان حيدرآباد ۾ ادا ڪئي وئي، مرحوم جوٽڏو حيدرآباد جي ڊفينس پلازه ۾ رچايو ويو آهي پ پ فيڊرل ڪائونسل جي ميمبر اڳوڻي ايم اين اي قاضي اسد عابد ۽ ڪينٽونمينٽ بورڊ حيدرآباد ۾ اپوزيشن ليڊر ۽ پ پ اڳواڻ قاضي اشهد عباسي نامياري

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

UNITED NATIONS INDUSTRIAL DEVELOPMENT ORGANIZATION Progress by innovation
SEDF Sindh Enterprise Development Fund Investment Department Government of Sindh Empowering Entrepreneurs
Funded by the European Union

پروجيڪٽ تجويزون گهرائجن ٿيون

UNIDO-PAIDAR & SEDF انٽرپرائز گرانٽ اسڪيم

ننڍن ۽ وچولي درجي جي ڪاروبار (SMEs) لاءِ

سنڌ انٽرپرائز ڊولپمينٽ فنڊ (SEDF)، گڏيل قومن جي صنعتي ترقي جي تنظيم (UNIDO) سان پائيواري ۾ ۽ يورپي يونين جي مالي سهڪار سان جاري PAIDAR پروگرام تحت پاڪستان جي اهل ننڍي ۽ وچولي درجي جي ادارن (SIMEs)، ڪاروباري مالڪن، ڪوآپريٽو سوسائٽيز ۽ ايسوسيئيشنز کان انٽرپرائز گرانٽ اسڪيم لاءِ جديد ۽ تخليقي منصوبي جي تجويزن جي گهر ڪري ٿو. هن گرانٽ اسڪيم جو مقصد اهل ڪاروبارن، ڪاروباري مالڪن کي انهن جي ڪاروبار کي وڌائڻ، ترقي ۽ پائيدار روزگار جا موقعا پيدا ڪرڻ لاءِ ضروري وسيلا فراهم ڪرڻ آهي، جنهن سان وسيلن کان محروم برادرين جي معاشي بهتري ممڪن ٿي بڻائي سگهجي.

اهل ضلعا
لاڙڪاڻو
ٺٽو
سجاول
بدين
ٿرپارڪر

اهل شعبا
- ڪچري جي ري سائيڪلنگ، تلفي ۽ حياتياتي فضلي (Bio-waste) جو اثرائتو استعمال (ري سائيڪنگ، ضمني مصنوعات، قابل تجديد وسيلا وغيره
- جدت، ٽيڪنالاجي، آءِ ٽي سسٽمز ۽ سائنس ۽ ٽيڪنالاجي متعلق منصوبا
- عورتن جي اڳواڻي ۾ ڪاروباري ادارا
- تحقيق ۽ ترقي (Research & Development - R&D)
- فشريز ۽ مڇي پالڻ

وڌ کان وڌ گرانٽ سهڪار
35 ملين روپين تائين

فمڊنگ فريم ورڪ
SME پائيواري 30% يا وڌيڪ
سنڌ انٽرپرائز ترقي فنڊ 35%
UNIDO 35%

وڌيڪ ڄاڻ ۽ رهنمائي لاءِ
Email: egrants@sedf.gos.pk

درخواست ڏيڻ جو طريقو
SEDF گرانٽ پورٽل ملاحظ فرمايو:
https://portal.sedf.gos.pk/Grants

درخواست جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ
15 سيپٽمبر، 2026

پائيدار PAIDAR
QR ڪوڊ اسڪين ڪريو ۽ پورٽل وزٽ ڪريو
INF/KRY/3366/26

Call Us: (021) 99225184-86
info@sedf.gos.pk sedfgovtofsindhofficial SindhEnterpriseDevelopmentFund/ company/sindh-enterprise-development-fund/

[redacted]

مواصلات واري وزارت مان جاري بيان ۾ وفاقي وزير عبدالعليم خان چيو تہ پاڪستان جو قيام ننڍي کنڊ جي مسلمانن جي عظيم جدوجهد ۽ قربانين جو ثمر آهي. اڄوڪو ڏينهن اسان کي اتحاد، ايمان ۽ نظم ۽ ضبط جي اصولن تي ڪاربند رهڻ جو درس ڏئي ٿو. هن چيو تہ ملڪي ترقي، خوشحالي ۽ استحڪام لاءِ سڄي قوم کي متحد ٿي ڪردار ادا ڪرڻو پوندو. ملڪي سرحدن جي حفاظت پاڪ فوج جي لازوال قربانين جو نتيجو آهي. عبدالعليم خان پنهنجي پيغام ۾ يوم آزادي تي شهيدن، غازين ۽ سندن عظيم خاندانن کي خراج عقيدت پيش ڪندي چيو تہ پاڪستان مضبوط هٿن ۾ آهي، قوم کي پنهنجي مستقبل جي حوالي سان پراميد رهڻ گهرجي. هن دعا ڪئي تہ الله تعاليٰ پاڪستان کي امن، استحڪام، ترقي ۽ خوشحالي جي راهہ تي گامزن رکي. عبدالعليم خان چيو تہ اڄوڪي ڏينهن تي اسان کي پاڪستان کي قائداعظم جي ويزن موجب مضبوط ۽ خوشحال بڻائڻ جو وچن ڪرڻو پوندو.

[redacted]

لاءِ ڪا بہ قرباني ڏيڻ کان نہ ڪيٻائيندو. اڄ، پاڪستان دنيا ۾ امن جي هڪ مضبوط، پرعزم، باوقار ۽ طاقتور آواز طور سڃاتو وڃي ٿو. پنهنجي پيغام ۾ هن چيو تہ دل جي گهراين سان، مان پاڪستان ۽ ٻاهرين ملڪن ۾ سڀني هم وطنن کي آزادي جي ڏينهن جون مبارڪون ڏيان ٿو! اڄ، پاڪستان جي آزادي جي 79 سال مڪمل ٿيڻ جي مبارڪ موقعي تي مان سڀني هم وطنن کي دل جي گهراين سان مبارڪباد پيش ڪريان ٿو. اسان لاءِ اهو اعزاز ۽ فخر جو مقام آهي تہ بابائي قوم، قائداعظم محمد علي جناح، مفڪر پاڪستان، شاعر مشرق، علامہ محمد اقبال ۽ ٻين ڪيترن ئي عظيم ۽ بي مثال اڳواڻن آزادي جي جدوجهد ۾ حصو ورتو. اڄ، هڪ قوم جي حيثيت سان، اسان آزادي جي تحريڪ جي اڳواڻن، ڪارڪنن ۽ ابن ڏاڏن کي سلام پيش ڪريون ٿا. هن چيو تہ قائداعظم محمد علي جناح جي دانشمند ۽ بصيرت واري قيادت، اسان جي ابن ڏاڏن جي عظيم قربانين، آزادي جي تحريڪ جي اڳواڻن جي بي مثال عزم ۽ الله تعاليٰ جي بي پناهہ فضل ۽ رحمت جي مهرباني، هڪ آزاد رياست جو خواب ساڀيان ٿيو. آزادي جي تحريڪ جي سڀني اڳواڻن جي پرجوش سياسي جدوجهد هندستان جي مسلمانن کي هڪ آزاد وطن جي مطالبي تي متحد ڪيو. اسان جي ابن ڏاڏن لازوال قربانين، مشڪلاتن ۽ مصيبتن جي هڪ ڪهاڻي ناهي ۽ آزادي جي جدوجهد ڪامياب ٿي، 14 آگسٽ 1947 تي، اسان کي هڪ اهڙي زمين ڏني وئي جتي اسان عزت ۽ وقار سان ۽ مذهبي ۽ ثقافتي قدرن جي مطابق هڪ آزاد قوم جي حيثيت سان رهي سگهون ٿا. پاڪستان جي سرزمين، اسلامي تعليمات ۽ قوم جي پيءُ جي نظرين جي تابع، رنگ يا نسل کان سواءِ سڀني شهرين لاءِ مڪمل آزادي جي ضمانت ڏئي ٿي. پاڪستان جو آئين ۽ قانون سڀني شهرين جي حقن جي ضمانت ڏين ٿا. وزيراعظم چيو تہ پاڪستان جو ترقي ۽ خوشحالي جو سفر هڪ روشن مستقبل ڏانهن وڌي رهيو آهي. دفاع، معيشت، صنعت ۽ دستڪاري، عدليہ، ميڊيا، راندين، تعليم ۽ مهارتن، عالمن، دانشورن، استادن، سائنسدانن، زراعت ۽ زراعت ۽ موجوده دور جي جديد شعبن سميت، پاڪستاني مرد ۽ عورت پنهنجي ڪوشش سان عزم ۽ تخيل جو هڪ باب لکيو آهي. اسان جا باصلاحيت نوجوان، ماهر افرادي قوت، بهترين پيشه ور، محنتي هاري ۽ محنتي مزدور ملڪ ۽ قوم جي روشن مستقبل جا ضامن آهن. پاڪستان جي حڪومت گذريل اڍائي سالن ۾ تمام ڏکين مرحلن کي پار ڪرڻ کان پوءِ هڪ مستحڪم معيشت جو مقصد حاصل ڪيو آهي ۽ هاڻي ڪاميابي سان هڪ ترقي يافتہ معيشت جي منزل ڏانهن وڌي رهي آهي. گذريل ٻن سالن دوران، ٻاهرين ملڪن ۾ رهندڙ پاڪستانين کان موڪليل رقم ۾ 11.3 بلين ڊالر جو اضافو ٿيو جيڪو حڪومتي پاليسين تي ٻاهرين ملڪن ۾ رهندڙ پاڪستانين جي مسلسل اعتماد جو عڪس آهي. شهباز شريف چيو تہ جديد انفارميشن ٽيڪنالاجي سان ليس، ڊگهي مدي واري صنعتي ۽ زرعي ترقي، عوامي ڀلائي جا منصوبا، روزگار جا موقعا، عالمي معيار جي تعليم ۽ مهارت جو نظام اسان جي اولين ترجيحن ۾ شامل آهن. اسان جي بهادر فوجن هر مشڪل ۾ ۽ دشمن جي هر حملي جي جواب ۾ مادر وطن جي دفاع ۾ پنهنجي ناقابل تسخيريت ثابت ڪئي آهي. پاڪستان کي پنهنجي هٿياربند فوجن تي فخر آهي. حق جي جنگ ۾، هٿياربند فوجن فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جي اڳواڻي ۾ اتحاد، عزم ۽ بي مثال بهادري جو مظاهرو ڪندي پياري وطن جي دفاع ۽ شان جي هڪ نئين تاريخ رقم ڪئي. پاڪستان پنهنجي دفاع ۽ قومي مفادن جي تحفظ لاءِ ڪنهن بہ قرباني ڏيڻ کان نہ ڪيٻائيندو. جنهن ۾ پاڻي جا وسيلا بہ شامل آهن. اڄ، پاڪستان کي دنيا ۾ امن جي هڪ مضبوط، پرعزم، باوقار ۽ طاقتور آواز طور سڃاتو وڃي ٿو. خطي جي مشڪل ۽ چئلينجن واري علائقائي صورتحال ۾ پاڪستان خطي ۾ استحڪام جي هڪ ذميوار ۽ ضامن طور اڀريو آهي، جيڪو امن، استحڪام ۽ علائقائي تعاون کي فروغ ڏيڻ ۾ تعميري ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. هن چيو تہ مڪي ۾ پاڪستان، سعودي عرب ۽ ترڪي جي وچ ۾ ٿيل گڏيل دفاعي معاهدو پاڪستان جي وڌندڙ اسٽريٽجڪ ڪردار ۽ خطي ۾ اڀرندڙ طاقت جو هڪ اهم مظهر آهي. پاڪستان مظلوم فلسطيني عوام ۽ جمون ۽ ڪشمير جي ان جي ڀيڻن ۽ ڀائرن سان پنهنجي مڪمل يڪجهتي جو اظهار ڪري ٿو ۽ انهن لاءِ پنهنجي غير متزلزل اصولي حمايت کي ورجائي ٿو. ڏکڻ ايشيا ۾ پائيدار امن جي ضمانت گڏيل قومن جي قراردادن، بين الاقوامي قانونن ۽ ڪشميرين جي خواهشن جي مطابق جمون ۽ ڪشمير جي سفارتي حل ۾ آهي. اڄ، آزادي جي ڏينهن تي، پوري قوم هٿياربند فوج جي بهادر سپاهين، قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي بهادر سپاهين، غازين ۽ سڀني شهيدن جي مقروض آهي جن قوم جي مستقبل لاءِ پنهنجون جانيون قربان ڪيون. هن وڌيڪ چيو تہ اچو تہ اڄ پنهنجي قومي عزم کي تجديد ڪريون تہ اسان پاڪستان جي سرزمين جي ترقي ۽ خوشحالي، امن ۽ استحڪام ۽ باهمي هم آهنگي ۽ اتحاد لاءِ گڏجي ڀرپور طريقي سان ڪم ڪنداسين. اڄ، مان پوري قوم کي، سڀني طبقن ۽ سياسي پارٽين سميت، خلوص دل سان پيش ڪريان ٿو تہ گڏجي ملڪ جي سالميت، قومي مفادن جي تحفظ ۽ واڌاري لاءِ تعميري ڪم ڪن. ۽ الله تعاليٰ پاڪستان کي دنيا ۾ عزت ۽ وقار جي علامت بڻائي ۽ ان کي ڪاميابي سان نوازي، آمين!

[redacted]

لعنت جي مڪمل خاتمي جي عزم جو ورجاءُ ڪيو آهي. ايوان صدر جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم محمد شهباز شريف صدر آصف علي زرداري سان جمعي ڏينهن هتي ايوان صدر ۾ ملاقات ڪئي. وزيراعظم صدر کي آزادي جي ڏهاڙي جي مبارڪباد ڏني. ملاقات ۾ نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار، گهرو معاملن ۽ منشيات جي خاتمي واري وفاقي وزير سيد محسن رضا نقوي، پنجاب اسيمبلي جو اسپيڪر ملڪ محمد احمد خان ۽ سينيٽر شيري رحمان پڻ موجود هئا. وزيراعظم صدر کي مڪہ مڪرمہ ۾ سعودي عرب، ترڪيہ ۽ پاڪستان جي وچ ۾ طئي ٿيندڙ تاريخي امن معاهدي جي حوالي سان آگاهہ ڪيو. صدر دفاعي تعاون، علائقائي امن ۽ استحڪام ۽ مسلمان امت جي سلامتي جي فروغ جي حوالي سان ٽہ ڌريي امن معاهدي تي موثر عملدرآمد جي لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو. صدر زرداري سعودي عرب، ترڪيہ ۽ پاڪستان جي پراڻي ڀائراڻي لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط اسٽريٽجڪ حصيداري ۾ آڻڻ جي لاءِ وزيراعظم محمد شهباز شريف ۽ فيلڊ مارشل ۽ چيف آف ڊفينس فورسز جنرل سيد عاصم منير جي ڪوشش کي ساراهيو. ملاقات ۾ اندروني ۽ ٻاهرين معاملن سميت فتنہ الهندستان ۽ فتنہ الخوارج جي دهشتگردن جي خلاف ڪارروائين ۾ پاڪستان جي هٿياربند فوج ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي پيشيوراڻي صلاحيتن کي خراج تحسين پيش ڪيو ويو ۽ ملڪ مان دهشتگردي جي لعنت جي مڪمل خاتمي جي عزم جو ورجاءُ ڪيو ويو. صدر موجوده علائقائي صورتحال جي ڏس ۾ عوام کي درپيش معاشي مشڪلاتن ۾ ريليف فراهم ڪرڻ، ضرورت جي شين جي بنا رڪاوٽ فراهمي ۽ انهن کي مناسب اگهن تي دستياب بڻائڻ جي لاءِ موثر قدمن جي ضرورت تي زور ڏنو. صدر ان اميد جو اظهار ڪيو تہ علائقائي ۽ عالمي امن جي فروغ جي لاءِ پاڪستان جي موثر سفارتي ڪوشش سان ملڪ جي عالمي مقام کي وڌيڪ سگهہ ملندي ۽ ان جا مثبت اثر ملڪي معيشت ۽ عوام جي زندگين تي پوندا.

[redacted]

واري وفاقي سيڪريٽري اشفاق احمد خليل قوم کي آزادي جي ڏهاڙي جي مبارڪباد ڏيندي چيو آهي تہ هي موقعو پاڪستان جي تخليق جي لاءِ وڏڙن جي قربانين جي ياد ڏياري ٿو. جمعي ڏينهن جاري پنهنجي پيغام ۾ اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي سيڪريٽري چيو تہ گذريل سال پاڪستان جي لاءِ اهم رهيو. ملڪ اندروني ۽ ٻاهرين ٻنهي محاذن تي وڏيون ڪاميابيون حاصل ڪيون. هن چيو تہ عالمي فورمز تي پاڪستان جي سفارتي سڃاڻپ مضبوط ٿي آهي ۽ ان اڀرائي جو سبب حڪومت جون پاليسيون آهن. هن چيو تہ سفارتي طور تي پاڪستان جي مثبت تشخص کي پڻ هٿي ملي آهي ۽ حڪومت جي پاليسين ان ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. هن نوجوان طبقي تي زور ڀريو تہ ملڪ جي ترقي ۾ فعال ڪردار ادا ڪن. هن چيو تہ حڪومت نوجوان نسل جي لاءِ مختلف قدم متعارف ڪرايا آهن ۽ اميد ظاهر ڪئي آهي تہ نوجوان انهن موقعن مان فائدو کڻندا ۽ قومي ترقي ۾ بامعنيٰ ڪردار ادا ڪندا. اشفاق احمد خليل چيو تہ اطلاعات ۽ نشريات واري وزارت جي هڪ پراڻي ذميواري آهي تہ اها عوام تائين تصديق ٿيل معلومات جي وقت سر فراهمي کي يقيني بڻائي. هن چيو تہ جعلي خبرن ۽ غلط معلومات جي وڌندڙ ڦهلاءُ جي وچ ۾ ڊيجيٽل دور ۾ اها ذميواري وڌيڪ اهم ٿي وئي آهي. هن ان عزم جو اظهار ڪيو تہ وزارت ماڻهن کي معتبر ۽ حقيقتن تي ٻڌل معلومات فراهم ڪرڻ جي لاءِ پنهنجون ڪوششون جاري رکندي

[redacted]

ڪابينا جي ميمبرن ۽ اعليٰ سرڪاري آفيسرن سان گڏجي پاڪستان جي آزاديءَ جي ڏهاڙي جي موقعي تي مزار قائد تي حاضري ڀري ۽ قائداعظم محمد علي جناح کي ڀرپور خراج عقيدت پيش ڪيو. آزاديءَ جي ڏهاڙي جي تقريب جي شروعات مزار قائد تي قومي جهنڊو ڦڙڪائڻ سان ٿي. گورنر سنڌ ۽ وزيراعليٰ سنڌ گڏيل طور قومي جهنڊو ڦڙڪايو. جڏهن تہ پاڪ بحريہ جي چست جٿي سلامي ۽ گارڊ آف آنر پيش ڪيو. وزيراعليٰ سنڌ ۽ گورنر سنڌ مزار قائد تي گلن جون چادرون چاڙهيون، فاتحہ خواني ڪئي ۽ پاڪستان جي سلامتي، استحڪام، خوشحالي ۽ ترقي لاءِ خصوصي دعا ڪئي. ٻنهي اڳواڻن مهمانن جي ڪتاب ۾ پنهنجا تاثرات پڻ قلمبند ڪيا. ميڊيا سان ڳالهائيندي وزيراعليٰ مراد علي شاهہ چيو تہ اڄ قوم مزار قائد تي پاڪستان سان وفاداريءَ جي عزم جي تجديد ۽ ملڪ جي سلامتي، اتحاد ۽ ترقي لاءِ دعا ڪرڻ لاءِ گڏ ٿي آهي. هن چيو تہ پاڪستان جي قيام واري جدوجهد ۾ سنڌ تاريخي ۽ اڳواڻي وارو ڪردار ادا ڪيو. سنڌ اسيمبلي اها پهرين قانون ساز اسيمبلي هئي، جنهن 3 مارچ 1943ع تي پاڪستان جي حق ۾ قرارداد منظور ڪئي. وزيراعليٰ چيو تہ قائداعظم جي اصولن اتحاد، ايمان ۽ نظم و ضبط تي عمل ڪندي ملڪ جي ترقي ۽ استحڪام لاءِ گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو. پاڪستان جي سرحدن سان گڏ انهن نظرين ۽ بنيادن جو دفاع ڪرڻ بہ اسان جي ذميواري آهي، جن تي هي ملڪ قائم ٿيو. مراد علي شاهہ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ شهيد محترمہ بينظير ڀٽو جي پاڪستان جي مضبوطي ۽ خودمختياري لاءِ خدمتن کي پڻ خراج تحسين پيش ڪيو. هن چيو تہ ذوالفقار علي ڀٽو پاڪستان کي ايٽمي طاقت بڻائڻ ۾ تاريخي ڪردار ادا ڪيو. جڏهن تہ محترمہ بينظير ڀٽو ملڪ جي دفاعي صلاحيتن کي مضبوط ڪرڻ ۽ قومي مفادن جي تحفظ لاءِ اهم ڪردار ادا ڪيو. پارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري پڻ ڏکين حالتن ۾ عالمي فورمن تي پاڪستان جو مؤثر ڪيس پيش ڪيو. ان موقعي تي وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ صدر آصف علي زرداري، وزيراعظم شهباز شريف، فيلڊ مارشل سيد عاصم منير ۽ وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن ۽ سموري قوم کي آزاديءَ جي ڏهاڙي جون مبارڪون ڏنيون. هن هٿياربند فوجن، سياسي قيادت، مزدورن، هارين، نوجوانن ۽ معاشري جي سمورن طبقن قومي اتحاد ۽ عزم جو مظاهرو ڪيو آهي. وزيراعليٰ سنڌ والاريل جمون ۽ ڪشمير جي صورتحال تي ڳڻتي جو اظهار ڪندي ڪشميري عوام تي جاري ظلمن جي مذمت ڪئي ۽ خطي ۾ امن ۽ استحڪام لاءِ دعا ڪئي. هن فلسطيني عوام خلاف جاري تشدد ۽ ڏکيائين جي پڻ مذمت ڪندي فلسطينين ۽ ڪشميرين جي جائز حقن، امن ۽ انصاف جي حمايت جو اظهار ڪيو. آخر ۾ وزيراعليٰ سنڌ سڄي دنيا ۾ رهندڙ پاڪستانين کي آزاديءَ جي ڏهاڙي جون مبارڪون ڏيندي چيو تہ پاڪستان اسان سڀني جو ملڪ آهي، ان جي اتحاد کي برقرار رکڻ، ادارن کي مضبوط بڻائڻ ۽ روشن ۽ خوشحال مستقبل لاءِ ڀرپور ڪردار ادا ڪرڻ اسان سڀني جي گڏيل ذميواري آهي.

[redacted]

ايوان صدر جي پريس ونگ پاران جمعي ڏينهن جاري بيان موجب صدر هٿياربند فوج ۽ سول آرمڊ فورسز جي 1172 اهلڪارن کي فوجي اعزاز ڏيڻ جي منظوري ڏني آهي، مختلف سول شعبن سان تعلق رکندڙ شهرين کي قومي اعزاز ڏيڻ جي پڻ منظوري ڏني وئي آهي. صدر 17 آگسٽ تي قومي اسيمبلي جو اجلاس شام 5 وڳي ۽ سينيٽ جو اجلاس شام 4 وڳي طلب ڪرڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي. صدر آصف علي زرداري آزادي جي ڏهاڙي ۽ عيد ميلادالنبي ﷺ جي موقعي تي اهل قيدين جي سزائن ۾ 100 ڏينهن جي خصوصي معافي جي منظوري پڻ ڏني آهي.

[redacted]

ڪاتي جي سيڪريٽري ڪاشف گلزار شيخ، ڊائريڪٽر جنرل پبلڪ رليشنز ڊاڪٽر معيز الدين پيرزاده ۽ ٻين آفيسرن گڏجي جشنِ آزاديءَ جي موقعي تي سنڌ اطلاعات کاتي جي صدر آفيس ۾ پاڪستان جو جهنڊو ڦڙڪايو ويو ۽ جشنِ آزاديءَ جي مناسبت سان ڪيڪ ڪاٽيو ويو. آزاديءَ جي 79هين سالگرهہ جي موقعي تي سنڌ جي اطلاعات کاتي واري سيڪريٽري ڪاشف گلزار شيخ پوري قوم کي مبارڪباد پيش ڪئي. هن چيو تہ وطنِ عزيز کي حاصل ڪرڻ لاءِ اسان جي وڏڙن اڻ ڳڻيون قربانيون ڏنيون. آزادي هڪ نعمت آهي ۽ اسان کي الله تعاليٰ جو شڪر ادا ڪرڻ گهرجي جنهن اسان کي هڪ آزاد مملڪت سان نوازيو آهي. اسان کي بابائي قوم جي اصولن ”اتحاد، تنظيم ۽ يقين محڪم“ تي عمل پيرا ٿي ملڪ کي عالمي افق تي نمايان مقام ڏيارڻو آهي. ڊائريڪٽر جنرل پبلڪ رليشنز ڊاڪٽر معيز الدين پيرزاده چيو تہ آزادي هڪ وڏي نعمت آهي جنهن جو ڪو نعم البدل ناهي ۽ آزاد معاشرو ئي ملڪ جي ترقيءَ جو ضامن آهي. تقريب ۾ مختلف سيڪشنن جا ڊائريڪٽرز، ڊپٽي ڊائريڪٽرز، انفارميشن آفيسرز، سيڪشن آفيسرن ۽ عملي وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. تقريب لاءِ سنڌ اطلاعات کاتي جي آفيس کي خوبصورت سائين جهنڊين ۽ برقي روشنين سان سجايو ويو.

[redacted]

سيد يوسف رضا گيلاني پاڪستان جي يوم آزادي جي تقريبن جي سلسلي ۾ جمعي ڏينهن اسلام آباد ۾ يادگار پاڪستان تي قومي جهنڊو ڦڙڪايو. ان موقعي تي سينيٽ چيئرمين قومي جهنڊي کي سلامي ڏني ۽ پاڪستان جي ترقي ۽ خوشحالي لاءِ پنهنجي عزم جو اظهار ڪيو. هن چيو تہ آزادي هڪ عظيم نعمت آهي ۽ ان جو قدر ۽ حفاظت اسان جي گڏيل ذميواري آهي هن چيو تہ پاڪستان جي ترقي ۽ خوشحالي سڄي قوم جي گڏيل ذميواري آهي سينيٽ چيئرمين سيد يوسف رضا گيلاني ان ڳالهہ تي زور ڀريو تہ قومي اتحاد، جمهوري قدر، آئين جي بالادستي ۽ قانون جي حڪمراني ترقي جو بنياد آهن.

[redacted]

ايڊووڪيٽ سيد شاڪر جعفري جي لاڏاڻي تي ڏک جو اظهار ڪندي پوئيترن سان دلي تعزيت جو اظهار ڪيو آهي حيدرآباد جي سماجي، واپاري ۽ قانوني حلقن جي هڪ اهم شخصيت سيد شاڪر جعفري جي وفات جي خبر سان دوستن، مٽن مائٽن، واپاري برادري ۽ قانون جي شعبي سان لاڳاپيل ماڻهن ۾ ڏک ۽ سوگ جي لهر ڇانئجي وئي آهي. سيد شاڪر جعفري کي حيدرآباد جي مشهور وڪيل، ڪاروباري شخصيت ۽ سماجي اڳواڻ طور سڃاتو ويندو هو هو مختلف سماجي ۽ ڪاروباري حلقن ۾ پڻ سرگرم رهيو. حيدرآباد چيمبر آف ڪامرس اينڊ انڊسٽري جو اڳوڻو صدر پڻ رهيو آهي ۽ شهر جي ڪاروباري معاملن بابت پنهنجي راءِ ڏيندو رهيو. سندس شخصيت سان لاڳاپيل ماڻهن جو چوڻ آهي تہ شاڪر جعفري صاحب سان سندن پراڻو خانداني تعلق ۽ دوستي هئي ۽ هو ملنسار، خوش اخلاق ۽ سماجي لاڳاپن کي اهميت ڏيندڙ شخص طور ياد ڪيو ويندو. سندس وڇوڙي سان حيدرآباد هڪ تجربيڪار وڪيل، ڪاروباري شخصيت ۽ سماجي فرد کان محروم ٿي ويو آهي. دوستن ۽ واقفڪارن سندس خاندان سان دلي همدردي جو اظهار ڪندي مرحوم لاءِ مغفرت ۽ پوئيترن لاءِ صبر جي دعا ڪئي آهي. سيد شاڪر جعفري حيدرآباد چيمبر آف ڪامرس اينڊ انڊسٽري جو اڳوڻو صدر بہ رهي چڪو آهي.

[redacted]

هو جڏهن علامہ اقبال جي خواب جي تعبير ٿي. جشن آزادي جي موقعي تي پنهنجي خاص پيغام ۾ وزيراعظم چيو تہ جشن آزادي ۽ مڪہ دفاعي معاهده پاڪستان لاءِ وڏي اهميت وارو آهي. اڄ جو ڏينهن اسان جي بزرگن جي ان جدوجهد کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ جو ڏينهن آهي جڏهن هنن پنهنجي جان ۽ مال هن وطن جي آزادي لاءِ قربان ڪيو ۽ پنهنجي رت سان اسان جي لاءِ هن ملڪ جي بقاءُ جي جنگ وڙهي. وزيراعظم چيو تہ ڀارت والاريل ڪشمير جي عوام کي طاقت جي زور تي دٻائڻ چاهي ٿو پر هي ڏينهن اسان جي ڪشميري ڀيڻن ۽ ڀائرن جي عزم ۽ حوصلو ڏئي ٿو ۽ اميد ڏئي ٿو تہ آزادي جي جدوجهد ۾ انهن طرفان ڏنل قربانيون رائيگان نہ وينديون. هن چيو تہ پاڪستان حڪومت ، پاڪستاني عوامي ۽ پاڪ فوج جنهن عزم سان ڪشميرين جي سياسي، اخلاقي ۽ سفارتي حمايت جاري رکي آهي انشاءُ الله اهو ڏينهن پري ناهي جڏهن والاريل ڪشمير ڀارتي غير قانوني قبضي مان آزاد ٿيندو ۽ پوري رياست جمون ۽ ڪشمير جو الحاق پاڪستان سان ٿيندو.

[redacted]

ايسپن بارٿ ايڊي ملاقات ڪئي، جنهن دوران دهشتگردي جي روڪٿام، غيرقانوني لڏپلاڻ کي روڪڻ، پوليس جي تربيت ۽ گڏيل قانوني سهڪار سميت مختلف شعبن ۾ سهڪار وڌائڻ تي اتفاق ڪيو ويو. ملاقات دوران افغانستان جي صورتحال ۽ اتي موجود پابندي مڙهيل تنظيمن جي سرگرمين تي پڻ تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. ان موقعي تي گهرو وزير محسن نقوي چيو تہ افغانستان جي سرزمين مسلسل پاڪستان ۾ دهشتگردي لاءِ استعمال ٿي رهي آهي. محسن نقوي چيو تہ پاڪستان دنيا ۽ دهشتگردي جي وچ ۾ پٽ بڻجي بيٺو آهي. دهشتگردي جي مڪمل خاتمي لاءِ سڀني کي گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو.

[redacted]

ٿيا. ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر مستونگ پنهنجي بيان ۾ ٻڌايو تہ قلات کان ڪوئيٽا ويندي صوبائي گهرو وزير ضياءَ لانگو جي اسڪواڊ تي هٿياربندن فائرنگ ڪئي. فائرنگ جي ڏي وٺ دوران سيڪيورٽي اسڪواڊ جا 6 اهلڪار زخمي ٿي پيا. جڏهن تہ حملي ۾ ضياءَ لانگو محفوظ رهيا. بلوچستان جي گهرو وزير مير ضياءَ الله لانگو پنهنجي بيان ۾ چيو تہ اهڙي قسم جي بزدلاڻي حملي سان اسان جا حوصلا پست نہ ٿيندا. مون کي اهڙن پٽاخن سان ڊيڄاري نٿو سگهجي. پاڪستان زنده باد هو زنده باد آهي ۽ زنده باد رهندو.

[redacted]

شاهہ ڪئي. هن قومي جهنڊو ڦڙڪايو ۽ شرڪت ڪندڙن سان گڏ ملڪ جي سلامتي، ترقي ۽ خوشحاليءَ لاءِ خاص دعا ڪئي. سنڌ پوليس جي خاص گارڊز پاران اسپيڪر سيد اويس قادر شاهہ کي گارڊ آف آنر پيش ڪيو ويو. تقريب ۾ سنڌ جي گورنر سيد نهال هاشمي، ڊپٽي اسپيڪر انٿوني نويد، مذهبي معاملن بابت مملڪتي وزير کيئل داس ڪوهستاني ۽ صوبائي اسيمبليءَ جي ميمبرن، جن ۾ عورت ۽ اقليتي ميمبر پڻ شامل هئا، وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ڪارروائيءَ جي شروعات تلاوت ڪلام پاڪ، قومي ترانو ۽ دعا سان ڪئي وئي. اسپيڪر قوم کي يوم آزاديءَ جون مبارڪون ڏنيون. پاڪستان جي يوم آزاديءَ جي حوالي سان ايم پي اي جميل احمد سومرو ٺهراءُ پيش ڪيو ۽ ٺهراءُ جي حوالي سان ايوان کي خطاب پڻ ڪيو. ان موقعي تي وڏي وزير سنڌ جي خاص مددگار شام سندر آڏواڻي، صوبائي اسيمبليءَ جي ميمبرن هير سوهو، محمد راشد خان، مخدوم فخر زمان، صابر حسين قائم خاني، محمد آصف خان، خرم ڪريم سومرو، ڊاڪٽر فوزيہ حميد، سعديہ جاويد ۽ محمد فاروق سميت ٻين ميمبرن پڻ خيالن جو اظهار ڪيو. بعد ۾ چلڊرن اينڊ ايڊوليسنٽس پارليامينٽ جي نوجوان پارليامينٽيرينز تقريرون ڪيون. اهي نوجوان ٽر ايجوڪيشن الائنس پاران ٺاهيل چلڊرن اينڊ ايڊوليسنٽس پارليامينٽ سان لاڳاپيل آهن. جيڪو يونيسيف ۽ ريفارم سپورٽ يونٽ جي سهڪار سان نوجوانن کي پارلياماني عمل، جمهوري قدرن ۽ اظهار جي آزادي جا موقعا فراهم ڪري ٿو. تقرير ڪندڙن ۾ سميہ عدنان، چيف منسٽر چلڊرن اينڊ ايڊوليسنٽس پارليامينٽ، زينب خان سمون، مخالف ڌر اڳواڻ، عليزه اويس، اڳوڻي وزير براءِ ڊيٽا ڊرائيون ايڊووڪيسي، مسڪان ملاح، اڳوڻي اسپيڪر سنڌ چلڊرن اينڊ ايڊوليسنٽس پارليامينٽ ۽ لوويت ڪمار، اڳوڻو ميمبر چلڊرن اينڊ ايڊوليسنٽس پارليامينٽ شامل هئا. تقريرن کان پوءِ شرڪت ڪندڙن قومي جهنڊا هٿن ۾ کڻي ”پاڪستان زنده باد“ جا نعرا هنيا. ڇهاٽي واري تقرير صائم آغا، هالار وسان، محمد شبير قريشي ۽ امداد علي پتافي ڪئي ۽ اسپيڪر جي ان ڪوشش کي ساراهيو تہ يوم آزاديءَ جي موقعي تي نوجوانن ۽ شاگردن کي پنهنجن خيالن جي اظهار جو ڀرپور موقعو فراهم ڪيو ويو. هي خاص اجلاس شموليت، قومي ٻڌي ۽ باني پاڪستان جي ويزن جي عملي عڪاسي هو. آخر ۾ اسپيڪر سيد اويس قادر شاهہ معزز ميمبرن ۽ مهمان شاگردن سان گڏ يوم آزاديءَ جو ڪيڪ پڻ ڪٽيو. جنهن سان ايوان ۾ جشنِ آزاديءَ جي خوشين ۽ جذبي ۾ وڌيڪ اضافو ٿيو

[redacted]

پنهنجي پيغام ۾ قوم کي پاڪستان جي يوم آزادي جون دلي مبارڪون ڏيندي چيو آهي تہ يوم آزادي اسان لاءِ خوشي، شڪر گذاري، فخر ۽ عزم ورجائڻ جو ڏينهن آهي. وزارت مان جمعي ڏينهن جاري بيان ۾ وفاقي وزير چيو تہ اڄوڪو ڏينهن الله تعاليٰ جي حضور ۾ شڪر ڪرڻ ۽ قومي ڪاميابين تي خوشيون ملهائڻ جو ڏينهن آهي. احسن اقبال چيو تہ اسان حق جي ويڙهہ ۾ ڪاميابين تي الله تعاليٰ جو شڪريو مڃيندي يوم آزادي جو جشن ملهائي رهيا آهيون. هن چيو تہ اڄ اسان کي آزادي جي حفاظت سان معرڪ معيشت ۾ بہ پاڪستان جي صلاحيت مڃرائڻي آهي. اسان کي قوم جي حيثيت سان متحد ٿي معاشي ميدان ۾ پاڪستان کي هڪ مضبوط ۽ باوقار ملڪ بڻائڻ آهي. پاڪستان جي ترقي، خوشحالي ۽ معاشي خودمختياري لاءِ سڄي قوم کي متحد ٿي اڳتي وڌڻو پوندو. پروفيسر احسن اقبال چيو آهي تہ اڄ رڳو پاڪستان جي يوم آزادي جي 79 هين سالگرهہ نہ ملهائي رهيا آهيون پر پاڪستان جي باني قائداعظم محمد علي جناح ۽ علامہ اقبال جي 150 هين يوم پيدائش جون خوشيون بہ ملهائي رهيا آهيون. هن چيو تہ قائداعظم محمد علي جناح ۽ علامہ محمد اقبال هڪ آزاد ۽ خودمختيار پاڪستان جو خواب ڏٺو. يوم آزادي اسان کي قائداعظم محمد علي جناح ۽ علامہ محمد اقبال جي عظيم جدوجهد، بصيرت ۽ قربانين کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ جو موقعو فراهم ڪري ٿو. اسان کي قائداعظم جي اتحاد، ايمان ۽ نظم ۽ ضبط جي اصولن کي پنهنجي قومي زندگي جو حصو بڻائڻو پوندو. رٿابندي، ترقي ۽ خصوصي قدمن واري وفاقي وزير چيو تہ اڄوڪي ڏينهن اسان کي اهو چوڻ ڪرڻو آهي تہ اسان پاڪستان کي هڪ مضبوط، خوشحال، خودمختيار ۽ ترقي يافتہ ملڪ بڻائڻ لاءِ پنهنجي سمورين صلاحيتن کي استعمال ۾ آڻينداسين. هن چيو تہ آزادي جي حفاظت صرف سرحدن تي ناهي، معاشي، علمي، سائنسي ۽ ٽيڪنالاجي جي ميدانن ۾ ڪاميابي سان بہ ٿيندي آهي.

[redacted]

جي صدر ۽ وزيراعظم سان گڏ شهداءِ پاڪستان جي گهرڀاتين سان خصوصي ملاقات ڪئي. يادگار فتح جي شاندار افتتاحي تقريب دوران فيلڊ مارشل سيد عاصم منير، صدر ۽ وزيراعظم شهيدن ۽ غازين جي گهرڀاتين سان گهلي ملي ويا. فيلڊ مارشل سيد عاصم منير شهيدن جي پوئيترن سان ملاقات ۾ واضح ڪيو تہ شهيد اسان جي لاءِ فخر جو سبب آهن. فيلڊ مارشل سيد عاصم منير، صدر ۽ وزيراعظم شهيدن ۽ غازين جي گهرڀاتين جي ثابت قدمي ۽ ملڪ جي لاءِ قربانين کي خراج تحسين پيش ڪيو. عسڪري ۽ وفاقي قيادت جي شهيدن جي پوئيترن سان خصوصي ملاقات ان عزم جي عڪاس آهي تہ قوم هر موقعي تي پنهنجي شهيدن جي قربانين کي ياد رکي ٿي.

[redacted]

وطن سان محبت جو اظهار پاڪ فوج جي شهيد ٿيل جوانن کي پڻ پيتا پيش ڪئي وئي هوڏانهن وزيراعظم شهباز شريف آزاديءَ جي ڏهاڙي جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ چيو آهي تہ حڪومت اڍائي سالن دوران انتهائي ڏکين مرحلن مان گذري مستحڪم معيشت جو هدف حاصل ڪيو آهي، اڄ پاڪستان دنيا ۾ هڪ مضبوط، پرعزم، باوقار ۽ امن جي سگهاري آواز طور سڃاتو وڃي ٿو پنهنجي پيغام ۾ وزيراعظم شهباز شريف چيو تہ اڄ پاڪستان جي آزاديءَ جا 79 سال مڪمل ٿيڻ جي موقعي تي سموري قوم کي مبارڪباد پيش ڪريان ٿو اڄ اسان قوم جي حيثيت سان تحريڪ آزادي جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن کي سلام پيش ڪريون ٿا. قائداعظم محمد علي جناح جي مدبراڻي قيادت ۽ اسان جي وڏڙن جي قربانين جي نتيجي ۾ آزاد ملڪ جو خواب پورو ٿيو. تحريڪ آزادي جي سمورن اڳواڻن جي جوش ڀري سياسي جدوجهد مسلمانن کي آزاد وطن جي مقصد تي متحد ڪيو. وزيراعظم چيو تہ اسان جي وڏڙن قربانين، سختين ۽ تڪليفن جي هڪ ڏکهي داستان جوڙي ۽ آزاديءَ جي جدوجهد ۾ ڪاميابي ماڻي اسان کي اهڙي سرزمين نصيب ٿي، جتي آزاد قوم جي حيثيت سان عزت، وقار، دين ۽ ثقافتي قدرن موجب زندگي گذاري سگهون ٿا. پاڪستان اسلامي تعليم ۽ بابائي قوم جي نظرين مطابق سمورن شهرين کي رنگ ۽ نسل جي فرق کانسواءِ مڪمل آزادي جي ضمانت ڏئي ٿو هن پنهنجي پيغام ۾ وڌيڪ چيو تہ پاڪستان جو آئين ۽ قانون سمورن شهرين جي حقن جا ضامن آهن. پاڪستان جي ترقي ۽ خوشحاليءَ جو سفر روشن مستقبل ڏانهن وڌي رهيو آهي.

[redacted]

اسپيڪر سيد اويس قادر شاهہ پاڪستان جي آزاديءَ جي ڏهاڙي تي سموري قوم کي مبارڪباد ڏيندي چيو آهي تہ پاڪستان جو قيام بزرگن جي عظيم جدوجهد، قربانين ۽ قائداعظم محمد علي جناحؒ جي قيادت سان ممڪن ٿيو سيد اويس قادر شاهہ چيو تہ آزادي هڪ عظيم نعمت آهي، پاڪستان جي ترقي، خوشحالي، استحڪام ۽ سلامتي لاءِ سڀني کي متحد ٿي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو هن چيو تہ آزاديءَ جو ڏهاڙو قومي اتحاد، پائيداري ۽ جمهوري قدرن جي واڌاري جو پيغام ڏئي ٿو پاڪستان جي ترقي ۽ خوشحالي لاءِ هر پاڪستاني کي پنهنجي ذميواري ڀرپور نموني ادا ڪرڻي پوندي.

[redacted]

مبشر اقبال ملڪ جي 79 هين جشن آزادي جي پُرمسرت موقعي تي پاڪستاني عوام کي دل جي گهراين سان مبارڪون ڏيندي نيڪ خواهشن جو اظهار بہ ڪيو. يوم آزادي جي موقعي تي جمعي ڏينهن پنهنجي خصوصي پيغام ۾ وفاقي وزير چيو تہ 14 آگسٽ نہ رڳو آزادي جو جشن ملهائڻ جو ڏينهن آهي پر اسان جي بزرگن جي پاڪستان جي قيام لاءِ ڏنل قربانين جي بہ ياد ڏياري ٿو هن چيو تہ اسان جي بزرگن جي ويزن، اتحاد ۽ عزم اسان کي هڪ اهڙو وطن تحفي ۾ ڏنو آهي جتي اسان آزادي، وقار ۽ انصاف سان رهي سگهون ٿا.

[redacted]

سفير ممتاز زهره بلوچ جشن آزادي جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ چيو آهي تہ هي ڏينهن قومي سفر تي غور ۽ فڪر ۽ ڪاميابين جو جشن ملهائڻ جو موقعو آهي. پئرس ۾ پاڪستان جي سفارتخاني طرفان جمعي ڏينهن ايڪس تي جاري پيغام ۾ سفير ممتاز زهره بلوچ چيو تہ گذريل 79 سالن ۾ پاڪستاني قوم هڪ ڏکيو سفر طئي ڪيو آهي ۽ اڄ اسان پنهنجي ايندڙ نسلن لاءِ هڪ روشن، خوشحال ۽ بهتر مستقبل جي تعمير جو عزم ورجايون ٿا.

[redacted]

يوم آزادي جي موقعي تي مان پنهنجي وطن ۽ سڄي دنيا ۾ رهندڙ پاڪستانين کي مبارڪون ڏيان ٿي، اڄ اسان پنهنجي وطن جي آزادي جي 79هين سالگرهہ ملهائي رهيا آهيون. وزارت مان جاري بيان ۾ وفاقي وزير چيو تہ اڄوڪي ڏينهن اسان پنهنجي ملڪ جي باني جي بصيرت ۽ قربانين کي خراج تحسين پيش ڪريون ٿا . هن وزيراعظم محمد شهباز شريف ۽ فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جي قيادت کي ساراهيو. هنن جنهن عزم، اعتماد ۽ اتحاد سان پاڪستان جي رهنمائي ڪئي آهي، حق جي ويڙهہ ۾ فتح اسان جي قومي جرئت جو مظاهرو ڪيو. جنهن سان پاڪستان جي موقف کي هٿي ملي ۽ عالمي سطح تي وڌيڪ احترام حاصل ٿيو اڄ پاڪستان هڪ ٽيڪنالاجي جي صارف کان هٽي ڪري هڪ خالق، جدت طرز ۽ روانگي واپار ڪندڙ ملڪ بڻجڻ کان اڳتي وڌي رهيو آهي اسان قومي سطح تي مصنوعي ذهانت جي قدمن کي اڳتي وڌائي رهيا آهيون. ڊجيٽل ريگوليٽري ماحول کي مضبوط بڻائي رهيا آهيون، اڀرندڙ ٽيڪنالاجيز لاءِ انفرا اسٽرڪچر کي سگهہ ڏئي رهيا آهيون ۽ پنهنجي نوجوانن کي ڊجيٽل ۽ هاءِ ٽيڪ مهارتن جي تربيت ڏئي رهيا آهيون. شزه فاطمہ خواجہ چيو تہ اچو تہ اسان هن جشن آزاديءَ تي پنهنجي ماضي جو احترام ڪريون، پنهنجي اڳڀرائي کي اڳتي وڌايون ۽ هڪ اهڙي پاڪستان لاءِ ڪم ڪريون جيڪو نہ رڳو مستقبل کي اختيار ڪري، پر ان کي تخليق ڪري ۽ ان جي قيادت ڪري.

[redacted]

پروگرام جي چيئرمين راڻا مشهود احمد خان پاڪستان جي جشن آزادي تي قوم جي نالي پيغام ۾ سڄي قوم کي پاڪستان جي جشن آزادي تي دلي مبارڪون ڏيندي چيو آهي تہ يوم آزادي اسان کي پنهنجي بزرگن جي عظيم قربانين ۽ جدوجهد کي ياد ڪرڻ جو موقعو فراهم ڪري ٿي. پنهنجي بيان ۾ هن چيو تہ پاڪستان جو قيام قائداعظم محمد علي جناح جي بي مثال قيادت ۽ لکين مسلمانن جي قربانين جو ثمر آهي، هي آزادي علامہ اقبال جي عظيم خواب جي تعبير آهي. هن

ٽنڊوالهيار ضلعي ۾ جشن آزادي جون الڳ الڳ تقريبون منعقد، ريليون ڪڍي ڪيڪ ڪاٽيا ويا

مکہ تقريب ۾ ڊي سي نور مصطفيٰ لغاري، ايس ايس پي سيد سليم شاهہ ۽ ٻين عملدارن پاران پاڪستان جو قومي پرچم ڦڙڪايو ويو

پاڪستان جي 79هين سالگرهہ ملهائي وئي تقريب ۾ مختلف کاتن جي آفيسرن، شاگردن ۽ سول سوسائٽي جي ماڻهن پاران شرڪت ڪئي

ٽائون پيارولنڊ ۾ چيئرمين نور محمد نظاماڻي، نصرپور ۾ چيئرمين جاذب شاهہ رضوي، سنجرچانگ ۾ چوڌري فاخر ڪيڪ ڪاٽيا

ٽنڊوالهيار (رپورٽ: راجه ساجد خانزاده) ٽنڊوالهيار ۾ بہ جشن آزادي جون الڳ الڳ تقريبون ضلع ڪونسل ميونسپل ڪميٽي، ٽائون ڪميٽيز ۾ جوش ۽ جذبي سان جاري آهن ضلع جي 26 يونين ڪائونسلون ۽ 14 آگسٽ جي ٽالي تي لکين روپين جي ڪرپشن خبر موجب ٽنڊوالهيار ۾ ڊپٽي ڪمشنر آفيس ۾ ڊپٽي ڪمشنر نور مصطفيٰ لغاري . ايس ايس پي سيد سليم شاهہ ۽ ضلع ڪائونسل چيئرمين مير سهيل پيو ٽالپر پاران پاڪستان جو قومي پرچم ڦڙڪايو ويو ۽ پوليس دستي پاران سلامي پڻ ڏني وئي ان موقعي تي ڪيڪ ڪٽي پاڪستان جي 79هين سالگره ملهائي وئي تقريب ۾ مختلف کاتن جي آفيسرن . شاگردن ۽ سول سوسائٽي جي ماڻهن پاران شرڪت ڪئي وئي ٻي پاسي ميونسپل ڪميٽي ٽنڊوالهيار ۾ بہ ايم سي چيئرمين سيد ثمر شاهہ رضوي پاران قومي پرچم ڦڙڪائي ڪيڪ ڪاٽيو ويو ان کان سواءِ ٽائون ڪميٽي پيارولنڊ ۾ چيئرمين نور محمد نظاماڻي . اسسٽنٽ ڪمشنر عمير جروار ۽ مختيارڪار غلام شبير ميرجت جي اڳواڻي ۾ قومي پرچم ڦڙڪائي ڪيڪ ڪاٽيو ويو جڏهن تہ ٽنڊوالهيار ضلعي جي سمورين ٽائون ڪميٽين نصرپور ۾ چيئرمين جاذب شاهہ رضوي . چمبڙ ۾ چيئرمين خان محمد پتافي . سنجرچانگ ۾ چوڌري فاخر طرفان قومي پرچم ڦڙڪائي ڪيڪ ڪاٽيا ويا ان کان علاوه ضلع جي 26 يونين ڪائونسلن ۾ جشن آزادي جي تقريب تہ ٿي سگهيو ذرائع مان معلوم ٿيو آهي تہ مختلف يونين ڪائونسلن جي چيئرمين يوسي سيڪريٽري سان ملي ڀڳت ڪري 14 آگسٽ جي تقريبن جي ٽالي تي لکين روپين خرچ ڊيکهري ڪرپشن ڪري ويا جڏهن تي مختلف تقريبن ۾ اڳواڻن خطاب ڪندي چيو تہ پاڪستان ملڪ وڏي قربانين سان آزاد ٿيو ۽ اسان کي فخر آهي تہ اسان هڪ آزاد ۽ اسلامي ملڪ ۾ رهون ٿا ۽ هن آزادي جي ڏهاڙي تي سمورن انهن شهيدن کي سلام پيش ڪريون ٿا جن جي بدولت اسان اڄ هي ڏينهن ملهائي رهيا آهيون

دادو ۾ آزادي جو ڏينهن قومي جوش ۽ جذبي سان ملهائي وطن سان وفا ۽ تجديدِ عهد جو اظهار ڪيو ويو

پوليس هيڊڪوارٽرز ۾ ڊي سي سيد مرتضيٰ علي شاهہ ايس ايس پي صدام حسين خاصخيلي، پير مجيب الحق قومي جهنڊو ڦڙڪايو

تقريب ۾ يادگارِ شهدا تي گل چاڙهيا ويا ۽ وطنِ عزيز توڙي پوليس جي شهيدن جي لازوال قربانين کي خراج عقيدت پيش ڪيو ويو

ضلعي جي سمورن ننڍن وڏن شهرن ۾ عوام پاران قومي جوش ۽ جذبي سان ريلين ۽ مختلف تقريبون منعقد ڪيون ويون

دادو(ڊ ر) سموري ملڪ جيان پاڪستان جي آزادي جو ڏينهن ضلعي دادو ۾ بہ قومي جوش ۽ جذبي سان ملهايو پيو وڃي، پوليس هيڊڪوارٽرز دادو ۾ قومي جهنڊي ڦڙڪائڻ جي پروقار تقريب منعقد، وطن سان وفا ۽ تجديدِ عهد جو اظهار ضلعي انتظاميا دادو پاران وطن عزيز پاڪستان جي 79هين يوم آزادي جي موقعي تي پوليس هيڊڪوارٽرز دادو ۾ قومي جهنڊي ڦڙڪائڻ جي پروقار تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ ضلعي انتظاميا، پوليس، ٻين سرڪاري ادارن سميت سول سوسائٽي، ميڊيا جي نمائندن، اسڪول جي شاگردن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، تقريب ۾ ڊپٽي ڪمشنر دادو سيد مرتضيٰ علي شاهہ، ايس ايس پي دادو ڪيپٽن (ر) صدام حسين خاصخيلي، ايم پي اي دادو پير مجيب الحق، اڳوڻي ايم پي اي ميڊم ڪلثوم چانڊيو، چيئرمين ضلعي ڪائونسل دادو سيد محمد شاهہ ۽ ٻين معزز شخصيتن ۽ آفيسرن شرڪت ڪئي، تقريب جي شروعات قومي پرچم ڪشائي سان ڪئي وئي جتي پوليس جي چاڪ و چوبند دستي قومي جهنڊي کي سلامي پيش ڪئي ان موقعي تي وطنِ عزيز جي سلامتي، ترقي ۽ خوشحالي لاءِ خصوصي دعائون پڻ گهريون ويون. جشنِ آزادي جي خوشيءَ ۾ تقريب دوران ڪيڪ ڪاٽيو ويو. يادگارِ شهدا تي گل چاڙهيا ويا ۽ وطنِ عزيز توڙي پوليس جي شهيدن جي لازوال قربانين کي خراج عقيدت پيش ڪيو ويو بعد ۾ ڊي سي دادو، ايس ايس پي دادو ۽ ٻين معزز شخصيتن پاران شجرڪاري مهم تحت بوٽا پڻ لڳايا ويا. تقريب دوران قومي ذميواري ۽ صحتِ عامه بابت آگاهي لاءِ ٻارن کي پوليو بوسٽر ڊوز جا ڦڙا پياريا ويا ۽ قومي انسداد پوليو مهم جي اهميت کي اجاگر ڪيو ويو. بعد ۾ ڊپٽي ڪمشنر دادو سيد مرتضيٰ علي شاهہ ۽ ايس ايس پي دادو ڪيپٽن (ر) صدام حسين خاصخيلي جي اڳواڻي ۾ معزز شخصيتن ڊسٽرڪٽ جيل دادو جو دورو ڪيو جتي جيل سپرنٽينڊنٽ جاويد ايوب مغيري مهمانن جو استقبال ڪيو جڏهن تہ چاڪ و چوبند دستي پاران سلامي پيش ڪئي وئي، جيل جي دوري دوران قيدين کي جشنِ آزادي جون مبارڪون ڏنيون ويون ۽ ساڻن گڏ جشنِ آزادي جو ڪيڪ پڻ ڪاٽيو ويو ان موقعي تي ڊي سي دادو ۽ ايس ايس پي دادو جيل جي سيڪيورٽي تي مقرر فرنٽيئر ڪانسٽيبلري جي اهلڪارن ۽ جيل پوليس جي جوانن سان ملاقات ڪئي ۽ کين پڻ جشنِ آزادي جون مبارڪون ڏنيون. ٻئي طرف جشنِ آزادي جي سلسلي ۾ ضلعي جي سمورن ننڍن وڏن شهرن ۾ عوام پاران قومي جوش ۽ جذبي سان ريلين ۽ مختلف تقريبون منعقد ڪرڻ جو سلسلو پڻ جاري آهي، جڏهن تہ جشنِ آزادي جي موقعي تي دادو پوليس پاران سموري ضلعي ۾ سيڪيورٽي جا خصوصي ۽ سخت انتظام ڪيا ويا آهن تہ جيئن شهرين کي پرامن ۽ محفوظ ماحول فراهم ڪري سگهجي مختلف اهم جاين، ريلين ۽ عوامي گڏجاڻين وارن هنڌن تي پوليس نفري مقرر ڪئي وئي آهي ۽ امن امان يقيني بڻائڻ لاءِ نگراني ۽ گشت جو سلسلو پڻ جاري آهي

چيو تہ آزادي جو قدر ڪندي اسان کي پاڪستان جي ترقي، خوشحالي ۽ استحڪام لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو. راڻا مشهود احمد خان وڌيڪ چيو تہ نوجوان پاڪستان جو مستقبل ۽ ملڪي ترقي جو اصل معمار آهن. وزيراعظم يوٿ پروگرام نوجوانن کي تعليم، هنر، روزگار ۽ ڪاروبار جا موقعا فراهم ڪري رهيو آهي. هن چيو تہ قائداعظم جي اتحاد، ايمان ۽ نظم ضبط جي اصولن تي عمل ڪندي پاڪستان کي مضبوط بڻائڻو پوندو. پاڪستان جو روشن مستقبل باصلاحيت، تعليم يافتہ ۽ هنرمند نوجوانن سان لاڳاپيل آهي. هن چيو تہ اچو تہ آزادي کي نہ رڳو ملهايون پر پاڪستان کي مضبوط، خوشحال ۽ عظيم بڻائڻ جو بہ وچن ڪريون.

[redacted]

مبارڪون ڏيندي چيو آهي تہ اڄوڪو ڏينهن اسان کي انهن عظيم قربانين جي ياد ڏياري ٿو جنهن جي نتيجي ۾ اسان کي هڪ آزاد وطن، پاڪستان نصيب ٿيو. هي آزادي اسان جي بزرگن جي جدوجهد، قربانين ۽ عزم جو ثمر آهي. يوم آزادي جي موقعي تي سماجي رابطن واري ويب سائيٽ ايڪس تي پنهنجي هڪ پوسٽ ۾ وفاقي وزير چيو تہ اسان کي وچن ڪرڻو آهي تہ قائداعظم محمد علي جناح جي ويزن موجب پاڪستان کي هڪ مضبوط، خوشحال، ترقي يافتہ ۽ باوقار ملڪ بڻائڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪنداسين. اتحاد، ايمان ۽ نظم ۽ ضبط کي پنهنجو مشغلو بڻائيندي ملڪي ترقي ۽ استحڪام جي سفر کي اڳتي وڌائينداسين. هن چيو تہ اچو تہ هن يوم آزادي تي پاڪستان جي سلامتي، ترقي ۽ خوشحالي لاءِ دعا ڪريون ۽ پنهنجي وطن جي تعمير ۽ ترقي ۾ ڪردار ادا ڪرڻ جو وچن ڪريون.

[redacted]

هٿياربند فوج جي سمورن هيڊڪوارٽرز ۾ جهنڊو ڦڙڪائڻ جون پ تقريبون منعقد ڪيون ويون. جهنڊو ڦڙڪائڻ جي پُروقار تقريبن ۾ قومي جهنڊو سربلند ڪيو ويو، جڏهن تہ قومي ترانو جي ڌن تي فضا ملي جذبي سان گونجي وئي، پاڪستان جي دفاع، سلامتي ۽ خودمختياري لاءِ حياتين جو نذرانو پيش ڪندڙ شهيدن کي زبردست خراج عقيدت پيش ڪيو ويو پاڪ فوج جي آفيسرن ۽ جوانن ان عزم جو ورجاءُ ڪيو تہ ملڪ جي دفاع ۽ حفاظت لاءِ ڪنهن بہ قرباني کان پاسو نہ ڪيو ويندو پاڪستان جو دفاع فتح نہ ٿيڻ جوڳو بڻائڻ لاءِ پاڪ فوج جو هر جوان پرعزم آهي. يوم آزادي وچن ورجائڻ جو ڏينهن آهي جيڪو اسان کي اسان جي بزرگن ۽ شهيدن جي قربانين يا ياد ڏياري ٿو.

[redacted]

ٿي پوري قوم کي دل جي گهراين سان مبارڪباد ڏيندي پاڪستان جي قيام لاءِ قربانيون ڏيندڙن کي خراج عقيدت پيش ڪيو. پنهنجي پيغام ۾ بلاول ڀٽو زرداري چيو تہ پاڪستان جو ٺهڻ عوام جي پرامن سياسي جدوجهد ۽ اٽل عزم جي نتيجي ۾ وجود ۾ آيو. جڏهن تہ آزادي هڪ مقدس امانت آهي، جيڪا بيشمار قربانين ڪانپوءِ حاصل ٿي، هن چيو تہ آزادي کي عزم، اتحاد ۽ انهن اصولن سان وابستگي ذريعي برقرار رکي سگهجي ٿو. جنهن لاءِ پاڪستان قائم ڪيو ويو. آزادي ڏهاڙي تي پرامن، خوشحال، جمهوري ۽ سڀني کي گڏ کڻي هلندڙ پاڪستان جي تعمير لاءِ عزم جي تجديد ڪئي وڃي. بلاول ڀٽو زرداري چيو تہ قائداعظم محمد علي جناح جو رواداري، پرامن سياسي جدوجهد ۽ وفاقي جمهوريت تي ٻڌل ويزن اڄ بہ قوم لاءِ مشعلِ راهہ آهي. جڏهن تہ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جو عوام دوست، مزدور دوست ۽ مساوات تي ٻڌل فلسفو پڻ قوم لاءِ رهنما اصول آهي. هن چيو تہ شهيد محترمہ بينظير ڀٽو جو مفاهمت ۽ آمريت خلاف مزاحمت وارو فلسفو پيپلز پارٽي جي بنيادي قدرن جو حصو آهي. صدر آصف علي زرداري جي قومي هم آهنگي واري پاڪستان جي خوشحالي واري بصيرت کي پڻ خراج تحسين پيش ڪريان ٿو. پيپلز پارٽي جي چيئرمين چيو تہ قومي اتحاد پاڪستان جي سڀ کان وڏي طاقت آهي. پاڪستان جي منزل هڪ خوشحال، ترقي يافتہ، مضبوط، جمهوري، وفاقي ۽ مساوات تي ٻڌل رياست آهي، جتي سڀني صوبن ۽ علائقن جي عوام کي برابر موقعا ۽ وقار حاصل هجي هن چيو تہ ڪشميري عوام جي حق خودارادِيت لاءِ اخلاقي، سياسي ۽ سفارتي حمايت جاري رکنداسين. پاڪستاني قوم کي اڃا گهڻو ڪم ڪرڻو آهي، اچو تہ اهڙي پاڪستان لاءِ اڳتي وڌندا رهون، جتي جمهوريت مضبوط هجي، هر شهري برابر هجي ۽ ڪو بہ گهر محرومي جو شڪار نہ رهي.

[redacted]

آفيسر رئيسہ عادل آزادي جي ڏهاڙي جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ قوم کي دلي مبارڪباد پيش ڪئي ۽ شهيدن ۽ بزرگن کي خراج عقيدت پيش ڪيو جن جي قربانين پاڪستان جي آزادي، سلامتي ۽ خودمختياري جو بنياد رکيو. پاڪستان جي آزادي جي ڏهاڙي جي موقعي تي پنهنجي خصوصي پيغام ۾ هن چيو تہ آزادي جو ڏهاڙو پاڪستانين جي بانين، شهيدن ۽ ملڪ جي تعمير ۽ سلامتي جي لاءِ جدوجهد ڪندڙ بزرگن جي نسلن جي بي پناهہ قربانين جي ياد ڏياري، هن چيو تہ اڄ اسان انهن سمورن شهيدن ۽ بزرگن کي سلام پيش ڪريون ٿا جن ملڪ ۽ ان جي سلامتي جي لاءِ پنهنجون جانيون قربان ڪيون، انهن جي قربانين جي ڪري ئي اسان پاڪستان ۾ آزاد شهري جي حيثيت سان زندگي گذاري رهيا آهيون.

[redacted]

ڪميشن جي چيئرمين محمد علي پاڪستان جي يوم آزادي جي پُرمسرت موقعي تي ڏيهہ توڙي پرڏيهہ ۾ رهندڙ پاڪستانين کي دلي جي گهراين سان مبارڪون ڏيندي چيو آهي تہ اڄوڪي ڏينهن اسان پنهنجي وڏڙن جي بي پناهہ قربانين سان حاصل ٿيل آزادي جي نعمت تي فخر ڪريو ٿا ۽ پنهنجي قومي ورثي جو جشن ملهايون ٿا. نجڪاري ڪميشن طرفان سماجي رابطن واري ويب سائيٽ تي پنهنجي پيغام ۾ هن چيو تہ اسان هڪ واضح ويزن ۽ هڪ خوشحال معاشي مستقبل لاءِ نئين عزم سان منتظر آهيون. ڊگهي مدي واري اوسر حاصل ڪرڻ لاءِ، نجڪاري ڪميشن وفاقي حڪومت جي ڪاروبار ۾ حڪومت جي ڪردار کي گهٽ ڪرڻ ۽ نجي شعبي جي قيادت هيٺ اقتصادي منظرنامي طرف منتقلي کي تيز ڪرڻ جي ايجنڊا تي عمل ڪري رهي آهي.

[redacted]

گادي واري هنڌ ۾ 31 ۽ صوبائي گادي وارن هنڌن ۾ 21، 21 توپن جي سلامتي ڏني وئي، جشن آزادي جي موقعي تي سڄي ملڪ ۾ يوم آزادي جي تقريبن جي شروعات قومي جوش ۽ جذبي سان ٿي، سڄي ملڪ ۾ ڏينهن جي شروعات توپن جي سلامي سان ٿي، توپن جي سلامتي دوران اسلام آباد جي فضا الله اڪبر جي نعرن سان گونجڻ لڳي، پاڪستان زنده آباد جا نعرا لڳايا ويا، ڪراچي، لاهور، ڪوئيٽا، پشاور، گلگت بلتستان ۽ مظفر آباد آزاد جمون ڪشمير ۾ بہ پاڪ فوج جي جٿن قومي روايت موجب توپن جي سلامي پيش ڪئي، توپن جي گوڙ آزادي واري ڏينهن جي اهميت کي اجاگر ڪيو ۽ وطن سان محبت جي جذبن کي وڌيڪ هٿي ڏني.

[redacted]

عملدرآمد جي ضرورت تي زور ڏنو آهي تہ نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير اسحاق ڊار چيو آهي تہ اسلام آباد مفاهمتي يادداشت تي ان جي روح ۽ متن موجب عملدرآمد ٿيڻ گهرجي. التوا هيٺ مسئلن جي حل لاءِ ڳالهيون ۽ سفارتڪاري ئي اڳتي وڌڻ جو واحد رستو آهي اسحاق ڊار چيو تہ پاڪستان هميشہ قومن وچ ۾ امن، ڳالهين، سهڪار ۽ هڪ ٻئي جي احترام جو علمبردار رهيو آهي. گذريل سال جي واقعن هڪ ڀيرو ٻيهر پراڻن تڪرارن کي پرامن طريقي سان حل ڪرڻ جي فوري ضرورت کي اجاگر ڪيو آهي هن چيو تہ خاص طور تي جمون ۽ ڪشمير جو تڪرار جيڪو اسان جي خطي ۾ بدامني جو هڪ اهم سبب آهي، پاڪستان ڪشميري عوام جي جائز جدوجهد لاءِ اصولي، اخلاقي، سياسي ۽ سفارتي حمايت جاري رکندو. اسحاق ڊار چيو تہ اسان انهن سمورن ماڻهن کي خراج عقيدت پيش ڪريون ٿا، جيڪي پاڪستان جي دشمن طرفان ملڪ اندر ۽ ملڪ کان ٻاهر درپيش خطرن جو مقابلو ڪري رهيا آهن قوم انهن سان گڏ متحد آهي ۽ سندن خدمتن ۽ قربانين تي

قائداعظم جي مزار تي صوبائي وزير اسماعيل راهو اوچتو بيهوش ٿي ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ قائداعظم محمد علي جناح جي مزار تي 79هين جشن آزادي جي موقعي تي وڏي وزير سنڌ سيد مراد علي شاهہ جي ميڊيا سان ڳالهہ ٻولهہ دوران صوبائي وزير محمد اسماعيل راهو اوچتو طبيعت خراب ٿيڻ سبب بيهوش ٿي ويا. صوبائي وزير جي اوچتو طبيعت خراب ٿيڻ تي صوبائي وزير مڪيش ڪمار چاولا، ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي ۽ ٻين موجود ماڻهن فوري طور تي اسماعيل راهو کي سنڀالي ورتو ۽ ڪيس هيٺ ويهاريو. بعد ۾ محمد اسماعيل راهو کي گاڏي ۾ ويهاري علاج ۽ طبي معائني لاءِ روانو ڪيو ويو. واقعي دوران وڏي وزير سنڌ سيد مراد علي شاهہ ميڊيا سان پنهنجي ڳالهہ ٻولهہ جاري رکي. بعد ۾ معلوم ٿيو تہ صوبائي وزير محمد اسماعيل راهو جي طبيعت ۾ بهتري اچي وئي آهي، جنهن تي موجود اڳواڻن ۽ ڪارڪنن اطمينان جو اظهار ڪيو. ذريعن موجب اوچتو طبيعت خراب ٿيڻ جو سبب في الحال واضح نہ ٿي سگهيو آهي، جڏهن تہ طبي معائني ڪانپوءِ ئي وڌيڪ صورتحال سامهون ايندي.

ڪراچي ۾ هوٽل جي ميز تي پستول رکندي گولي هلڻ سبب عورت فوت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي علائقي پاپوش نگر ۾ حادثاتي طور گولي هلڻ سبب عورت فوت ٿي وئي، پوليس موجب واقعو پاپوش نگر صراف بازار پرسان هڪ هوٽل ۾ پيش آيو جتي جوابدار عمران هوٽل اندر ڪاڏي جي ميز تي پستول رکيو تہ چيمبر ۾ موجود گولي اوچتو فائر ٿي وئي، جيڪا سامهون ويٺل سندس سئوٽ ندا جي سيني ۾ لڳي، گولي لڳڻ سبب ندا سخت زخمي ٿي پئي، جنهن کي فوري طور پرسان موجود عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو. جتي هوءِ زخمن جا سور نہ سهندي فوت ٿي وئي. پوليس واقعي ۾ ملوث جوابدار عمران کي گرفتار ڪري ورتو آهي. پوليس موجب جوابدار جاچ دوران فائرنگ ۽ عورت جي فوت ٿيڻ ۾ ملوث هجڻ جو اعتراف پڻ ڪيو آهي.

دل جي گهراين سان شڪرگذار آهي. پرڏيهي وزير چيو تہ اچو تہ پنهنجي ادارن کي مضبوط بڻائڻ، قومي اتحاد برقرار رکڻ، پنهنجي عوام جي صلاحيتن مان ڀرپور فائدو وٺڻ ۽ ايندڙ نسلن لاءِ هڪ مضبوط، خوشحال ۽ پرامن پاڪستان تعمير ڪرڻ واري پنهنجي گڏيل عزم جي تجديد ڪريون.

[redacted]

سيڙپڪاري بورڊ واري وفاقي وزير قيصر احمد شيخ طرفان هر سال جي روايت برقرار رکندي موٽرسائيڪل سوارن لاءِ 5، 5 ليٽر مفت پيٽرول فراهم ڪيو ويو. ان موقعي تي وفاقي وزير مختلف هنڌن تي موجود شهرين ۾ مفت پيٽرول جا ٽوڪن ورهايا، جڏهن تہ هزارين ماڻهن قومي جهنڊو کڻي ان منفرد عوامي قدمن ۾ ڀرپور شرڪت ڪئي. قومي جهنڊي سان آيل هر موٽرسائيڪل سوار کي پنج ليٽر مفت پيٽرول فراهم ڪيو پيو وڃي، جڏهن تہ رڪشہ ڊرائيورن لاءِ بہ خصوصي انتظام ڪيا ويا آهن. ان قدم جو مقصد جشن آزادي جي خوشين ۾ عوام کي شريڪ ڪرڻ ۽ حب الوطني جي جذبي کي هٿي ڏيڻ آهي. شهرين ان قدم کي ساراهيندي چيو تہ جشن آزادي تي عوام کي مفت پيٽرول جي فراهمي جنيوٽ جي هڪ منفرد روايت بڻجي چڪي آهي، جيڪا قومي خوشين کي ٻيڻو ڪرڻ سان گڏوگڏ عوام ۾ اتحاد، يڪجهتي ۽ حب الوطني جي جذبي کي بہ هٿي ڏي ٿي.

[redacted]

پاران بلوچستان اسيمبلي جي اسپيڪر ڪيپٽن (ر) عبدالخالق خان اڇڪزئي جي پٽ ثناءُ الله خان جي لاڏاڻي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي بيان موجب نوجوان پٽ جو لاڏاڻو گهرڀاتين جي لاءِ هڪ وڏو صدمو آهي هنن مرحوم جي مغفرت ۽ درجن جي بلنديءَ لاءِ دعا ڪندي چيو تہ الله تعاليٰ مرحوم کي جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا فرمائي. سوڳوار خاندان جي لاءِ صبر ۽ استقامت جي دعا پڻ ڪئي.

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل
مضبوط رياست لاءِ اتحاد، انصاف ۽ ترقيءَ جو سفر
صفحو 4

مير قائم خان ٽالپر
اقبال جو فڪر ۽ اڄ جي نوجوانن جي ذميواري
صفحو 4

افغانستان جو سوال: صدر جو موقف، ٽي ٽي پي ۽ گڏيل قومن جي رپورٽ
رحمت الله ٻرڙو
صفحو 4

مختيار انڙ
صفحو 4
اڄوڪو ڏينهن — 15 آگسٽ

هالا ۽ آسپاس يومِ آزادي جي موقعي تي مختلف تقريبون

ڊپٽي ڪمشنر ذاڪرِ دانش جي نگرانيءَ ۾ پرچم ڪشائي ڪئي وئي

ميونسپل ڪميٽي جي چيئرمين زوار گل محمد پنهور پرچم ڪشائي ڪئي

تعلقي جي اسڪولن ۾ به يومِ آزادي جون تقريبون منعقد ڪيون ويون

هالا (ن ع) هالا ۽ آسپاس ۾ ننڍين وڏن شهرن ۽ ڳوٺن ۾ يومِ آزادي جي موقعي تي مختلف تقريبون منعقد ڪيون ويون. مٽياري ۾ ڊپٽي ڪمشنر ذاڪرِ دانش جي نگرانيءَ هيٺ سمورن کاتن جي آفيسرن جي موجودگيءَ ۾ پرچم ڪشائي ڪئي وئي، جڏهن ته پوليس جي جوانن پاران قومي پرچم کي سلامي پيش ڪئي وئي.هالا ۾ ميونسپل ڪميٽي جي چيئرمين زوار گل محمد پنهور جي اڳواڻيءَ ۾ پرچم ڪشائي ڪئي وئي ۽ مٺائي ورهائي وئي. ان موقعي تي ميونسپل ڪميٽي هالا جو آفيسر سيد محسن شاهه پڻ موجود هو.هالا ۾ زراعت کاتي جي آفيسر اميد علي بلوچ ۽ حيسڪو آفيسرن آصف ڳاڏاهي ۽ بهادر ابڙو جي نگرانيءَ ۾ پڻ يومِ آزادي جي حوالي سان پرچم ڪشائي جي تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن دوران مٺائي ورهائي وئي.هالا سميت سڄي ضلعي جي اسڪولن ۾ به يومِ آزادي جون تقريبون منعقد ڪيون ويون جنهن ۾ شاگردن ۽ استادن قومي جذبي سان جشن ملهايو جڏهن ته هالا سميت ضلعي جي پارڪن ۽ ٻين هنڌن تي ننڍڙن ٻارڙن جهولا جهولي رائونڊ رائونڊ ڪري يومِ آزادي کي عيد جيان خوشيءَ سان ملهايو.تقريبن ۾ سينيئر صحافين محمد افتخار ميمڻ نثار لغاري اعجاز بگهيو بشير پٺاڻ عبدالرحيم ميمڻ حاجي لاکو سميت ٻين معززين ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

هالا: ڊپٽي ڪمشنر ذاڪرِ دانش جي نگرانيءَ ۾ پرچم ڪشائي ڪئي وئي

مٺي ۾ 79هين جشن آزادي جي مرڪزي تقريب،قومي جهنڊو ڦڙڪايو ويو،سلامي پيش

ضلعي انتظاميه پاران مٺي جي صادق فقير چوڪ تي مرڪزي تقريب منعقد ڪئي وئي،قومي جهنڊو ڦڙڪائي قومي ترانو پيش ڪيو ويو

چيو ته پاڪستان ۾ هر مذهب ۽ فرقي کي آزادي سان عبادت ۽ رهڻ جو حق حاصل آهي:ڊاڪٽر مهيش ملاڻي

نوجوان تعليم سان گڏ فني شعبن ۾ به اڳتي اچن(ڊپٽي ڪمشنر) سنڌ پوليس عوام جي تحفظ لاءِ هر وقت الرٽ آهي:ايس ايس پي

مٺي (ڊ ڊ) ٿرپارڪر ۾ به 79هين جشن آزادي جو ڏهاڙو قومي جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويو. ضلعي انتظاميه پاران مٺي جي صادق فقير چوڪ تي مرڪزي تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ قومي اسيمبلي جي ميمبر ڊاڪٽر مهيش ڪمار ملاڻي، ڊپٽي ڪمشنر عبدالحليم جاگيراڻي ايس ايس پي عارف عزيز ۽ چيئرمين ميونسپل ڪميٽي ڊاڪٽر منوج ڪمار ملاڻي قومي جهنڊو ڦڙڪايو ۽ قومي ترانو پيش ڪيو ويو.تقريب ۾ پوليس ۽ اسڪائوٽس سلامي پيش ڪئي جڏهن ته مختلف اسڪولن جي شاگردن ٽيبلوز ملي نغما ۽ تقريرون پيش ڪيون ڊاڪٽر مهيش ڪمار ملاڻي چيو ته پاڪستان ۾ هر مذهب ۽ فرقي کي آزادي سان عبادت ۽ رهڻ جو حق حاصل آهي جڏهن ته ڊپٽي ڪمشنر نوجوانن تي زور ڏنو ته هو تعليم سان گڏ فني شعبن ۾ به اڳتي اچن ايس ايس پي عارف عزيز ڪشميري عوام سان يڪجهتي جو اظهار ڪندي چيو ته سنڌ پوليس عوام جي تحفظ لاءِ هر وقت الرٽ آهي نمايان ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ شاگردن لاءِ انتظاميا ۽ مختلف تنظيمن پاران روڪ انعامن جو اعلان پڻ ڪيو ويو بعد ۾ ڪشمير چوڪ جي نئين سر تعمير ٿيل حصي جو افتتاح ڪري قومي جهنڊو ڦڙڪايو ويو جڏهن ته ضلعي جي مختلف سرڪاري ادارن ۽ اسڪولن ۾ جشن آزادي جون تقريبون جاري آهن

شڪارپور ضلعي ۾ جشنِ آزادي جون شاندار تقريبون

79هين يومِ آزادي تي شهر ۽ ضلعي ۾ تقريبون منعقد ڪيون ويون

مختلف سرڪاري، تعليمي ۽ عوامي هنڌن تي قومي پرچم ڦڙڪايا ويا

تقريب دوران ملڪ جي ترقي، امن ۽ خوشحالي لاءِ خصوصي دعا گهري وئي

شڪارپور (ڊ ڊ) شڪارپور ۾ جشنِ آزادي جون شاندار تقريبون، قومي جوش ۽ جذبي جو مظاهرو

پاڪستان جي 79هين يومِ آزادي جي موقعي تي شڪارپور شهر ۽ ضلعي ۾ شاندار تقريبون منعقد ڪيون ويون جن ۾ قومي جوش، جذبي ۽ حب الوطني جو ڀرپور مظاهرو ڪيو ويو مختلف سرڪاري، تعليمي ۽ عوامي هنڌن تي قومي پرچم ڦڙڪايا ويا، جڏهن ته ملڪ جي ترقي، امن خوشحالي ۽ سلامتي لاءِ دعائون پڻ گهريون ويون مرڪزي پرچم ڪشائي جي تقريب ڊسٽرڪٽ اسڪائوٽ هيڊڪوارٽر ۾ منعقد ٿي جتي ضلعي چيئرمين ذوالفقار ڪماريو، ڊپٽي ڪمشنر شڪيل احمد ابڙو ۽ ميونسپل ڪميٽي جي چيئرمين فياض محمود شيخ قومي پرچم ڦڙڪايو ان موقعي تي پوليس جي چاق و چوبند دستي سلامي ۽ گارڊ آف آنر پيش ڪيو تقريب دوران ملڪ جي ترقي، امن ۽ خوشحالي لاءِ خصوصي دعا گهري وئي، جڏهن ته ماحول کي سرسبز رکڻ جي عزم سان ٻوٽو پڻ پوکيو ويو ڊسٽرڪٽ ڪائونسل، ميونسپل ڪميٽي، سول اسپتال ۽ ٻين مختلف هنڌن تي پڻ جشنِ آزادي جون تقريبون منعقد ڪيون ويون جن ۾ سرڪاري آفيسرن، استادن، شاگردن، پوليس، رينجرز ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ڊسٽرڪٽ ڪائونسل ۾ ٻارن پاران سنڌي، اردو ۽ انگريزي ٻولين ۾ تقريرون ڪيون ويون جڏهن ته بهترين ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪندڙ ٻارن ۾ انعام پڻ ورهايا ويا. جشنِ آزادي جي موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر شڪيل احمد ابڙو سول اسپتال جو دورو ڪري مختلف وارڊن ۾ داخل مريضن جي عيادت ڪئي ۽ انهن ۾ مٺائي ورهائي ان موقعي تي مريضن جي جلد صحتيابي ۽ ملڪ جي امن ۽ خوشحالي لاءِ دعائون پڻ گهريون ويون شيخ اياز يونيورسٽي شڪارپور ۾ پڻ 79هين يومِ آزادي جي حوالي سان شاندار تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ قومي پرچم ڪشائي، قومي ترانو، دعا، ڪيڪ ڪاٽڻ، ريلي ۽ راندين جا مقابلا شامل هئا. تقريب ۾ ايڊيشنل ڪمشنر- II راجيش ڪمار گوئل ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر خانپور نزاڪت ڏاهاڻي پڻ شرڪت ڪئي يونيورسٽي جي شاگردن ۽ شاگردياڻين وڏي جوش ۽ جذبي سان ٿرو بال ۽ رسو ڇڪڻ جي مقابلن ۾ حصو ورتو جشنِ آزادي جي سلسلي ۾ اسپورٽس اينڊ يوٿ افيئرز ڊپارٽمينٽ جي سهڪار سان بيڊمنٽن ۽ ٽيبل ٽينس چيمپئن شپ پڻ منعقد ڪئي وئي، جنهن جو افتتاح ڊسٽرڪٽ اسپورٽس آفيسر شاهزيب اعوان ڪيو چيمپئن شپ ۾ رانديگرن وڏي جوش سان حصو ورتو ۽ پنهنجي صلاحيتن جو مظاهرو ڪيو ٻئي طرف ڊائناسڪ انگلش گرامر اسڪول ۾ پڻ صداقت علي سومرو جي نگراني هيٺ جشنِ آزادي جي پروقار تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ اسڪول جي استادن ۽ شاگردن

شڪارپور: 79هين يومِ آزادي تي شهر ۽ ضلعي ۾ تقريبون منعقد ڪيون ويون

ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن منگهوپير ۾ جشنِ آزادي تقريب

تقريب جي شروعات جشنِ آزادي ڪيڪ ڪاٽڻ سان ڪئي وئي

چيئرمين حاجي نواز علي بروهي قومي جهنڊي جي پرچم ڪشائي ڪئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) جشنِ آزادي پاڪستان جي موقعي تي ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن منگهوپير جي اهتمام هيٺ ٽائون آفيس ۾ هڪ شاندار باوقار ۽ قومي جذبي سان سرشار تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن منگهوپير جي چيئرمين حاجي نواز علي بروهي، ميونسپل ڪمشنر آغا خليق، وائيس چيئرمين رانا محمد عارف، ٽائون جا آفيسر، ڪائونسل ميمبر ۽ ٻيا ملازم شريڪ ٿيا. تقريب جي شروعات جشنِ آزادي جي مناسبت سان ڪيڪ ڪاٽڻ سان ڪئي وئي، جنهن کان پوءِ چيئرمين حاجي نواز علي بروهي قومي جهنڊي جي پرچم ڪشائي ڪئي. پاڪستان جي سلامتي، استحڪام، ترقي، خوشحالي ۽ سربلندي لاءِ خصوصي دعا پڻ ڪئي وئي ان موقعي تي وطنِ عزيز جي دفاع ۽ سلامتي لاءِ پنهنجون جانيون قربان ڪندڙ شهيدن ۽ پاڪ فوج جي بهادر جوانن کي خراج عقيدت پيش ڪيو ويو جشنِ آزادي جي موقعي تي پنهنجي خصوصي پيغام ۾ چيئرمين حاجي نواز علي بروهي چيو ته پاڪستان اسان جي بزرگن جي بي مثال جدوجهد، لازوال قربانين ۽ عزم ۽ حوصلي جو ثمر آهي قيامِ پاڪستان لاءِ اسان جي بزرگن پنهنجا گهر، ملڪيتون ۽ پنهنجا پيارا به قربان ڪيا، هجرت جون تڪليفون برداشت ڪيون ۽ بي شمار مشڪلاتن کي منهن ڏنو تڏهن وڃي اسان کي هڪ آزاد ۽ خودمختيار وطن نصيب ٿيو هن چيو ته اڄ اسان جنهن آزاد ماحول ۾ سڪون سان ساهه کڻي رهيا آهيون پنهنجي مذهبي ۽ قومي تشخص سان زندگي گذاري رهيا آهيون ۽ پنهنجي مستقبل جا فيصلا پاڻ ڪرڻ جو حق رکون ٿا، اهو سڀ ڪجهه پاڪستان جي آزادي جي ڪري ممڪن ٿيو آهي هن آزادي جي قدر ڪرڻ ۽ ان کي مضبوط بڻائڻ اسان سڀني جي قومي ذميواري آهي پاڪستان جي آزادي ۽ خودمختياري جي تحفظ ۾ پاڪ فوج ۽ ٻين قومي ادارن جو ڪردار قابل فخر ۽ ناقابل فراموش آهي اسان جي بهادر هٿياربند فوج هميشه ملڪ جي سرحدن جي دفاع ۽ وطن جي سلامتي لاءِ پنهنجون ذميواريون نڀايون آهن قوم پنهنجي شهيدن جي قربانين ۽ پاڪ فوج جي جوانن جي بي مثال خدمتن کي قدر ۽ احترام جي نظر سان ڏسي ٿي هن چيو ته پاڪستان صرف هڪ سرزمين جو نالو ناهي، پر اهو اسان جي بزرگن جي خوابن، قربانين ۽ اميدن جي علامت آهي اڄ اسان کي اهو عهد ڪرڻو پوندو ته پنهنجي وطن کي وڌيڪ مضبوط، پرامن، خوشحال ۽ ترقي يافته بڻائڻ لاءِ پنهنجي حصي جو ڪردار ايمانداري، محنت ۽ خلوصِ نيت سان ادا ڪنداسين قومي ترقي لاءِ اتحاد، اخوت، برداشت ۽ باهمي احترام کي فروغ ڏيڻ وقت جي اهم ضرورت آهي اسان کي پنهنجن اختلافن کي هڪ پاسي رکندي پاڪستان جي وسيع تر مفاد کي ترجيح ڏيڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته هڪ مضبوط ۽ متحد قوم ئي پنهنجي ملڪ کي ترقي جي راهه تي گامزن ڪري سگهي ٿي

ڪراچي: تقريب جي شروعات جشنِ آزادي ڪيڪ ڪاٽڻ سان ڪئي وئي

نوري آباد ۾ فيصل ملز جي نور اڪيڊمي اسڪول ۾ جشنِ آزادي جي تقريب منعقد ڪئي وئي

نوري آباد (ن ع) فيصل ملز ۾ نور اڪيڊمي اسڪول پاران 14 آگسٽ، جشنِ آزادي جي ڏهاڙي جي مناسبت سان شاندار تقريب منعقد ڪئي وئي، تقريب ۾ اسڪول جي شاگردن، شاگردياڻين، استادن، صنعتڪارن ۽ علائقي جي معززين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.تقريب جي شروعات قومي پرچم ڦڙڪائي ڪئي وئي، جنهن ڪانپوءِ جشن آزادي جي خوشيءَ ۾ ڪيڪ ڪاٽيو ويو ان موقعي تي شاگردن ۽ شاگردياڻين پاران مختلف ٽيبلوز پيش ڪيا ويا، جن ۾ پاڪستان جي آزادي، قومي يڪجهتي ۽ ملڪ سان محبت کي اجاگر ڪيو ويو.تقريب دوران اسڪول جي استادن ۽ معززين پاران خطاب ڪندي آزادي جي اهميت، پاڪستان جي ترقي ۽ نوجوان نسل جي ذميوارين تي روشني وڌي وئي شرڪت ڪندڙن چيو ته ملڪ جي روشن مستقبل لاءِ شاگردن کي تعليم سان گڏ حب الوطني، اتحاد ۽ نظم و ضبط جو جذبو به اجاگر ڪرڻ گهرجي.جشن آزادي جي تقريب ۾ ڊي ايس پي نوري آباد ڪليم سومرو حاجي محمد رمضان خان پالاري ڪنور ضياءَ الرحمان سمير الدين عثمان صاحب ساجد صاحب سائٽ نوري آباد پي ايس انچارج محمد بخش پنهور خصوصي شرڪت ڪئي.تقريب ۾ نور اڪيڊمي جي شاگردن شاگردياڻين پاران شاندار پرفارمنس ڪئي شرڪت ڪندڙن پاران ڀرپور داد ڏني وئي، ملڪ جي سلامتي، خوشحالي ۽ ترقي لاءِ دعائون پڻ گهريون ويون

ٺري ميرواهه تعلقي جي سڀني شهرن ۾ جشنِ آزادي جو ڏينهن ملهايو ويو

ٺري ميرواهه(ن ع)ٺري ميرواهه تعلقي جي سڀني ننڍن وڏن شهرن ۾ جشنِ آزادي جو ڏينهن وڏي جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويو سرڪاري ۽ خانگي اسڪولن ۾ مختلف تقريبون منعقد ڪيون ويون جشنِ آزادي جي مک تقريب اسسٽنٽ ڪمشنر ٺري ميرواهه جي آفيس ۾ منعقد ڪئي وئي اسسٽنٽ ڪمشنر ٺري ميرواهه گل فيصل الاهي قومي جهنڊو ڦڙڪايو ۽ وڻ پوکي ملڪي سلامتي لاءِ دعائون گهريون جڏهن ته قيدين ۾ مٺائي پڻ ورهائي وئي ان موقعي تي تپيدار علي مراد شر فيروز سولنگي صحافي اطهر گلاب سهتو ۽ ٻيا پڻ موجود هئا

CELEBRATION OF INDEPENDENCE DAY 2023
14 August
PAKISTAN
INDEPENDENCE DAY

گلاب لغاري: هائير سيڪنڊري اسڪول ۾ ڪوئيز تقريرن ملي نغمن جا مقابلا پڻ ٿيا

گلاب لغاري ۾ جشن آزادي جو ڏهاڙو وڏي جوش ۽ ولولي سان ملهايو ويو

هائير سيڪنڊري اسڪول ۾ ڪوئيز، تقريرن، ملي نغمن جا مقابلا پڻ ٿيا

اسان جي بزرگن پاڪستان کي حاصل ڪرڻ لاءِ وڏيون قربانيون ڏنيون:خالد لغاري

گلاب لغاري (ن ع) گلاب لغاري ۾ به جشن آزادي جو ڏهاڙو وڏي جوش ۽ ولولي سان ملهايو پيو وڃي انهي سلسلي ۾ گلاب لغاري هائير سيڪنڊري اسڪول ۾ پاڪستان جي آزادي جو 79 هون ڏهاڙو وڏي جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويو پروگرام ۾ شاگردن ۽ شاگردياڻين وڏي تعداد ۾ حصو ورتو جن ۾ پاڪستان ڪوئيز تقريرن ملي نغمن جا مقابلا پڻ ٿيا.اسڪول جي هيڊ ماسٽر خالد حسين لغاري، صيف الدين لغاري، گل محمد زئون علي نواز خاصخيلي راڻو پنهور محمد ايوب احمداڻي محمود لغاري علي مراد شيخ فاروق رند، عبدالغفار لغاري، عبدالحفيظ لغاري، عبدالستار لغاري، عبدالحسين ڪالرو انعام لغاري، رميش ڪمار ليڪراج علي نواز لغاري، جاويد پلي، آصف لغاري ۽ ٻين شرڪت ڪئي پروگرام ۾ پاڪستان ڪوئيز تقريرن ۽ ملي نغمن جا مقابلا ٿيا. اسڪول جي هيڊ ماسٽر خالد حسين لغاري پنهنجي صدارتي تقرير ۾ ڳالهائيندي چيو ته اسان پنهنجو وطن وڏين قربانين کانپوءِ حاصل ڪيو ۽ اسان جي بزرگن پاڪستان کي حاصل ڪرڻ لاءِ وڏيون قربانيون ڏنيون اسان اڄوڪي ڏينهن تي کين سلام پيش ڪيون ٿا. اسڪول جي سينيئر استاد صيف الدين لغاري پنهنجي تقرير ۾ شاگردن کي محنتن کي ساراهيندي چيو ته محنت ۾ ئي عظمت آهي اڄ جا شاگرد سڀاڻي جا اڳيندي آهن عبدالستار لغاري پنهنجي تقرير ۾ چيو ته جيڪو ماڻهو پنهنجي گهر ۽ ٻارڙن سان محبت نٿو ڪري، اهو پنهنجي وطن سان به محبت نه ڪندو هوندو اسان کي پنهنجي وطن سان محبت آهي ۽ پڙهي لکي پنهنجي وطن جي خدمت ڪري سگهون ٿا. پروگرام جي آرگنائيزر علي مراد شيخ ۽ عبدالحسين ڪالرو پڻ پنهنجي خيالن جو اظهار ڪيو

مهراڻ يونيورسٽي ۾ 14 آگسٽ تي جشن آزادي جي تقريب

وائيس چانسلر پروفيسر طحه حسين علي قومي پرچم چاڙهي سلامي ڏني

وڏن جي ڏنل قربانين ۽ ذريعي ماڻيل ثمرات کي ياد ڪرڻ جو ڏينهن آهي:پروفيسر طحه حسين

ڄامشورو(پ ر) مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي ۾ 14 آگسٽ تي جشن آزادي جي تقريب قومي جذبي سان منعقد ڪئي وئي مهراڻ يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر طحه حسين علي قومي پرچم چاڙهي، سلامي ڏئي تقريب جو آغاز ڪيو ان موقعي تي ڳالهائيندي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر طحه حسين علي چيو ته هي ڏينهن اسان جي وڏن جي ڏنل قربانين ۽ انهن قربانين ذريعي ماڻيل ثمرات کي ياد ڪرڻ جو ڏينهن آهي آزادي جهڙي ڪا نعمت ڪونهي، هي وطن دنيا جي نقشي تي سرخرو ٿي اڀريو آهي اسان کي ايڪو ۽ ٻڌي قائم رکي پاڪستان جي ترقي لاءِ ڪم ڪرڻو آهي. نوجوان هن ملڪ جو سرمايو آهن وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر طحه حسين علي 14 ڏينهن تائين جاري رهندڙ جشن آزادي تقريبن ۽ ٽيلنٽ هنٽ جي مقابلن جي فاتح شاگردن ۽ شاگردياڻين ۾ انعام ورهايا. تقريري مقابلن بحث مباحثي سوالن جوابن قومي گيتن اسٽيج ڊرامي ۽ راندين جي مقابلن جي فاتح شاگردن ۽ شاگردياڻين جي ڪارڪردگي ۽ صلاحيتن کي ساراهيو ويو ان کان اڳ مهراڻ يونيورسٽي پبلڪ اسڪول جي شاگردن ۽ شاگردياڻين ۾ جشن آزادي جي خوشي ۾ مٺائي تقسيم ڪئي وئي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر طحه حسين علي، رجسٽرار پروفيسر ڊاڪٽر نصرالله پيرزادو ٻين فيڪلٽين استادن ۽ شاگردن ڏهاڙي جي مناسبت سان پنهنجي ياد جا ٻوٽا پوکيا

هالا جي ڳوٺ سلطان سهتو جي رهواسڻ پاران منشيات فروش خلاف احتجاج

وسيم سهتو موبائل هيڪ ڪري بليڪ ميل ڪري رهيو آهي:ياسمين سهتو

وسيم هٿياربند سان گڏجي تشدد جو نشانو بڻائي اغوا جي ڪوشش ڪئي

هالا (ن ع) هالا جي ڳوٺ سلطان سهتو جي رهواسڻ عورت ياسمين سهتو پاران منشيات فروش وسيم سهتو جي مبينا ناجائزين خلاف هالا پريس ڪلب ۾ احتجاج ڪيو آهي ـ ڳوٺ سلطان سهتو واسڻ شادي شده عورت مسمات ياسمين زال جاويد سهتو هالا پريس ڪلب ۾ صحافين آڏو دانهيندي ٻڌايو ته ڳوٺ گل سهتو جو رهواسي منشيات فروش وسيم سهتو منهنجي موبائل هيڪ ڪري A I ذريعي منهنجون نازيبا وڊيو ۽ تصويرون ٺاهي سوشل ميڊيا تي رکي مون کي بليڪ ميل ڪري رهيو آهي هن چيو ته ڪجهه ڏينهن اڳ وسيم سهتو پنهنجي هٿياربند ساٿين سان گڏجي منهنجي مائٽن جي گهر ۾ زبردستي داخل ٿي مون کي سخت تشدد جو نشانو بڻائي اغوا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن جو ڀٽ شاهه ٿاڻي تي ڪيس پڻ داخل ڪرايو ويو پر پوليس سندس خلاف ڪابه ڪاروائي نه ڪئي آهي هن ٻڌايو ته جوابدار وسيم سهتو منشيات جي سرگرمين ۾ ملوث آهي جنهن مٿان مختلف ٿاڻن تي منشيات ايڪٽ تحت ڪيترائي ڪيس داخل آهن پر پوليس کي لکين رپيا منٿلي ڏيڻ عيوض پوليس سندس آڏو بيوس بڻيل آهي هن الزام هڻندي ٻڌايو ته وسيم سهتو مون سميت ڳوٺ جي ٻين نياڻين کي مبينا جنسي حراسان ڪرڻ ٿوڙي سوشل ميڊيا ذريعي بليڪ ميل ڪري رهيو آهي ۽ اي آءِ ايپ جي ذريعي سندن ڪوڙيون نازيبا وڊيوز ٺاهي سوشل ميڊيا تي ڦهلائڻ سميت جان کان مارڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي هن آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي مٽياريءَ کان مطالبو ڪيو ته منشيات فروش خلاف قانوني ڪاروائي عمل ۾ آڻي انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪيو وڃي

ٽائون ڪميٽي عادلپور پاران جشنِ آزادي جي پروقار تقريب

وائيس چيئرمين عبدالغفار ڪلوڙ پاڪستان جي آزادي تي روشني وڌي

ملڪ جي سلامتي،استحڪام،امن ۽ عوام جي خوشحالي لاءِ دعا ڪئي وئي

گهوٽڪي(ن ع)گهوٽڪي جشن آزادي جي موقعي تي ٽائون ڪميٽي عادلپور پاران چيئرمين جام نوشيروان خان ڌاريجو جي هدايتن تي هڪ پروقار تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ پاڪستان جو قومي جهنڊو ڦڙڪايو ويو تقريب ۾ وائيس چيئرمين ٽائون ڪميٽي عادلپور عبدالغفار ڪلوڙ ٽائون آفيسر نادر علي بوزدار معزز مهمان علم الدين سولنگي مظفر علي ڪلوڙ ۽ چندربان سميت ٽائون ڪميٽي جي ايڊمن اسٽاف، سينيٽيشن اسٽاف مختلف شعبن سان لاڳاپيل ملازمن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي وائيس چيئرمين عبدالغفار ڪلوڙ خطاب ڪندي پاڪستان جي آزادي جي اهميت تي روشني وڌي ۽ چيو ته آزادي هڪ وڏي نعمت آهي جنهن جي حفاظت ۽ ملڪ جي ترقي لاءِ هر شهري کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي اسان سڀني کي گهرجي ته پاڪستان جي ترقي، خوشحالي ۽ سلامتي لاءِ ايمانداري سان پنهنجو ڪردار ادا ڪريون هن چيو ته اتحاد، ڀائيچاري ۽ قومي يڪجهتي سان ئي پاڪستان کي وڌيڪ مضبوط ۽ خوشحال بڻائي سگهجي ٿو هن ملڪ جي سلامتي، استحڪام، ترقي ۽ خوشحالي لاءِ گڏيل ذميوارين کي اجاگر ڪيو آخر ۾ ملڪ جي سلامتي، استحڪام امن ۽ عوام جي خوشحالي لاءِ خصوصي دعا ڪئي وئي

گهوٽڪي: وائيس چيئرمين عبدالغفار ڪلوڙ پاڪستان جي آزادي تي روشني وڌي

جشن آزادي جي حوالي سان ٽول پلازه کان پريس ڪلب راڻيپور تائين ريلي

هزارين ماڻهن پاران موٽرسائيڪل،ڪارن جي وڏي جشن آزادي ريلي ڪڍي وئي

شهر پاڪستان زنده آباد جي نعرن سان گونجي اٿيو،پاڪ فوج سان گڏ آهيون:اڳواڻ

راڻيپور(ن ع)جشن آزادي جي حوالي سخي هوٽل ٽول پلازه کان پريس ڪلب راڻيپور تائين اڪبر شاهاڻي جي اڳواڻيءَ ۾ هزارين ماڻهن موٽرسائيڪل ڪار جي وڏي ريلي ڪڍي وئي، راڻي پور شهر پاڪستان زنده آباد جي نعرن سان گونجي اٿيو جڏهن ته ريلي ۾ پيپلزپارٽي ضلع خيرپور سينيئر نائب صدر سردار نذير احمد چانڊيو پيپلزپارٽي يوسي گڏيجي ضلع ڪائونسلر حاجي عباس راڄپر حاجي راحيل سرڪي ميان فدا حسين پيرزاده فاروق احمد دايو حاجي امتياز ملاح فقير محمد عباسي شاهد راڄپر شبير جعفري ۽ ٻين شرڪت ڪئي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته پاڪستان جي 79هين آزاديءَ جي ڏهاڙي جي موقعي تي پوري قوم خاص طور تي سنڌ جي عوام کي دل جي گهراين سان مبارڪباد پيش ڪيون ٿا 14 آگسٽ آزادي جي ڏهاڙي تي پاڪ سان شانه به شانه گڏ آهيون پاڪ فوج اسان عوام جي حفاظت لاءِ هميشه اڳ رهي آهي آزادي جو ڏهاڙو ڪنهن نعمت کان گهٽ ناهي 4 آگسٽ جو ڏينهن اسان لاءِ آزاديءَ جي عظيم نعمت سان گڏ انهن سمورن شهيدن بزرگن ۽ قومي اڳواڻن جي لازوال قربانين کي ياد ڪرڻ جو ڏينهن پڻ آهي، جن جي جدوجهد جي نتيجي ۾ پاڪستان هڪ آزاد وطن جي حيثيت سان دنيا جي نقشي تي اڀريو قائداعظم محمد علي جناح جي قيادت ۽ جدوجهد اسان لاءِ مشعلِ راهه آهي اڄوڪي ڏينهن تي اسان کي اهو عزم ڪرڻ گهرجي ته ملڪ جي ترقي خوشحالي امن ڀائيچاري ۽ جمهوريت جي مضبوطي لاءِ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪنداسين پاڪستان اسان جي ڇهه رڳ آهي هڪ مضبوط ۽ خوشحال پاڪستان لاءِ ضروري آهي ته معاشري جي هر طبقي کي برابر موقعا، عزت ۽ سهولتون فراهم ڪيون وڃن آزاديءَ جي ڏهاڙي جي موقعي تي قومي اتحاد، ڀائيچاري، رواداري ۽ ملڪ سان وفاداري جي جذبي کي وڌيڪ مضبوط ڪيو ويندو

سجاول ۾ ضلعي انتظاميه پاران 79هون آزادي جو ڏهاڙو ملهايو ويو،شهرين جي ڀرپور شرڪت

ڊپٽي ڪمشنر آفيس ۾ پرچم ڪشائي جي شاندار تقريب منعقد ڪئي وئي،پ پ پاران جشن آزادي جي خوشي ۾ ريلي ڪڍي وئي

گهٽيون ۽ بازارون قومي ۽ ملي نغمن سان گونجنديون رهيون، نوجوانن پاران قومي گيتن تي رقص ڪري جشنِ آزادي جون خوشيون ملهايون ويون

شاگردن ۾ جشنِ آزادي تقريرن جا مقابلا،شاگردن پاڪستان جي آزادي،قومي يڪجهتي ۽ وطن سان محبت بابت خيالن جو اظهار ڪيو

سجاول (ڊ ر) سجاول ۾ ضلعي انتظاميه پاران 79هون آزادي جو ڏهاڙو ملهايو ويو پ پ اڳواڻن پاران جشن آزادي جي خوشي ۾ ريلي ڪڍي وئي.سجاول ۾ ڊپٽي ڪمشنر آفيس ۾ پرچم ڪشائي جي شاندار تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ ايس ايس پي سجاول عليند راڄپر اي ڊي سي ون شاهد نظير لنڊ اي ڊي سي ٽو پريل چانڊيو ڊي ايس پي سجاول ۽ ٻين آفيسرن سان گڏجي 79 هون آزادي جو ڏهاڙو ملهائڻ واري تقريب جو افتتاح ڊي سي ڪامپليڪس ۾ قومي جهنڊو ڦڙڪائي ڪيو ويو ان موقعي تي پوليس جي جوانن پاران پريڊ ڪندي سلامي پڻ پيش ڪئي 14 آگسٽ جشن آزادي جي سلسلي ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي تعلقه سجاول پاران هڪ شاندار ريلي جوش ۽ جذبي سان ڪڍي وئي، ريلي جي اڳواڻي پ پ تعلقه سجاول جي صدر ڊاڪٽر اقبال احمد ميمڻ ۽ پارٽي جي سرگرم اڳواڻ عبداللطيف ميمڻ ڪئي ريلي پبلڪ پارڪ کان شروع ٿي شهر جي مختلف علائقن مان گذرندي مرڪزي بازار ماڻون لاڙو چوڪ ۽ بلورو اسٽاپ کان ٿيندي پريس ڪلب ٽاڪي تي پهتي ريلي ۾ شرڪت ڪندڙن هٿن ۾ قومي جهنڊا کڻي پاڪستان سان محبت جو اظهار ڪيو جڏهن ته شهر جون گهٽيون ۽ بازارون قومي ۽ ملي نغمن سان گونجنديون رهيون نوجوانن پاران قومي گيتن تي رقص ڪري جشنِ آزادي جون خوشيون ملهايون ويون پريس ڪلب ٽاڪي تي ريلي جي پهچڻ بعد قومي جهنڊو ڦڙڪايو ويو جڏهن ته جشنِ آزادي جي خوشي ۾ ڪيڪ پڻ ڪاٽيو ويو ريلي ۾ رئيس عبدالله خان لغاري، منظور رحيم پليجو نجيب سرويچ، سيد شفقت حسين شاهه متياري، عارف ابڙو حاجي مظفر علي لغاري عمران ڪٽي، منظور ميمڻ ۽ ٻين شرڪت ڪئي گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج جي آڊيٽوريم هال ۾ جشنِ آزادي جي سلسلي ۾ پروقار تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن جي صدارت ڪاليج جي پرنسپل پروفيسر محمد حسن پلي ڪئي تقريب ۾ ايسوسيئيٽ پروفيسر نعيم الدين پروفيسر سيد افتخار شاهه ٻين پروفيسرن، شاگردن ۽ ڪلارڪ اسٽاف وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي تقريب دوران شاگردن جشنِ آزادي جي حوالي سان تقريرن جا مقابلا پڻ منعقد ڪيا ويا، جنهن ۾ شاگردن پاڪستان جي آزادي، قومي يڪجهتي ۽ وطن سان محبت بابت پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيو تقريب جي پڄاڻي تي شاگردن ۾ مڃتائون ۽ سرٽيفڪيٽ ورهايا ويا اسڪائي شاهين اسڪول پاران هريش ڪمار جي قيادت ۾ جشن آزادي جي تقريب منعقد ڪئي وئي 14 آگسٽ جشن آزادي جي حوالي سان جامع مسجد خالد بن وليد سجاول کان حافظ رياض ميمڻ جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي

سجاول: ضلعي انتظاميه پاران 79هون آزادي جو ڏهاڙو ملهايو ويو،شهرين جي ڀرپور شرڪت

اسلام آباد پبلڪ لائبريري ۾ "پاڪستان جي ڪهاڻي،ڪتابن جي زباني" سيمينار ۽ ڪتابي نمائش

سيمينار ۾ تحريڪِ پاڪستان، قيامِ پاڪستان ۽ ملڪي استحڪام سان لاڳاپيل مختلف اهم ۽ فڪري موضوعن تي معلوماتي ڳالهيون ڪيون ويون

پاڪستان عظيم جدوجهد ۽ بي مثال قربانين جي نتيجي ۾ وجود ۾ آيو نئين نسل کي تحريڪ کان آگاهه ڪرڻ جي اهم ضرورت آهي:محمد ارشد

مقررن قائداعظم جي سياسي بصيرت، قيادت ۽ برصغير جي مسلمانن لاءِ سندس جدوجهد جي مختلف پهلوئن کي اجاگر ڪيو

اسلام آباد(پ ر)ڊائريڪٽر جنرل ڊپارٽمينٽ آف لائبريرين اسلام آباد جناب محمد ارشد جي خاص هدايتن تي يوم آزادي پاڪستان جي مناسبت سان اسلام آباد پبلڪ لائبريري، سيڪٽر H-9/4 ۾ "پاڪستان جي ڪهاڻي ڪتابن جي زباني" جي عنوان سان هڪ ڏينهن وارو سيمينار ۽ ڪتابن جي نمائش ۾ منعقد ڪئي وئي.تقريب جي شروعات تلاوت ڪلام پاڪ سان ڪئي وئي، جنهن کان پوءِ بارگاهه رسالت صلي الله عليه وسلم ۾ نعت رسول مقبول صه پيش ڪئي وئي ۽ قومي ترانو پڙهيو ويو ان موقعي تي ڊائريڪٽر جنرل ڊپارٽمينٽ آف لائبريرين اسلام آباد جناب محمد ارشد تقريب ۾ صدارتي خطاب ڪندي يوم آزادي جي اهميت تي روشني وڌي. هن چيو ته پاڪستان هڪ عظيم جدوجهد ۽ بي مثال قربانين جي نتيجي ۾ وجود ۾ آيو تنهن ڪري نئين نسل کي تحريڪ پاڪستان جي تاريخ ۽ قومي جدوجهد کان آگاهه ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي سيمينار دوران تحريڪِ پاڪستان، قيام پاڪستان ۽ ملڪي استحڪام سان لاڳاپيل مختلف اهم ۽ فڪري موضوعن تي معلوماتي ڳالهيون ڪيون ويون پروفيسر ڊاڪٽر زيد.اي قريشي ۽ نذير تبسم "قائداعظم محمد علي جناح ۽ تحريڪ پاڪستان" جي موضوع تي ڳالهائيندي قائداعظم جي سياسي بصيرت قيادت ۽ برصغير جي مسلمانن لاءِ سندس جدوجهد جي مختلف پهلوئن کي اجاگر ڪيو غلام عباس "پاڪستان جي استحڪام ۾ پاڪ فوج جو عملي ڪردار" جي موضوع تي پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيو جڏهن ته ندا مشتاق "تحريڪِ پاڪستان ۾ عورتن جو ڪردار" جي موضوع تي ڳالهائيندي تحريڪِ پاڪستان ۾ عورتن جي خدمتن ۽ قربانين کي اجاگر ڪيو ان موقعي تي آصف علي "تحريڪِ پاڪستان ۾ سنڌ جو ڪردار" جي موضوع تي خطاب ڪندي سنڌ جي سياسي جدوجهد ۽ قيام پاڪستان ۾ سنڌ جي اهم ڪردار جي مختلف تاريخي پهلوئن تي روشني وڌي.تقريب ۾ يومِ آزادي جي خوشي ۾ ڪيڪ ڪٽڻ جي تقريب پڻ منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ ڊائريڪٽر جنرل جناب محمد ارشد، معزز مهمان، مقررن ۽ ڊپارٽمينٽ آف لائبريريز جي آفيسرن ۽ ملازمن شرڪت ڪئي ان موقعي تي پاڪستان جي سلامتي، ترقي، خوشحالي ۽ استحڪام لاءِ خاص دعا پڻ ڪئي وئي.تقريب ۾ ڊپارٽمينٽ آف لائبريريز جي آفيسرن ۽ ملازمن لائبريري پروفيشنلز، استاد، شاگرد، محقق ۽ ڪتابن سان دلچسپي رکندڙ ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي شرڪت ڪندڙن سيمينار ۽ ڪتابن جي نمائش کي ساراهيندي ان کي يوم آزادي جي حوالي سان هڪ مفيد ۽ بامقصد علمي ۽ ادبي سرگرمي قرار ڏنو.هي تقريب ان عزم جي عڪاسي هئي ته ڊپارٽمينٽ آف لائبريرين اسلام آباد، ڪتاب ۽ مطالعي جي فروغ سان گڏ نئين نسل ۾ قومي تاريخ، ورثي ۽ پاڪستان سان وابستگي جي جذبي کي اجاگر ڪرڻ لاءِ پنهنجو ڪردار هميشه جاري رکندو

پاڪستان جي آزادي جو ڏينهن ضلعي دادو ۾ به قومي جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويو

79هين يومِ آزادي جي موقعي تي پوليس هيڊڪوارٽرز دادو ۾ قومي جهنڊي ڦڙڪائڻ جي پروقار تقريب منعقد ڪئي وئي

ضلعي انتظاميه،پوليس ٻين سرڪاري ادارن سميت سول سوسائٽي،ميڊيا جي نمائندن،شاگردن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

خصوصي دعائون گهريون ويون،جشنِ آزادي جي خوشيءَ ۾ تقريب دوران ڪيڪ ڪاٽيو ويو، يادگارِ شهدا تي گل چاڙهيا ويا

دادو(ڊ ر)سموري ملڪ جيان پاڪستان جي آزادي جو ڏينهن ضلعي دادو ۾ به قومي جوش ۽ جذبي سان ملهايو پيو وڃي پوليس هيڊڪوارٽرز دادو ۾ قومي جهنڊي ڦڙڪائڻ جي پروقار تقريب منعقد،وطن سان وفا ۽ تجديدِ عهد جو اظهار ضلعي انتظاميا دادو پاران وطنِ عزيز پاڪستان جي 79هين يومِ آزادي جي موقعي تي پوليس هيڊڪوارٽرز دادو ۾ قومي جهنڊي ڦڙڪائڻ جي پروقار تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ ضلعي انتظاميا، پوليس، ٻين سرڪاري ادارن سميت سول سوسائٽي، ميڊيا جي نمائندن، اسڪول جي شاگردن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، تقريب ۾ ڊپٽي ڪمشنر دادو سيد مرتضيٰ علي شاهه ايس ايس پي دادو ڪيپٽن (ر) صدام حسين خاصخيلي ايم پي اي دادو پير مجيب الحق اڳوٽي ايم پي اي ميڊم ڪلثوم چانڊيو چيئرمين ضلعي ڪائونسل دادو سيد محمد شاهه ۽ ٻين معزز شخصيتن ۽ آفيسرن شرڪت ڪئي، تقريب جي شروعات قومي پرچم ڪشائي سان ڪئي وئي جنهن پوليس جي چاڪ و چوبند دستي قومي جهنڊي کي سلامي پيش ڪئي ان موقعي تي وطنِ عزيز جي سلامتي ترقي ۽ خوشحالي لاءِ خصوصي دعائون پڻ گهريون ويون، جشنِ آزادي جي خوشيءَ ۾ تقريب دوران ڪيڪ ڪاٽيو ويو يادگارِ شهدا تي گل چاڙهيا ويا ۽ وطنِ عزيز تان ٿوڙي پوليس جي شهيدن جي لازوال قربانين کي خراج عقيدت پيش ڪيو ويو بعد ۾ ڊي سي دادو ايس ايس پي دادو ۽ ٻين معزز شخصيتن پاران شجرڪاري مهم تحت ٻوٽا پڻ لڳايا ويا، تقريب دوران قومي ذميواري ۽ صحت عامه بابت آگاهي لاءِ ٻارن کي پوليو بوسٽر ڊوز جا ڦڙا پيارايا ويا ۽ قومي انسدادِ پوليو مهم جي اهميت کي اجاگر ڪيو ويو بعد ۾ ڊپٽي ڪمشنر دادو سيد مرتضيٰ علي شاهه ۽ ايس ايس پي دادو ڪيپٽن (ر) صدام حسين خاصخيلي جي اڳواڻي ۾ معزز شخصيتن ڊسٽرڪٽ جيل دادو جو دورو ڪيو جتي جيل سپرنٽينڊنٽ جاويد ايوب مغيري مهمانن جو استقبال ڪيو جڏهن ته چاڪ و چوبند دستي پاران سلامي پيش ڪئي وئي، جيل جي دوري دوران قيدين کي جشنِ آزادي جون مبارڪون ڏنيون ويون ۽ ساڻن گڏ جشنِ آزادي جو ڪيڪ پڻ ڪاٽيو ويو ان موقعي تي ڊي سي دادو ۽ ايس ايس پي دادو جيل جي سيڪيورٽي تي مقرر فرنٽيئر ڪانسٽيبلري جي اهلڪارن ۽ جيل پوليس جي جوانن سان ملاقات ڪئي ۽ کين پڻ جشنِ آزادي جون مبارڪون ڏنيون، ٻئي طرف جشنِ آزادي جي سلسلي ۾ ضلعي جي سمورن ننڍن وڏن شهرن ۾ عوام پاران قومي جوش ۽ جذبي سان ريلين ۽ مختلف تقريبون منعقد ڪرڻ جو سلسلو پڻ جاري آهي، جڏهن ته جشنِ آزادي جي موقعي تي دادو پوليس پاران سموري ضلعي ۾ سيڪيورٽي جا خصوصي ۽ سخت انتظام ڪيا ويا آهن ته جيئن شهرين کي پرامن ۽ محفوظ ماحول فراهم ڪري سگهجي مختلف اهم جاين ريلين ۽ عوامي گڏجاڻين وارن هنڌن تي پوليس نفري مقرر ڪئي وئي آهي ۽ امن امان يقيني بڻائڻ لاءِ نگراني ۽ گشت جو سلسلو پڻ جاري آهي

داد لغاري ۾ شاهين پبلڪ سيڪنڊري اسڪول ۾ جشنِ آزادي ملهائي وئي

شاندار تقريب ۾ انتظاميه،استادن ۽ شاگردن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

ريلي دوران شاگردن "پاڪستان زنده باد" ۽ "پاڪ فوج زنده باد" جا نعرا هنيا

داد لغاري(ن ع)شاهين پبلڪ سيڪنڊري اسڪول حاجي عبدالرشيد لغاري ۾ جشنِ آزادي جو ڏينهن قومي جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويو ان موقعي تي اسڪول ۾ شاندار تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ اسڪول جي انتظاميا، استادن ۽ شاگردن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.تقريب دوران اسڪول جي اسيمبلي کي قومي جهنڊن ۽ سبز ۽ اڇي رنگ جي سينگار سان خوبصورتيءَ سان سجايو ويو شاگردن جشنِ آزادي جي مناسبت سان قومي لباس پهريو، هٿن ۾ پاڪستان جا جهنڊا کڻي وطن سان محبت جو اظهار ڪيو.جشنِ آزادي جي حوالي سان استادن ۽ شاگردن پاران هڪ شاندار ريلي پڻ ڪڍي وئي، جيڪا مختلف رستن تان گذري ريلي دوران شاگردن پاران "پاڪستان زنده باد" ۽ "پاڪ فوج زنده باد" جا پرجوش نعرا هنيا ويا، جڏهن ته قومي جهنڊن جي هر طرف بهار نظر آئي.ان موقعي تي اسڪول جي پرنسيپال امجد لغاري، استادن عبدالمعين لغاري، اسد رضا لغاري، سهيل احمد لغاري، نظير احمد لغاري، ذيشان احمد لغاري،عطا مصطفي ۽ محسن علي لغاري ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته پاڪستان اسان لاءِ الله پاڪ جي وڏي نعمت آهي، جنهن جي آزادي لاءِ اسان جي بزرگن ۽ قومي هيروز لازوال قربانيون ڏنيون هنن شاگردن تي زور ڏنو ته هو تعليم، نظم و ضبط، محنت ۽ ايمانداري کي پنهنجو شعار بڻائي ملڪ جي ترقي ۽ خوشحالي ۾ اهم ڪردار ادا ڪن. اسڪول انتظاميا پاران چيو ويو ته جشنِ آزادي جون تقريبون منعقد ڪرڻ جو مقصد شاگردن ۾ وطن سان محبت، قومي يڪجهتي ذميواري ۽ حب الوطني جو جذبو اجاگر ڪرڻ آهي تقريب جي پڄاڻي تي پاڪستان جي سلامتي خوشحالي ۽ ترقي لاءِ خاص دعائون پڻ ڪيون ويون

ٽنڊوڄام ۾ يونين ڪميٽي 55 جي آفيس ۾ آزادي ڏهاڙي جي تقريب

حاجي غلام علي گوپانگ،فرمان ڪتياڻ ۽ ٻين ڪيڪ پڻ ڪاٽيو

ترقي،خوشحالي ۽ استحڪام لاءِ هر شهري کي ڪردار ادا ڪرڻو پوندو:غلام علي گوپانگ

ٽنڊوڄام(ٽ ر)پاڪستان جي 79هين آزادي ڏهاڙي جي موقعي تي يونين ڪميٽي 55 جي آفيس ۾ تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن دوران ڪيڪ پڻ ڪاٽيو ويو تقريب ۾ يو سي 58 جي چيئرمين حاجي غلام علي گوپانگ، يو سي 55 جي چيئرمين فرمان خان ڪتياڻ ۽ ٻين شرڪت ڪئي ان موقعي تي حاجي غلام علي گوپانگ ٽنڊوڄام سميت سموري قوم کي آزادي ڏهاڙي جون مبارڪون ڏيندي چيو ته لازوال قربانين ڪانپوءِ پاڪستان جهڙو آزاد وطن حاصل ٿيو جنهن جي ترقي خوشحالي ۽ استحڪام لاءِ هر شهري کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو هن چيو ته سينيئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ ۽ راول شرجيل ميمڻ جي خاص هدايتن تي ٽنڊوڄام ۽ ڀرپاسي جي مختلف ڳوٺن ۾ ترقياتي ڪم جاري آهن جن سان علائقي جي ماڻهن کي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ ۾ مدد ملندي انهي موقعي تي فرمان خان ڪتياڻ پڻ خيالن جو اظهار ڪيو تقريب جي پڄاڻي تي ملڪ جي سلامتي، ترقي، خوشحالي ۽ استحڪام لاءِ خصوصي دعا پڻ گهري وئي

جشن آزادي جي موقعي تي ٽائون ڪاميٽي سڪرنڊ ۾ تقريب

سڪرنڊ (س ر)14 آگسٽ جشن آزادي جي موقعي تي ٽائون ڪاميٽي سڪرنڊ ۾ تقريب ڪوٺائي وئي جنهي چيئرمين سيد عذيراختر شاهه چاموٽ سڪرنڊ جي معزز شهرين ايم ايس ڊاڪٽر امتياز چانڊيو ڊي ايس پي اشفاق باجوا ، عبدالحميد آرائين، نياز لاشاري، غلام حيدر سولنگي،قاضي جاويد سنائي غلام نبي ملاح بلال لاشاري، رضامحمدسيال،ولي محمد پلي راڄڪمار اوڏ ۽ ٻين سان گڏجي جهنڊو ڦڙڪايو ويو ۽ مٺائي ڪارائي وئي ٻي تقريب نيشنل پريس ڪلب سڪرنڊ ۾ ٿي گڏري جتي پڻ جهنڊو ڦڙڪايو ۽مٺائي ڪارائي ڪئي تقريب اسسٽنٽ ڪمشنر آفيس ۾ ٿي گڏري جتي پڻ اسسٽنٽ ڪمشنر رميز راجا ۽ مختيار ڪار شوڪت ٻجيرو جهنڊو ڦڙڪايو مٺائي ڪارائي وئي ۽ پاڪستان جي سلامتي لاءِ دعائون گهريون ويون

گرلز ايليمينٽري لوئر سيڪنڊري اسڪول 2 شهدادڪوٽ ۾ جشن آزادي جوڏهاڙو ملهايو ويو

شهدادڪوٽ(ڊ ر) 14 آگسٽ جشن آزادي جي موقعي تي گورنمينٽ گرلز ايليمينٽري لوئر سيڪنڊري اسڪول 2 شهدادڪوٽ ۾ جشن آزادي جوڏهاڙو ملهايو ويو ٻارڙن قومي لباس پائي قومي پرچم هٿن ۾ جهولائي قومي ترانا پيش ڪيا ۽ آزادي واري تحريڪ تي تقريرون پيش ڪري آزادي جي هيروز کي زبردست خراج تحسين پيش ڪيو ويو ان موقعي تي ٻارڙن ۽ اسڪول جي عملي قومي جهنڊو ڦڙڪائي ان کي سلامي ڏني وئي اسڪول جي هيڊ ماستر سڪندر علي منگي پنهنجي تقرير ۾ چيو ته اسين خوش نصيب آهيون جو آزاد فضا ۾ ساهه کڻي پنهنجي وطن پاڪستان جي آزادي جو ڏينهن ملهايون ٿا جنهن لاءِ قائد اعظم ، علامه اقبال سميت آزادي تحريڪ جي هيروز جون قربانيون شامل آهن

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم – سعودي عرب ۾ 2 ريال
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هيءَ اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو ٻلپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ ڳاڙي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk
چنڇر 15 آگسٽ 2026ع

مضبوط رياست لاءِ اتحاد، انصاف ۽ ترقيءَ جو سفر

وزيراعظم شهباز شريف آزاديءَ جي ڏهاڙي تي پنهنجي پيغام ۾ قائداعظم محمد علي جناح، علامه اقبال ۽ تحريڪ آزاديءَ جي ٻين اڳواڻن ۽ ڪارڪنن کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو آهي ته پاڪستان پنهنجي دفاع، آبي وسيلن ۽ قومي مفادن جي تحفظ لاءِ ڪنهن قربانيءَ کان نه ڪيٻائيندو. يقيناً هڪ خودمختيار ملڪ لاءِ پنهنجي سرحدن، وسيلن ۽ قومي مفادن جو تحفظ بنيادي ضرورت آهي پر قومي طاقت جو مطلب رڳو فوجي قوت ناهي مضبوط معيشت، معياري تعليم، انصاف، روزگار، زرعي ترقي، صنعتي واڌ، سائنس ۽ ٽيڪنالاجي به ڪنهن ملڪ جي طاقت جا اهم بنياد آهن. پاڪستان جي قيام جو مقصد اهڙو معاشرو قائم ڪرڻ هو جتي شهرين کي عزت، انصاف، آزادي ۽ برابر موقعا حاصل هجن قائداعظم بار بار قانون جي بالادستي، جمهوريت ۽ اقليتن جي حقن تي زور ڏنو تنهن ڪري آزاديءَ جي جشن جو بهترين طريقو اهو ئي ٿي سگهي ٿو ته اسان انهن اصولن کي پنهنجي عملي زندگيءَ جو حصو بڻايون. جيڪڏهن هڪ عام شهريءَ کي انصاف لاءِ سالن جا سال عدالتن جا چڪر ڪاٽڻا پون، نوجوان کي روزگار نه ملي، هاري پنهنجي پيداوار جو مناسب معاوضو حاصل نه ڪري ۽ مزدور مهانگائيءَ جي بار هيٺ دٻجي وڃي ته پوءِ آزاديءَ جي حقيقي ثمرن تي سنجيدگيءَ سان سوچڻ ضروري آهي. ملڪ جي دفاع ۾ پاڪستان جي هٿياربند فوجن ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جون قربانيون يقيناً قوم لاءِ فخر جو سبب آهن. دهشتگرديءَ خلاف جنگ کان وٺي سرحدن جي حفاظت تائين ڪيترن ئي جوانن پنهنجي جانين جا نذرانا ڏئي ملڪ کي محفوظ رکڻ ۾ ڪردار ادا ڪيو آهي قوم انهن شهيدن ۽ غازين جي قربانين کي ڪڏهن وساري نٿي سگهي پر دفاع جي طاقت سان گڏ معاشي ۽ سماجي استحڪام به قومي سلامتيءَ جو لازمي حصو آهي. اهڙو ملڪ ئي حقيقت ۾ مضبوط ٿي سگهي ٿو جتي دفاع مضبوط هجي ۽ ساڳئي وقت معيشت، تعليم، صحت، زراعت ۽ صنعت به مضبوط هجن.

وزيراعظم معاشي استحڪام، ٻاهرين ملڪ رهندڙ پاڪستانين جي موڪليل ناڻي ۾ واڌ ۽ ترقي يافته معيشت ڏانهن اڳتي وڌڻ جو ذڪر ڪيو آهي جيڪڏهن اهي معاشي سڌارا پائيدار ثابت ٿين ٿا ته اها يقيناً خوش آئند ڳالهه هوندي پر معاشي استحڪام جو اصل امتحان عام ماڻهوءَ جي زندگيءَ ۾ نظر اچڻ گهرجي مهانگائيءَ ۾ گهٽتائي، روزگار جا نوان موقعا، بجلي ۽ گئس جي مناسب قيمت، ننڍن ڪاروبارن لاءِ آسانيون، هارين لاءِ زرعي سهولتون ۽ نوجوانن لاءِ فني تعليم ئي اهي ماپا آهن جن سان عوام معاشي ترقيءَ کي محسوس ڪري سگهي ٿو پاڻي پاڪستان جو انتهائي اهم قومي مسئلو آهي ملڪ جي زراعت، خوراڪ جي سلامتي ۽ مستقبل جي معيشت جو وڏو دارومدار پاڻيءَ تي آهي. سنڌ سميت هيٺين دريائي علائقن لاءِ سنڌو درياهه زندگيءَ جي ضمانت آهي تنهن ڪري پاڻيءَ جي وسيلن بابت ڪنهن به پاليسيءَ ۾ سڀني صوبن جي حقن آئين جي گهرجن ۽ قومي اتفاق راءِ کي بنياد بڻائڻ ضروري آهي پاڻيءَ جو مسئلو سياسي نعريبازيءَ بدران انصاف، شفافيت ۽ گڏيل مشاورت سان حل ٿيڻ گهرجي ساڳيءَ ريت تعليم کي قومي ترجيح بڻائڻ کان سواءِ ترقيءَ جو خواب مڪمل نٿو ٿي سگهي پاڪستان جي وڏي آبادي نوجوانن تي ٻڌل آهي جيڪڏهن انهن نوجوانن کي جديد تعليم، فني تربيت، انفارميشن ٽيڪنالاجي ۽ روزگار جا موقعا فراهم ڪيا وڃن ته اها آبادي ملڪ جي سڀ کان وڏي معاشي طاقت بڻجي سگهي ٿي پر جيڪڏهن تعليم ۽ روزگار جا دروازا بند رهيا ته نوجوانن جي مايوسي ملڪ لاءِ وڏو چئلينج بڻجي سگهي ٿي پاڪستان کي اڄ سياسي اختلافن کان مٿانهون ٿي قومي معاملن تي گڏيل سوچ جي ضرورت آهي حڪومتون اينديون ۽ وينديون رهن ٿيون، سياسي پارٽيون اقتدار ۾ اينديون ۽ مخالف ڌر ۾ وينديون رهن ٿيون، پر ملڪ ۽ قوم مستقل آهن تنهن ڪري سياسي اختلاف جمهوريت جو حصو ضرور هجن پر قومي مفادن تي اتفاق راءِ پيدا ڪرڻ به سياسي قيادت جي ذميواري آهي 79هين آزاديءَ جي ڏهاڙي تي اسان کي رڳو اهو نه چوڻ گهرجي ته پاڪستان هڪ مضبوط ۽ باوقار ملڪ آهي، اسان کي اهو به عزم ڪرڻ گهرجي ته پاڪستان کي انصاف، تعليم، معاشي خوشحالي، زرعي ترقي، صنعتي واڌ ۽ انساني وقار جي لحاظ کان مضبوط بڻائينداسين. آزاديءَ جو حقيقي جشن تڏهن ٿيندو، جڏهن ملڪ جو هر شهري پاڻ کي محفوظ، آزاد، عزت وارو ۽ برابر حقن جو مالڪ محسوس ڪندو

لطيفي لاٽ ـــــــ شاهه عبداللطيف ڀٽائي

تارا تِيلِيءَ رُوءِ، لُڏا لالَنِ اُپرِين،
جَهِڙو تُون صُبُوح، تَهِڙي صَافِي سَجَّڻين.

لطيف سائين پنهنجي سڄڻ جي سونهن سوڀيا کي واڪائيندي آسماني نکٽ (ستارو) لڏي سان مخاطب ٿئي ٿو جنهن جي چمڪ تيزيءَ ۾ رنگن جي گڏيل چمڪ ڏيندو آهي. تڏهن ان کي چئي ٿو ته "اي لڏا تون لال ياقوت جهڙي رنگ وارو آهين ۽ تون اِنَ ڳاڙهي ۽ نيري رنگ جي آميزش واري روشني سان اڀرين ٿو پر جهڙو تون صبح سوير جو وڌيڪ روشن هوندو آهين اهو به مختصر گهڙيءَ لاءِ! پر منهنجي پرينءَ جي سونهن سوڀيا، رنگت ۽ چمڪندڙ چهرو ته سدائين لاءِ آهي، اهي ته هروقت، هميشه ان سونهن سان پرنور هوندا آهن سندن اها سونهن ۽ خوبصورتي دائمي هوندي آهي هو ته سونهن جا ڏئي آهن

(تحقيق ۽ ترتيب : شاهنواز راڄپر)

مڪي جو دفاعي معاهدو ۽ بدلجندڙ جيو پوليٽيڪل صورتحال

ڊاڪٽر رشيد احمد خان

7 آگسٽ 2026ع تي مڪ مڪرم ۾ پاڪستان جي وزيراعظم شهباز شريف، ترڪيءَ جي صدر رجب طيب اردوان ۽ سعودي عرب جي ولي عهد محمد بن سلمان گڏيل دفاعي معاهدي تي صحيحون ڪيون معاهدي جو مقصد ٽنهي ملڪن جي گڏيل سلامتي کي مضبوط ڪرڻ آهي ۽ ان ۾ ڪنهن ٽئين ملڪ خلاف جارحيت شامل ناهي جيڪڏهن ڪنهن هڪ ملڪ تي هٿياربند حملو ٿئي ٿو ته ان کي ٽنهي ملڪن تي حملو تصور ڪيو ويندو اردوان چيو ته ٻين مسلمان ۽ عرب ملڪن لاءِ به معاهدي جا دروازا کليل آهن خاص طور مصر، قطر ۽ بحرين جي شموليت جو امڪان آهي او آءِ سي به معاهدي جي آجيان ڪئي آهي پاڪستان ۾ هن معاهدي تي حڪومت ۽ عوام طرفان خوشيءَ جو اظهار ڪيو ويو ۽ وزيراعظم شهباز شريف ۽ فيلڊ مارشل سيد عاصم منير کي مبارڪون ڏنيون ويون برصغير جي مسلمانن جي وچ اوڀر جي معاملن ۾ دلچسپي ۽ انهن ۾ اهم ڪردار ادا ڪرڻ جي خواهش پاڪستان ٺهڻ کان به پراڻي آهي 1917ع ۾ جڏهن برطانيا اعلانِ بالفور ذريعي فلسطين ۾ يهودي رياست قائم ڪرڻ لاءِ رستو هموار ڪيو ته هندستان جا باشعور مسلمان ان جي مخالفت ۾ سڀ کان اڳيان هئا. ان ڪانپوءِ تحريڪِ خلافت جو مثال به سامهون آيو جڏهن پهرين عالمي جنگ ۾ ترڪيءَ جي شڪست جو فائدو وٺندي يورپي طاقتن ترڪيءَ کي ٽڪرن ۾ ورهائڻ ۽ عثماني خلافت ختم ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون ان وقت هندستان جي مسلمانن خلافتِ عثمانيه جي بحاليءَ لاءِ سڄي ملڪ ۾ تحريڪ هلائي جنهن کي اڳتي هلي تحريڪِ پاڪستان جو پيش خيمو سمجهيو ويو. هندستان جي مسلمانن جي دلين ۾ وچ اوڀر خاص ڪري فلسطين هميشه کان اهم جاءِ والاري آهي ان وقت جي هڪ مشهور صحافيءَ موجب مسلم ليگ جي هر سلياني اجلاس ۾ پاڪستان ٺاهڻ جي مطالبي سان گڏ فلسطين ۾ انگريزن ۽ يهودين جي ظلم خلاف به قراردادون پاس ڪيون وينديون هيون. انهيءَ ڪري نومبر 1947ع ۾ جڏهن گڏيل قومن جي جنرل اسيمبليءَ ۾ فلسطين کي ورهائي اسرائيل قائم ڪرڻ واري قرارداد تي بحث ٿي رهيو هو، تڏهن قائداعظم پاڪستان جي پهرئين پرڏيهي وزير سر ظفرالله خان کي فلسطين جي حمايت لاءِ گڏيل قومن موڪليو. سر ظفرالله خان فلسطين جي ورهاڱي خلاف ۽ عربن جي موقف جي حق ۾ اهڙا مضبوط دليل ۽ تاريخي حوالا ڏنا، جو عرب نمائندا به حيران ٿي ويا. پر آمريڪا ۽ برطانيا فلسطين کي ورهائي يهودي رياست قائم ڪرڻ تي بضد هئا. تنهنڪري آخرڪار فلسطين جي ورهاڱي جي قرارداد منظور ٿي وئي سر ظفرالله خان جي ڪوششن سان وچ اوڀر جي ملڪن ۾ پاڪستان جي عزت وڌي. پر 1955ع ۾ پاڪستان جي بغداد پيڪٽ ۾ شامل ٿيڻ ڪانپوءِ اها همدردي مخالفت ۾ بدلجي وئي ڇاڪاڻ ته عرب ملڪن ۾ هن معاهدي کي آمريڪا ۽ مغربي طاقتن جي مفادن ۽ اسرائيل جي تحفظ لاءِ کيل قدم سمجهيو ويندو هو بغداد پيڪٽ عرب دنيا سان گڏ پاڪستان ۾ به تمام گهڻو غير مقبول هو ۽ تقريباً سڀئي سياسي پارٽين ۾ ان مان نڪرڻ تي اتفاق هو. البته 7 آگسٽ تي پاڪستان، سعودي عرب ۽ ترڪيءَ وچ ۾ ٿيل معاهدو پنهنجي نوعيت ۽ پسمنظر جي لحاظ کان مختلف آهي هن معاهدي جو بنيادي سبب اِهو آهي ته ٽنهي ملڪن کي بدلجندڙ علائقائي حالتن ۾ پنهنجي قومي سلامتي مضبوط ڪرڻ جي ضرورت محسوس ٿي ۽ رڳو آمريڪا تي ڀروسو ڪرڻ ڪافي نه سمجهيو ويو.

هيءَ معاهدو ڪنهن ملڪ خلاف جارحيت لاءِ نه، پر ٻاهرين حملي جي صورت ۾ گڏيل دفاع ڪرڻ لاءِ ڪيو ويو آهي اِها ڳالهه به اهم آهي ته ايران خلاف آمريڪا ۽ اسرائيل جي جنگ کان اڳ ئي ٽنهي ملڪن وچ ۾ اهڙي معاهدي بابت صلاح مشورا هلندڙ هئا، پر آمريڪا ۽ ايران جي جنگ سبب اِهو عمل وڌيڪ تيز ٿي ويو، ڇاڪاڻ ته جنگ دوران آمريڪا خليجي ملڪن ۾ موجود پنهنجن فوجي اڏن تي ايراني حملن کي روڪڻ ۾ ڪامياب نه ٿي سگهيو. خطي جي بدلجندڙ حالتن ۾ گڏيل دفاع لاءِ هڪ وسيع ۽ اثرائتو پليٽ فارم تمام ضروري آهي پر ان هوندي به هن معاهدي بابت ڪجهه خدشا موجود آهن جن کي جلد ختم ڪرڻ ضروري آهي جيڪڏهن معاهدي جو مقصد فارس جي نار ۽ وچ اوڀر ۾ امن ۽ سلامتي قائم ڪرڻ آهي ته پوءِ ايران ۽ مصر کي به ان ۾ شامل ڪرڻ گهرجي ان سان گڏ اِها ڳالهه به صاف هجڻ گهرجي ته جيڪڏهن خطي جي ملڪن وچ ۾ پاڻ ۾ تڪرار يا جنگ ٿئي ٿي ته معاهدي ۾ شامل ملڪ ڪهڙو ردعمل ڏيندا خاص طور سعودي عرب ۽ يمن جي حوثين وچ ۾ هلندڙ ڇڪتاڻ بابت وضاحت ضروري آهي ڇو ته ڪنهن به جارحاڻي قدم سان پاڻ هن معاهدي جو وجود به خطري ۾ پئجي سگهي ٿو گهڻن تجزيه نگارن جو خيال آهي ته هن معاهدي جي عملي اهميت کان وڌيڪ ان جي علامتي اهميت آهي ان جي هڪ شق کي ترڪيءَ جي پرڏيهي وزير نيٽو جي آرٽيڪل 5 جي برابر قرار ڏنو آهي پر ان تي عملي طور عمل ڪرڻ آسان نه هوندو خود نيٽو ۾ به اها شق رڳو هڪ ڀيرو، 9/11 واري واقعي ڪانپوءِ استعمال ڪئي وئي هئي تنهن هوندي به سڀ ان ڳالهه تي متفق آهن ته هي معاهدو ڪنهن به ممڪن جارحيت کي روڪڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو ۽ اها پاڻ هڪ وڏي اڳڀرائي آهي اِهو خيال ته هيءَ معاهدو وچ اوڀر ۾ آمريڪا جي سربراهيءَ هيٺ قائم دفاعي نظام جي جاءِ وٺندو، في الحال حقيقت پسندانه نٿو لڳي ڇاڪاڻ ته خطي ۾ آمريڪا جا ايجا به اهم مفاد موجود آهن جن ۾ اسرائيل جو تحفظ سڀ کان اهم آهي پاڪستان، سعودي عرب ۽ ترڪيءَ جا آمريڪا سان اڳ ئي مضبوط فوجي لاڳاپا آهن جڏهن ته مصر، قطر، بحرين ۽ اردن جهڙا ملڪ به يا ته آمريڪا سان گهرا فوجي لاڳاپا رکن ٿا يا ان جي مالي مدد تي ڀاڙين ٿا تنهنڪري هن معاهدي جي بنياد تي في الحال اِهو امڪان نظر نٿو اچي ته آمريڪا وچ اوڀر مان نڪري ويندو.

اقبال جو فڪر ۽ اڄ جي نوجوانن جي ذميواري

مير قاسم خان ٽالپر

مون کي يقين آهي ته منهنجا پڙهندڙ نوجوان اڄ اهو ضرور سوچيندا ته اجوڪي منهنجي هن ڪالم ۾ هن عنوان تي لکڻ جي مون کي ضرورت ڇو پيش آئي؟ انهن جي لاءِ آئون فقط ايترو عرض ڪندس ته اجوڪي منهنجي ڪالم لکڻ جو مقصد اِهو آهي ته هن نازڪ دور ۾ علامه اقبال جي تعليمات مان رهنمائي حاصل ڪرڻ ئي صرف اسان جي اچڻ واري نسلن جو نه بلڪ اسان جي وطن عزيز کي هن ڏکئي دور مان ڪڍڻ جو ذريعو بڻجڻ سان گڏوگڏ اسان جي ترقي جي لاءِ بند دروازا کولڻ پڻ آهي. جيئن جيئن وقت گذرندو پيو وڃي، علامه محمد اقبال جي فڪر تيئن تيئن نسلن ۾ پنهنجو اثر مضبوط ڪندي پئي نظر اچي. آئون عرض ڪريان ته ڪافي ڏاهن جي سوچ اِها هئي ۽ آهي ته علامه محمد اقبال نطشي جي سُپرمين جي تصور کان متاثر ٿي، پنهنجي شاعريءَ ۾ اهڙي نوجوان جو تصور پيش ڪيو، جنهن کي اسان پنهنجي ٻوليءَ ۾ چڙواڳ، هڪ آزاد سوچ رکندڙ ۽ خود انحصاري وارو نوجوان چئي سگهون ٿا. اِهو ئي سبب آهي جنهن جي ڪري ڪافي ڏاها هنن کي هڪجهڙي فڪر رکندڙ قرار ڏين ٿا ۽ ڪافي ڏاها انهيءَ سوچ کي رد به ڪن ٿا ته علامه اقبال نطشي کان متاثر هو هُو انهيءَ ڳالهه کي رد ڪرڻ جو سبب اِهو قرار ڏين ٿا ته علامه محمد اقبال جي تعليم ۾ هڪ ايماندار، خوددار، طاقتور، خود اعتماد، بهادر ۽ سخي مزاج نوجوان جو تصور آهي، ٻين لفظن ۾ ائين چوان ته علامه اقبال جو مخاطب اُهو نوجوان آهي جنهن جو قيام معاشري جي لاءِ باعث فخر آهي، چڙواڳ يا طاقت جي نشي ۾ چور، نوجوان جو علامه محمد اقبال جي تعليم ۾ ڪو به تصور نه آهي.

ياد رکو منهنجا نوجوانو نطشي هڪ شاعر، اديب ۽ فلسفي هو جيڪو آزاد خيالن ۽ نظرين جو مالڪ هو جڏهن ته علامه اقبال نطشي جي برعڪس آزاد خيال نه هو علامه اقبال هڪ شاعر ۽ اديب هو، هن هميشه انسان سماج کي اعليٰ ۽ مثالي ڏسڻ چاهيو ٿي، چاهي اُهو ڪنهن به رنگ، نسل، جاگرافي ۽ مذهب سان واسطو رکندڙ نه هجي. علامه محمد اقبال هڪ شاعر جي حيثيت ۾ سڀ کان وڏو ڪم اِهو ڪيو ته علامه اقبال کان اڳي شاعر کي هڪ ناڪام عاشق يا مجنون مزاج شخصيت جو اظهار ڪندڙ نمائندو سمجهيو ويندو هو ۽ شاعري صرف عورتن سان ڳالهائڻ يا دل جي حالت بيان ڪرڻ يا حُسن و عشق تائين محدود هئي پر منهنجا پڙهندڙ نوجوانو، جيڪڏهن اوهان علامه اقبال کي پڙهندا ته اوهان خود محسوس ڪندا ته انهيءَ تصور کي علامه اقبال تمام گهڻو ڌڪ ڏنو ۽ شاعري کي هڪ اعليٰ انساني، سماجي ۽ ثقافتي پيغام ۽ تربيت جي حيثيت سان عزت بخشي يعني علامه محمد اقبال ڪانپوءِ باقاعدي اِهو سوال اٿاريو ويو ته ڇا هڪ سنواريل سڌاريل فڪري نظام يا ڪنهن نظريي يا ڪنهن سوچ يا ڪنهن فلسفي جو اظهار شاعريءَ ۾ ڪري سگهجي ٿو يا نه؟ جيڪڏهن اوهان غور ڪندؤ ته علامه اقبال ڪانسواءِ دنيا جي ڪنهن به شاعر ۾ اوهان کي اهڙو نهيل نڪيل فڪري ۽ نظرياتي نظام نه ملندو. ان جو سبب فقط اِهو آهي ته علامه اقبال کي دنيا جي سياسي، سماجي، معاشي ۽ مذهبي نظرين جي پيٽ ڪرڻ جو موقعو مليو ۽ هن نه رڳو مختلف ڏاهن جي مثبت ذهني، سماجي ۽ ذاتي نظرين کي کليل ذهن ۽ روشن فڪري سان قبول ڪيو ۽ انهن جي ڏنل سوچن جو تجزيو ڪيو، بلڪل هن انساني فڪري ۽ سماجي ارتقاءِ سان لاڳاپيل علم ۽ فڪر جي روشني جتي به موجود هئي اُتان حاصل ڪئي.

هتي آئون پنهنجي نوجوان پڙهندڙن جي لاءِ عرض ڪريان ته وڏي ماڻهن جي زندگي هميشه پويان ايندڙ نسلن جي لاءِ عمل جو نمونو هوندي آهي، انهيءَ ڪري چوندا آهن ته اچڻ واري نسل پنهنجي گذريل نسل جي ڇڏيل وراثت مان فيض حاصل ڪري. انهيءَ اصول جي تحت علامه محمد اقبال جي زندگي اسان جي نوجوان نسل جي لاءِ کليل ڪتاب مانند آهي علامه محمد اقبال پاڻ هڪ فارسي شعر ۾ چوي ٿو ته: 'اي الله جيڪڏهن منهنجي ڪلام ۾ تنهنجي ڏنل تعليمات کان هٽيل هڪ حرف به ملي ته مون کي رسواءِ و ذليل ڪري منهنجي فڪر و دانش جو پردو تار تار ڪري ڇڏ.' انهي چوڻيءَ ڪانپوءِ انهيءَ ڳالهه جي ڪابه گنجائش نٿي رهي آهي ته ڪير صرف اِهو سوچي ته علامه محمد اقبال صرف هڪڙو شاعر ٿي گذريو آهي ۽ هاڻ هن جي تعليم ۽ فلسفو لائق تقليد نه رهيو آهي. شاعري جي دنيا ۾ بيشڪ علامه اقبال پنهنجو پاڻ کي مڃرايو پر انهيءَ شاعري ۾ علامه اقبال سُتل ۽ پٺتي پيل قومن جي نوجوانن کي جاڳائڻ جي ڪوشش ضرور ڪئي آهي. اِهو ئي سبب آهي جو ايراني اِهو چئي علامه محمد اقبال جي شاعري مان استفادو ڪن ٿا ته علامه اقبال جي شاعري ۾ معاشري جي بيداري جو وڏو عنصر موجود آهي.

ياد رکو منهنجا نوجوانو پنهنجي شاعري ۾ علامه اقبال جنهن نهج کي اختيار ڪيو آهي، پنهنجن شعرن ۾ جنهن جذبي سان قوم ۽ ملت کي سجاڳ ڪيو آهي، انهيءَ جي لاءِ اِهو ئي چئي سگهجي ٿو ته هن پنهنجو حق ادا ڪري ڇڏيو آهي. آئون عرض ڪريان ته علامه اقبال جي مطالعي ڪانپوءِ آئون بلڪل انهيءَ يقين سان اِهو چوڻ جي همٿ رکان ٿو ته پهرين جي نسبت اڄ علامه اقبال جي تعليم تي اسان کي گهڻي سختيءَ سان عمل ڪرڻ جي ضرورت آهي. اڄ به علامه اقبال جا ڪتابن ۾ دفن آهي اشعار رڙيون ڪري اسان جي اکيون ننڊ ۾ سُتل قوم کي جاڳائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن جن تي اسان جي ڌيان هلي پاڪستان ناهيو. علامه جي تعليم فطرت جي هڪڙي امانت هئي، جنهن کي هن شعرن جي زبان ۾ وجهي اسان جي لاءِ ۽ اسان جي اچڻ واري نسلن جي لاءِ پيش ڪيو. علامه اقبال جا شعر پڙهندڙن جي لاءِ جتي دل نشين آهن ته آتي ئي عمل ڪندڙن جي لاءِ موثر به ۽ آتي ئي ياد ڪندڙن جي لاءِ آسان به. جنهن زماني ۾ علامه اقبال اک کولي انهيءَ زماني ۾ مسيحيت جي فلسفي جو دنيا ۾ تمام گهڻو اثر هو. ظاهر پرست فن جي تعليم کان ماحول ڪدورت سان پُر ٿي چڪو هو. ايستائين جو هڪڙي مڪتبِ فڪر جو خيال هو ته انسان جي ڪابه حيثيت نه آهي. اُهو ته قدرت جي هٿن ۾ صرف هڪڙو رانديڪي جيان آهي بلڪ آئون عرض ڪريان ته ايستائين چيو ويو ته عالم تمام حلقه دام خيال آهي. انهي کان علاوه اِهو به چيو ويندو هو ته انسان جي انفرادي زندگي ڪابه حيثيت نٿي رکي، خواه هُو اجتماعيت ۾ ئي گم ڇو نه ٿي وڃي. آئون پنهنجي نوجوان پڙهندڙن جي لاءِ عرض ڪريان ته ياد رکو علامه اقبال هن تعليم کان سخت بيزار ۽ دل برداشته هو. علامه اقبال هن سوچ جي انهيءَ روش جي خلاف آواز اٿاري ۽ چيو ته صرف ترڪ دنيا سان نه بلڪ عاقبت جي لالچ کي ڇڏي ڏيڻ سان مقصد حاصل ٿين ٿا، يعني علامه اقبال جي چوڻ جو مقصد اِهو هو ته هن دنيا يا اڳئين دنيا کان هڪ دم بي نياز ٿي ڪم ڪريون ته اهو ڪم نتيجه خيز هوندو انهيءَ ئي سندن ڏنل فلسفي کي علامه محمد اقبال پنهنجي نوجوانن جي لاءِ هنن لفظن ۾ مختصر ڪري لکيو آهي، هو چوي ٿو ته،

واعظ کمالِ ترک سے ملتی ہے یاں مراد،
دنیا جو چھوڑ دی ہے تو عقبیٰ بھی چھوڑ دے،

اِهو ئي سبب آهي جو علامه اقبال جو فڪر ۽ فلسفو نئين نسل سان گڏوگڏ پوري انسانيت جي لاءِ روشنيءَ مهيا ڪري ٿو. جيڪڏهن اوهان غور ڪندا ته علامه اقبال جي شعرن ۾ فڪر ۽ تعليم کي پکيڙڻ جي خواهش سماج ۾ هڪ علمي ۽ آفاقي تصور کي جنم ڏئي ٿي. اقبال يوناني، مغربي ۽ يورپي مفڪرن جي نظرين کان به چڱيءَ ريت جاڻ رکندو هو جن ۾ نطشي، گوئٽي، ڪارل مارڪس، اينگلز، هيگل، آئن اسٽائن، شوپن هاور، ڊانٽي، برگسند ۽ ملٽن جهڙا مفڪر شامل هئا. علامه محمد اقبال هڪ وسيع سوچ رکندڙ شاعر ۽ مفڪر هو. افسوس ٿيندو آهي مون کي جڏهن اهڙيءَ کليل ذهن رکندڙ، انسانيت جي غلامي مان آزادي جي پرچار ڪندڙ کي محدود ڪري مذهبي شاعر قرار ڏنو وڃي ٿو. حقيقت ۾ آئون عرض ڪريان ته اِها صرف علامه اقبال سان ئي نه بلڪ هر انهيءَ نوجوان نسل سان ناانصافي آهي جنهن هميشه رنگ، نسل، قوم، زبان کان بالاتر ٿي علامه جي ڏنل فلسفي تي هلي پنهنجي قوم کي سجاڳ ڪرڻ جي لاءِ منهن تي علامه اقبال جي شعرن جا ڇنڊا هنيا. مٿي ذڪر ڪيل سيني سوچن کي هڪڙي پلسي رکي علامه اقبال جي تعليم ۽ فلسفي جي روشني کي عام ڪرڻ جي لاءِ ڏاهن پنهنجي پنهنجي حيثيت آهر تمام گهڻو لکيو آهي. هُو لکن پيا ۽ ياد رکو هُو لکندا رهندا پر آئون سمجهان ٿو ته اسان اڃا علامه اقبال جي حقيقي تعليم کان گهڻو پري آهيون. هتي آئون پنهنجي نوجوانن کي انهي مثال ذريعي پنهنجي حالت سمجهائڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو ته اڄ اسان جو حال انهن ڪبوترن جي ولر جيان آهي جن هڪڙي تجربيڪار ڪبوتر جي چوڻ تي شڪاري جي جار سوڌو اڏامڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ هُو انهيءَ ۾ ڪامياب ٿي ويا ۽ هُو اڏامڻ ۾ ڪامياب ته ٿي ويا پر اڏامڻ دوران هنن ۾ اختلاف ٿي پيو ۽ هُو پوءِ پنهنجن اختلافن جي سبب انهي جار سوڌو وري زمين تي اچي ڪريا ۽ سڀ جا سڀ شڪاريءَ جي ور چڙهي ويا. اڄ اسان جي به اِها ئي حالت آهي. اسان به انهن ڪبوترن جيان پنهنجن ننڍڙن ننڍڙن اختلافن سبب شڪاري جي جار ۾ قابو آهيون. انهيءَ مثال ڪانپوءِ اسان کي جديد دنيا کي منهن ڏيڻ جي لاءِ سمجهي وڃڻ کپي ته اسان جو اتحاد، اسان جو اتفاق ۽ اسان جو ڀائيچارو اسان جي وطن سان گڏوگڏ اسان جي اچڻ واري نسلن جي لاءِ به ڪيڏو نه ضروري آهي. آخر ۾ آئون اِهو چئي اوهان کان اجازت وٺان ٿو ته اڄ اسان کي علامه اقبال جي فڪر تي عمل ڪرڻ جي سخت ضرورت آهي، ڇاڪاڻ ته علامه اقبال اسان کي پنهنجو پاڻ کي سڃاڻڻ جي لاءِ غفلت جي خواب مان بيدار ڪرڻ جي عملي ڪوشش ڪئي آهي. اڄ اسان کي جيڪي گهڻ رُخي پريشانيون درپيش آهن انهن جو حل علامه محمد اقبال جي تعليم ۾ پوشيدا آهي!

افغانستان جو سوال: صدر جو موقف، ٽي ٽي پي ۽ گڏيل قومن جي رپورٽ

رحمت الله هرڙو

پاڪستان جي آزاديءَ جي ڏهاڙي، 14 آگسٽ 2026ع تي صدر پاڪستان جو افغانستان بابت ڏنل موقف هڪ اهڙي وقت ۾ سامهون آيو آهي جڏهن اسلام آباد ۽ ڪابل وچ ۾ لاڳاپا اعتماد جي شديد بحران مان گذري رهيا آهن صدر زرداري افغانستان جي خودمختياريءَ جي احترام جو ذڪر ڪندي ساڳئي وقت اهو واضح ڪيو ته پاڪستان پنهنجي پاڙيسري ملڪ کان به اها اميد رکي ٿو ته هو پنهنجي سرزمين کي پاڪستان خلاف دهشتگرد سرگرمين لاءِ استعمال ٿيڻ نه ڏيندو اهو موقف پاڪستان جي موجوده افغانستان پاليسيءَ جي بنيادي نقطي کي ظاهر ڪري ٿو اسلام آباد جو چوڻ آهي ته پاڪستان افغانستان سان دشمني نٿو چاهي پر افغان سرزمين تان تحريڪ طالبان پاڪستان (TTP) ۽ ٻين شدت پسند گروهن جي سرگرمين کي پنهنجي قومي سلامتيءَ لاءِ سڌو خطرو سمجهي ٿو صدر جو پيغام ان لحاظ کان اهم آهي ته ان ۾ هڪ ئي وقت ٻن مختلف اصولن کي گڏ رکيو ويو آهي هڪ طرف افغانستان جي خودمختياري ۽ علائقائي سالميت جو احترام ۽ ٻئي طرف پاڪستان جي پنهنجي سلامتي ۽ خودمختياريءَ جي تحفظ جو حق ٻنهي اصولن ۾ تضاد نه پر هڪ ٻئي سان ڳنڍيل آهي ڪنهن به خودمختيار ملڪ جي سرزمين ٻئي ملڪ خلاف دهشتگرديءَ لاءِ استعمال نه ٿيڻ گهرجي هن بحث کي وڌيڪ اهميت گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل سان لاڳاپيل مانيٽرنگ ٽيم جي رپورٽن مان ملي ٿي گڏيل قومن جي سرڪاري رڪارڊ موجب، 1267 پابندين واري نظام تحت مانيٽرنگ ٽيم جي 37هين رپورٽ، S/2026/44، 4 فيبروري 2026ع تي پيش ڪئي وئي اها رپورٽ افغانستان ۾ موجود دهشتگرد تنظيمن ۽ علائقائي سلامتيءَ بابت عالمي اداري جي خدشن کي اجاگر ڪري ٿي رپورٽ ۾ TTP بابت خاص ڳڻتي ظاهر ڪئي وئي آهي گڏيل قومن جي مانيٽرنگ نظام جو بنيادي ڪم اهو جائزو وٺڻ آهي ته افغانستان ۾ دهشتگرد تنظيمن جي موجودگي انهن جون سرگرميون ۽ انهن سان لاڳاپيل خطرا ڪهڙي نوعيت جا آهن ان ڪري پاڪستان جو اهو موقف ته افغانستان جي سرزمين پاڪستان خلاف دهشتگرديءَ لاءِ استعمال ٿي رهي آهي هاڻي رڳو ٻن ملڪن جي وچ ۾ سفارتي الزام نه رهيو آهي پر اهو عالمي سلامتيءَ جي بحث جو به حصو بڻجي چڪو آهي

ڊان اخبار به افغانستان ۽ TTP بابت پنهنجي رپورٽن ۽ ايڊيٽوريلن ۾ گڏيل قومن جي مانيٽرنگ ٽيم جي مشاهدن کي نمايان ڪيو آهي 14 آگسٽ 2026ع جي ايڊيٽوريل بحث ۾ پڻ طالبان ۽ TTP جي لاڳاپن کي پاڪستان لاءِ وڌندڙ خطري جي پسمنظر ۾ ڏٺو ويو آهي ان جو بنيادي سوال اهو آهي ته جيڪڏهن افغانستان ۾ موجود شدت پسند گروهه پاڙيسري ملڪن خاص طور پاڪستان خلاف ڪارروايون جاري رکندا ته علائقائي امن ڪيئن قائم ٿي سگهي ٿو؟ پاڪستان جو موقف آهي ته افغان طالبان کي رڳو زباني يقين ڏيارڻ بدران اهڙا عملي قدم کڻڻ گهرجن جيڪي قابلِ تصديق هجن اسلام آباد جو مطالبو اهو آهي ته TTP جي قيادت، نيٽ ورڪ، مالي وسيلن ۽ سرحد پار ڪارروائين کي روڪيو وڃي پاڪستان لاءِ مسئلو اهو به آهي ته TTP جا حملا رڳو سرحدي علائقن تائين محدود ناهن رهيا، پر ملڪ جي مختلف حصن ۾ دهشتگرديءَ جو خطرو پيدا ڪن ٿا ٻئي طرف، افغانستان جو موقف مختلف آهي طالبان حڪومت پاڪستان جي ڪيترن ئي الزامن کي رد ڪندي رهي آهي ۽ اهو به چئي ٿي ته پاڪستان کي پنهنجي اندروني سلامتيءَ جا مسئلا پاڻ حل ڪرڻ گهرجن اهڙي صورتحال ۾ ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ اعتماد جو بحران وڌيڪ گهرو ٿيندو وڃي ٿو اصل مسئلو اهو آهي ته افغانستان ۽ پاڪستان هڪٻئي جا پاڙيسري ئي نه پر تاريخ، مذهب، ثقافت، واپار ۽ انساني لاڳاپن سان ڳنڍيل ملڪ آهن ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ ڊگهي سرحد آهي جنهن جي ٻنهي پاسن تي هڪ ٻئي سان لاڳاپيل برادريون آباد آهن ان ڪري ٻنهي ملڪن وچ ۾ مستقل ڇڪتاڻ جو نقصان رڳو حڪومتن کي نه پر عام ماڻهن، واپارين ۽ سرحدي آبادين کي پڻ برداشت ڪرڻو پوي ٿو افغانستان جو مسئلو رڳو دهشتگرديءَ تائين محدود ناهي ان سان واپار، ٽرانزٽ، افغان پناهگيرن، سرحدي آمدرفت ۽ وچ ايشيا سان پاڪستان جي معاشي رابطن جا معاملا پڻ ڳنڍيل آهن جيڪڏهن اسلام آباد ۽ ڪابل وچ ۾ سياسي ۽ سلامتيءَ جا اختلاف وڌندا رهيا ته ان جا معاشي اثر به ٻنهي ملڪن تي پئجي سگهن ٿا ان صورتحال ۾ پاڪستان لاءِ هڪ متوازن پاليسي ضروري آهي قومي سلامتيءَ تي ڪنهن به قسم جي سوديبازي نه ٿيڻ گهرجي، پر ساڳئي وقت سفارتي رابطا به بند نه ٿيڻ گهرجن افغانستان سان ڳالهين جو دروازو کليل رکڻ پاڪستان جي مفاد ۾ آهي ساڳئي وقت افغانستان کان به اها اميد رکڻ جائز آهي ته هو پنهنجي سرزمين تان پاڪستان خلاف ٿيندڙ دهشتگرد ڪارروائين کي روڪڻ لاءِ واضح ۽ قابلِ تصديق قدم کڻي

گڏيل قومن جو ڪردار هتي وڌيڪ اهم ٿي وڃي ٿو مانيٽرنگ ٽيم جون رپورٽون صرف ڪنهن هڪ ملڪ جي موقف جي حمايت يا مخالفت لاءِ نه، پر عالمي برادريءَ کي زميني صورتحال کان آگاهه ڪرڻ لاءِ آهن 37هين رپورٽ ۽ ان کان اڳ جون رپورٽون اهو ظاهر ڪن ٿيون ته افغانستان ۾ دهشتگرد تنظيمن جي موجودگي ايجا تائين عالمي سلامتيءَ لاءِ هڪ سنجيده مسئلو آهي

صدر جو 14 آگسٽ وارو موقف ان ڪري به اهم آهي ته هن افغانستان بابت پاڪستان جي پاليسيءَ کي هڪ واضح سفارتي فريم ورڪ ۾ پيش ڪيو: پاڪستان افغانستان جي خودمختياريءَ جو احترام ڪري ٿو، پر پنهنجي خودمختياري ۽ شهرين جي تحفظ بابت ڪنهن به قسم جي سمجهوتي لاءِ تيار ناهي هاڻي اصل امتحان ٻنهي ملڪن جي عملي قدمن جو آهي جيڪڏهن افغانستان TTP ۽ ٻين گروهن خلاف مؤثر، مستقل ۽ قابلِ تصديق قدم کڻي ٿو ۽ پاڪستان به سفارتي ڳالهين کي اوليت ڏئي ٿو ته ٻنهي ملڪن وچ ۾ اعتماد جي بحاليءَ جو رستو کلي سگهي ٿو پر جيڪڏهن الزام، جوابي الزام، سرحدي ڇڪتاڻ ۽ دهشتگرديءَ جو سلسلو جاري رهيو ته افغانستان- پاڪستان لاڳاپا وڌيڪ پيچيده ٿيندا ان ڪري وقت جي تقاضا آهي ته ٻنهي ملڪن کي جذباتي بيانن بدران قابل تصديق سلامتيءَ جي ضمانتن، سرحدي تعاون، انٽيليجنس شيئرنگ، واپاري رابطن ۽ مسلسل سفارتي ڳالهين جو رستو اختيار ڪرڻ گهرجي پاڪستان ۽ افغانستان ٻنهي لاءِ امن هڪ ضرورت آهي انتخاب نه افغانستان ۾ امن کانسواءِ پاڪستان جي اولهه واري سرحد تي مستقل استحڪام مشڪل آهي ۽ پاڪستان سان پُرامن لاڳاپن کانسواءِ افغانستان جي معاشي ۽ علائقائي رابطن کي به نقصان پهچي سگهي ٿو.

اجوڪو ڏينهن ـــــ 15 آگسٽ

ڊاڪٽر ستيش روهڙا

اڄ مشهور ليکڪ ۽ لغت جي ماهر ڊاڪٽر ستيش روهڙا جي جنم جو ڏينهن آهي ڊاڪٽر ستيش 15 آگسٽ 1929ع تي دادوءَ ۾ ڄائو هن ايم اي (هندي) ۽ لغت ۾ پي ايڇ ڊي جي سند حاصل ڪئي ورهاڱي کان پوءِ هندستان جي رياست گجرات جي شهر آديپور ۾ وڃي آباد ٿيو جتي ڪيس انڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جو ڊائريڪٽر مقرر ڪيو ويو انهيءَ عهدي تي رهندي هن سنڌي ادب، ثقافت ۽ ٻوليءَ جي بقا لاءِ گرانقدر خدمتون سرانجام ڏنيون هو هڪ سٺو ڪهاڻيڪار ۽ نثر نويس هو هن ويهن کان وڌيڪ ڪتاب لکيا، جن ۾ "رشتو" (ڪهاڻيون)، "اونداهيءَ جو سچ" (ڪهاڻيون)، "ڀاشا ۽ ڀاشا وگيان" (ٻولي ۽ لغت) ۽ "چنڊ ڇاڻ" شامل آهن هو انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ پاران ڇپيل "سنڌي هندي ۽ انگريزي ڊڪشنري" جو ايڊيٽر پڻ رهيو هن کي سندس ڪتاب "ڪوتا کان ڪوتا تائين" تي ساهتيه اڪيڊمي ايوارڊ سان نوازيو ويو هن 24 فيبروري 2021ع تي پرلوڪ پڌاريو

ارشد هالائي



اڄ مشهور شاعر ۽ ليکڪ ارشد هالائيءَ جي پيدائش جو ڏينهن آهي هن جو جنم 15 آگسٽ 1932ع تي هالا ۾ ٿيو هن جو اصل نالو عبدالرحيم ابڙو هو هن ثانوي ۽ اعليٰ ثانوي تعليم هالا مان حاصل ڪئي هن تعليم کاتي ۾ اسڪول جي استاد طور نوڪري ڪئي ڪجهه عرصو ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر ۽ ايگروٽيڪنيڪل آفيسر طور به ڪم ڪيائين هو هڪ سٺو شاعر ۽ مضمون نگار هو. پاڻ "بزم رفيق" ۽ "سياسي ادبي سنگت هالا" جو ميمبر هو سندس لکيل ڪتابن ۾ "سُر سارنگ جي تشريح"، "برساتي بوندون"، "ٻانو"، "رفيق گرامر" ۽ "انگلش ٽرانسليٽر" شامل آهن هن انمول انسان 23 اپريل 1991ع تي راهه رباني ورتي

پروفيسر محمد عمر مگريو

پروفيسر محمد عمر مگريو سنڌ جو نامور تعليمي ماهر ۽ ڪيميا جي علم جو وڏو ماهر هو سندس جنم 15 آگسٽ 1942ع تي عمرڪوٽ ضلعي جي ڳوٺ ولهيٽ ۾ محمد سومار مگرئي جي گهر ۾ ٿيو هن ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪئي ۽ مئٽرڪ جو امتحان گورنمينٽ ڪليج عمرڪوٽ مان پاس ڪيو ٻارهين ڪلاس جو امتحان گورنمينٽ ڪليج حيدرآباد مان پاس ڪيائين جڏهن ته بي ايس سي ۽ ايم ايس سي جون سندون سنڌ يونيورسٽيءَ جي ڪيميسٽري واري شعبي مان حاصل ڪيائين هن مرحوم پروفيسر وڏل شاهه جي نگرانيءَ ۾ پي ايڇ ڊي ۾ داخلا ورتي هئي پر پروفيسر وڏل شاهه جي اوچتي وفات سبب هو اها ڊگري وٺي نه سگهيو. پروفيسر عمر مگرئي پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات ميرپورخاص شگرمل ۾ ڪيمسٽ طور ڪئي پر اڳتي هلي اها نوڪري ڇڏي تعليم کاتي ۾ ڪيمسٽريءَ جو ليڪچرار مقرر ٿيو هن پنهنجي نوڪريءَ جو گهڻو حصو گورنمينٽ ڪليج حيدرآباد ۾ گذاريو البت ڪجهه عرصي لاءِ گورنمينٽ ڪليج عمرڪوٽ جي پرنسپال طور پڻ خدمتون سرانجام ڏنائين هو 2002ع ۾ رٽائر ٿيو ان بعد هن پنهنجي دوست پروفيسرن جي ساٿ سان حيدرآباد ۾ "سپيرئر ڪليج آف سائنس" جو بنياد رکيو. پاڻ وفات تائين انهيءَ ڪليج سان سلهاڙيل رهيو هو ڪيمسٽريءَ جو بهترين پروفيسر هو ۽ اڪثر شاگرد ڪيمسٽريءَ جي ٻين پروفيسرن جا ڪلاس ڇڏي هن جي ڪلاس ۾ اچي گڏ ٿيندا هئا. ڪيمسٽريءَ سان گڏ هن کي مذهب ۽ ادب سان به گهڻي دلچسپي هئي هن شهاب الدين سهرورديءَ جو ڪتاب "عوارف المعارف" سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو سنڌ جو هي املهه ماڻڪ پروفيسر گذريل آچر جي شام (9 آگسٽ 2026ع تي) اسان کان هميشه لاءِ وڇڙي ويو

مرلي منوهر سوني

اڄ سنڌ جي نامور سرڪاري آفيسر، ليکڪ ۽ سماج سڌارڪ مرلي منوهر سوني جي سالگره جو ڏينهن آهي هن 15 آگسٽ 1947ع تي ٿر جي شهر مٺيءَ ۾ پنهنجي جيون جو سفر شروع ڪيو پهرئين ڪلاس کان مئٽرڪ تائين مٺيءَ ۾ تعليم حاصل ڪيائين هن انٽرميڊيئيٽ جو امتحان شاهه عبداللطيف ڪليج ميرپورخاص مان پاس ڪيو ۽ سنڌ يونيورسٽي انجنيئرنگ ڪليج (هاڻوڪي مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ ۽ ٽيڪنالاجي) ڄامشوري مان گريجوئيشن ڪيائين شاگرديءَ واري زماني ۾ هو هڪ انتهائي هونهار شاگرد هو ۽ پهرئين ڪلاس کان گريجوئيشن تائين پنهنجي ڪلاس ۾ هميشه پهرين پوزيشن حاصل ڪيائين هن سنڌ سرڪار ۾ گزيٽيڊ آفيسر طور پنهنجي پيشاورانه زندگيءَ جي شروعات ڪئي ۽ مختلف سرڪاري عهدن تي خدمتون سرانجام ڏئي ڊپٽي سيڪريٽريءَ طور 2007ع ۾ رٽائر ٿيو سندس شمار سنڌ جي انتهائي ايماندار ۽ قابل آفيسرن ۾ ٿيندو هو. خاص طور تي سنڌ جي انڊسٽريز ۽ ڪامرس واري کاتي ۾ سندس ڪيل ڪاوشون هميشه ياد رهنديون هن پنهنجي ذاتي ڪوششن سان مٺي ٿرپارڪر ۾ جديد صنعتڪارن، باصلاحيت ڪاريگرن ۽ ٿر جي ڪوئلي سان لاڳاپيل ننڍين صنعتن جي قيام لاءِ هڪ صنعتي اسٽيٽ ۽ آرٽيزن ڪالوني قائم ڪرائڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي سندس شاندار خدمتن جي اعتراف طور، مذڪوره صنعتي اسٽيٽ ۾ هڪ روڊ سندس نالي سان منسوب ڪيو ويو آهي انتظامي مصروفيتن سان گڏ هو پنهنجي علائقي ۾ سماجي خدمتن ۾ پڻ هميشه اڳڀرو رهيو آهي پاڻ ٿر جي مختلف سماجي تنظيمن جو عهديدار پڻ رهي چڪو آهي مرلي منوهر سوني هڪ بهترين ليکڪ ۽ ڪالم نگار پڻ رهيو آهي هن ملڪ جي سياسي ۽ سماجي حالات تي ڪيترائي اهم مقالا ۽ ڪالم لکيا آهن

شاهه اسد

شاهه اسد سنڌي فلمن جو مشهور پروڊيوسر، هدايتڪار، اداڪار ۽ شاعر هو هن 15 آگسٽ 1947ع تي ٽنڊي آدم جي هڪ معزز سيد گهراڻي ۾ اکيون کوليون هن مئٽرڪ جو امتحان شاهه لطيف هاءِ اسڪول ٽنڊي آدم مان پاس ڪيو هن جو ماموں موسيٰ ڪليم مشهور شاعر هو جنهن ڪيترين ئي سنڌي فلمن لاءِ وڻندڙ گيت لکيا. پنهنجي ماموں سان گڏ رهندي هن کي به فلمن جو شوق پيدا ٿيو هن پنهنجي فني زندگيءَ جي شروعات اسٽيج ڊرامن جي پروڊيوسر طور ڪئي گڏوگڏ هن اسٽيج ڊراما به لکڻ شروع ڪيا سندس لکيل پهريون ڊرامو "ڪوڙو چنيسر" 1970ع ڌاري ٽنڊي آدم ۾ اسٽيج ٿيو ان بعد هن لڳ ڀڳ 50 اسٽيج ڊراما لکي مڃتا حاصل ڪئي هن 1970ع ۾ رليز ٿيل مشهور فلم "رنگ محل" لاءِ گيت لکي فلمي دنيا ۾ پير پاتو. ان بعد "غيرت جو سوال" فلم جا گيت تحرير ڪيائين هن جي گيتن کي رُونا ليليٰ، مهناز، حميرا چنا، محمد يوسف ۽ ٻين ڳائڻن پنهنجن سُريلن سُرن جو روپ ڏنو. 1980ع ۽ 1990ع وارن ڏهاڪن ۾ هن ڪيترين ئي فلمون ٺاهيون، جن ۾ "جلال چانڊيو"، "پرو چانڊيو"، "شهيد"، "جيئي لطيف" ۽ ٻيون فلمون شامل آهن هن مشهور فلم "محب شيديءَ" جي ڪهاڻي تحرير ڪئي ۽ هدايتڪار طور ذميداريون سنڀاليائين هو هڪ چڱو ڪهاڻيڪار به هو سندس ڪهاڻين جو مجموعو "ڪل ۽ ڪرتي" ڇپجي چڪو آهي هن 29 نومبر 2005ع تي وفات ڪئي

مختيار اڙ

افضل قادري

سنڌ جي هن نامور شاعر جو جنم 15 آگسٽ 1949ع تي لاڙڪاڻي ضلعي جي ڳوٺ ڏوڏي سيٺهڙي ۾ ٿيو. سندس والد جو نالو حافظ احمد رحمت الله قادري هو. افضل قادريءَ ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ جي پرائمري اسڪول مان حاصل ڪئي مئٽرڪ جو امتحان گورنمينٽ پائيليٽ هاءِ اسڪول لاڙڪاڻي مان پاس ڪيائين ان بعد سکر مان ونٽريءَ جو هڪ ڪورس پاس ڪيائين غربت سبب وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ کان وانجهيل رهيو. پيٽ گذر لاءِ جانورن جي اسپتال ۾ اسٽاڪ اسسٽنٽ طور ڪم ڪيائين هن عمارتن کي رنگ ڪرڻ، سائيڪلون ڪرائي تي ڏيڻ ۽ بيڙين جي ماڻڙين تي مزدوري ڪرڻ جهڙا ڪم به ڪيا. هو هڪ پلوڙ شاعر هو ۽ لاڙڪاڻي ۾ منعقد ٿيندڙ مشاعرن ۾ شريڪ ٿيندو هو سندس شاعريءَ جو ڪتاب "هريا رنگ رتول" 1977ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو هن 12 مئي 1990ع تي ابدي سفر اختيار ڪيو

ادل سومرو



سنڌ جي هن برک اديب، شاعر ۽ تعليمي ماهر اجوڪي ڏينهن تي 1955ع ۾ سکر ۾ پنهنجي جيون جو سفر شروع ڪيو سندس اصل نالو عبدالڪريم ۽ والد جو نالو محمد صالح سومرو آهي هن ايم اي (سنڌي) ۽ ايم اي (اقتصاديات) جون سندون حاصل ڪيون ۽ اڳتي هلي شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور مان سنڌيءَ ۾ پي ايڇ ڊي جي سند حاصل ڪئي هن شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جي سنڌي شعبي ۾ ليڪچرار طور پنهنجي پيشه ورانه زندگيءَ جي شروعات ڪئي اڳتي هلي ساڳئي ئي شعبي ۾ پروفيسر ۽ چيئرمين طور ذميداريون سنڀاليائين هن ساڳئي ئي يونيورسٽيءَ جي شيخ اياز چيئر جي انچارج طور به خدمتون سرانجام ڏنيون سنڌي ادبي دنيا ۾ ادل سومرو ڪنهن به تعارف جو محتاج ناهي 1971ع کان هيل تائين هن جون سنڌي ادب جي ترقيءَ ۽ واڌاري لاءِ ڪيل ڪاوشون ڪنهن کان ڳجهيون ناهن پاڻ ٻه ڀيرا سنڌي ادبي سنگت جو مرڪزي جنرل سيڪريٽري رهيو ۽ مشهور ادبي رسالن "پنهنجي" ۽ "سنگت پبليڪيشن" جي ايڊيٽر هئڻ جو اعزاز حاصل ڪيائين ان کان علاوه ڪيترين ئي ادبي ۽ علمي تنظيمن جي سرگرم ميمبر ۽ عهديدار طور ڪم ڪيائين انهن ۾ بيدل بيڪس آرٽس ڪائونسل جو وائيس چيئرمين، تنوير عباسي يادگار ڪاميٽيءَ جو چيئرمين، سچل سرمست يادگار ڪاميٽيءَ جو سيڪريٽري ۽ اڪيڊمي آف ليٽرس اسلام آباد جو ميمبر شامل آهن ادل سومرو جو شمار سنڌ جي چوٽيءَ جي اديبن ۽ شاعرن ۾ ٿئي ٿو سندس ڪتابن ۾ "وليون وڻ ڦلاريا" (شاعري)، "اسين مسافر پيار جا" (خاڪا)، "سمنڊ جاڳي ٿو" (شاعري)، "وساري نه ڇڏجو" (شاعري)، "روز نئون رابيل" (شاعري)، "چنڊ پشم گولو" (شاعري)، "آچر جا احوال" (ڪهاڻيون)، "پتلين جو تماشو" (شاعري)، "مٽيءَ جا رانديڪا" (شاعري)، "نئين دور جا نوان سبق" (نثر) ۽ ٻيا شامل آهن اسين سنڌ جي هن سرت پرئي ساهتڪار کي سندس سالگره جي موقعي تي دلي مبارڪباد پيش ڪريون ٿا.

ومي سدا رنگاڻي

اڄ سنڌي ٻوليءَ جي برک ڀارتي ليکڪا ومي سدا رنگاڻيءَ جي سالگره جو ڏينهن آهي هن تليواڙي ليکڪا جو جنم 15 آگسٽ 1971ع تي ڀارت جي شهر اجمير ۾ ٿيو هن ايڪانامڪس سنڌي ۽ هنديءَ ۾ ماسٽر آف آرٽس جون سندون حاصل ڪيون ۽ گجرات يونيورسٽيءَ مان پي ايڇ ڊي جي ڊگري حاصل ڪئي هوءَ تولاڻي ڪليج آف سائنس اينڊ آرٽس آديپور ۾ تدريسي خدمتون سرانجام ڏئي رهي آهي هوءَ انڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ سان به سرگرم نموني سلهاڙيل آهي هن سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ جي ميدان ۾ لاثاني خدمتون سرانجام ڏنيون آهن خاص طور تي ٻاراڻي ادب جي واڌاري لاءِ ساراهه جوڳو ڪم ڪيو اٿس هن ڪيترائي ڪتاب لکيا آهن جن ۾ "مکڙيون" (ٻارن لاءِ ريڊيو ناٽڪ)، "سونهري رنگ جي ڪراڙ" (شاعري)، "سنڌي اکر مالا - 1"، "سنڌي چاڪ مالا - 1"، "ٻليءَ جو اسڪول" (ٻارن لاءِ ڪهاڻيون)، "سياڻجهي راڻي" (ٻارن لاءِ ڪهاڻيون)، "ممي اِيئن ڇو آهي" (ٻاراڻو ادب)، "سچ لاٿي ڪٿي ڪري پيو" (شاعري) ۽ ٻيا ڪتاب شامل آهن

ع ق شيخ

اڄ مشهور مصور ۽ اديب مرحوم ع ق شيخ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هن 8 مارچ 1914ع تي ڳوٺ ڳنڊڙي، تعلقي ڏاهلي ضلعي ٿرپارڪر ۾ ناميارو استاد ۽ حڪيم قادربخش شيخ جي گهر ۾ اکيون کوليون سندس نالو عبدالله رکيو ويو ۽ هو اڳتي هلي ع.ق شيخ (عبدالله ولد قادر بخش شيخ) جي نالي سان مصوري ۽ ادب جي افق تي وهلو تارو بڻجي اڀريو هو ٽنڊي سومري، ٽنڊي الهيار، ميرپورخاص ۽ حيدرآباد جي اسڪولن ۾ پڙهيو مئٽرڪ جو امتحان گورنمينٽ هاءِ اسڪول ٽنڊي الهيار مان پاس ڪيائين هن ڊرائنگ جو امتحان پاس ڪرڻ سان گڏ ايم اي، ايل ايل بي، بي ٽي سي بي ايم ۽ لائبريري سائنس ۾ پوسٽ گريجوئيٽ ڊپلوما جا امتحان پاس ڪيا 39- 1938ع ڌاري ممبئيءَ جي مشهور سر جي اسڪول آف آرٽس ۾ تربيت حاصل ڪيائين 1942ع ۾ اسڪول آف آرٽس ممبئيءَ ۾ داخلا ورتائين پر والد جي بيماريءَ سبب اتان تعليم اڌ ۾ ڇڏي واپس موٽي آيو عملي زندگيءَ جي شروعات زراعت کاتي ۾ نوڪريءَ سان ڪيائين پر پوءِ اها نوڪري ڇڏي ڊرائنگ ٽيچر مقرر ٿيو هن سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ ۾ به ٻن سالن کان وڌيڪ عرصي تائين هڪ آرٽسٽ طور ڪم ڪيو هن ريڊيو پاڪستان حيدرآباد لاءِ ڪيترين ئي مشهور گيتن پريون ڪهاڻيون لکيون سندس ڪتابن ۾ "تاريخ اندلس"، "تاريخ اسلام"، "روح رهاڻ"، "ڪٿوري ڪيهر"، "نازو"، "اسان جي مصوري" ۽ "محبت جي راهه تي" شامل آهن هن ناميارو اديب ۽ مصور 15 آگسٽ 1991ع تي دم ڏڻيءَ جي حوالي ڪيو

ڊاڪٽر جي ايم مهڪري

اڄ مشهور تعليمي ماهر ۽ دانشور جي ايم مهڪريءَ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي. هو 19 آڪٽوبر 1908ع تي هندستان جي شهر بينگلور ۾ ڄائو هن جو پورو نالو غلام محي الدين مهڪري هو. هن بمبئي يونيورسٽيءَ مان پي ايڇ ڊي جي سند حاصل ڪئي ۽ پوءِ ڪراچيءَ کي پنهنجو گهر بڻايائين. هو هڪ ناليوارو ليکڪ ۽ ڪالم نگار هو، سندس ڪالم روزاني ڊان ۽ ٽماهي رسالي سنڌ ڪوارٽرلي ۾ ڇپبجندا رهندا هئا. هن 1977ع کان 1979ع تائين سنڌ يونيورسٽيءَ جي سوشالاجي شعبي ۾ وزيٽنگ پروفيسر طور خدمتون سرانجام ڏنيون. هن جو ڪتاب Sorrows of Sindh ڇپيل آهي منظور ڪوهيار پنهنجي ڪتاب "ڪي ڪي ماڻهو وديا ساگر" ۾ هن جي شخصيت تي هڪ بهترين خاڪو لکيو آهي. ڊاڪٽر مهڪريءَ جي شخصيت جو هڪ ٻيو بهترين خاڪو ڊاڪٽر غلام علي آگري جي ڪتاب "ماڻهو شهر ڀنڀور جا" ۾ شامل آهي. هن 15 آگسٽ 1995ع تي وفات ڪئي. هن جي وفات جي موقعي تي مشهور شاعر امداد حسينيءَ هڪ نظم لکيو هو.

بقايا 1 روزاني عبرت

کان آيل گولين جو نشانو بڻجندڙ زخمين کي مختلف اسپتالن ڏانهن منتقل ڪيو ويو. پاپوش نگر جي صرافه بازار ۾ اڻڄاتل طرف کان آيل گولي لڳڻ سبب 32 ورهين جي ندا سخت زخمي ٿي پئي، جنهن کي انتهائي ڳنڀير جوڳي حالت ۾ عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي هوءَ زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي وئي ٻيا اختيارين موجب عورت کي سيني ۾ گولي لڳي هٽي ٻٽي طرف پراڻي سبزي منڊي پرسان به هوائي فائرنگ دوران هڪ شخص فوت ٿي ويو. فوتي جي سڃاڻپ 42 ورهين جي محراب طور ٿي. پوليس موجب محراب گذريل رات پنهنجي گهر ٻاهران موجود هو ته آزاديءَ جي جشن دوران ٿيل هوائي فائرنگ جي گولي سندس سيني ۾ لڳي جنهن سبب هو فوت ٿي ويو. ڪراچي پوليس جي ترجمان موجب بلال ڪالوني نيو ڪراچي ۽ پاپوش نگر چانڊني چوڪ ۾ هڪ هڪ شهري گولي لڳڻ سبب زخمي ٿيو. شريف آباد جي علائقي ناظم آباد کان لياقت آباد انڊرپاس پرسان 49 ورهين جو عمران شارع نورجهان ڦاءِ اسٽار چورنگي امام ڪلينڪ پرسان 35 ورهين جو برڦان ۽ پاڪستان بازار اورنگي ٽائون ساڍي ٻارهين نمبر رحمت چوڪ پرسان 12 ورهين جو رحيم به اڻڄاتل طرف کان آيل گولين جو نشانو بڻيا. ميلادر آءِ آءِ چندريگر روڊ حبيب بينڪ پلازا پرسان 40 ورهين جو زاهد حسين، پريڊي صدر اڪبر روڊ پرسان 50 ورهين جو نوشاد، گزري مبارڪ مسجد پرسان 45 ورهين جو عبدالحميد، پراڻي سبزي منڊي ملنگ هوٽل پرسان 40 ورهين جي صبيحه، لائنز ايريا خطرناڪ موڙ پرسان 20 ورهين جو فريان ۽ ڪورنگي ساڍا پنج نمبر ۾ 45 ورهين جو عبدالستار به گولين لڳڻ سبب زخمي ٿيا. جناح اسپتال پرسان 35 ورهين جو طارق، گلبرگ محمد وليج ۾ 23 ورهين جو اسد، لياري ڪلري نيا آباد ۾ 23 ورهين جو رمضان، جمشيد ڪوارٽرز ۾ 4 ورهين جو علي ۽ مومن آباد آفريدي ڪالوني ۾ 7 ورهين جي نورالعين پڻ اڻڄاتل طرف کان آيل گولين جو نشانو بڻيا. پوليس موجب ڪينٽ اسٽيشن پليٽ فارم، نارٿ ناظم آباد ڦاءِ اسٽار فلاءِ اوور، صدر اڪبر روڊ عائشه مسجد، عزيز آباد مڪا چوڪ، ملير وائرليس گيٽ، تيموريا نارٿ ناظم آباد بلاڪ ايل، اقبال مارڪيٽ اورنگي ٽائون منظور نگر، شارع نورجهان بلاڪ ٻي ڊسڪوا ڪالوني، پاڪستان بازار اورنگي ٽائون سيڪٽر ساڍا ٻارهين پاڪ ڪالوني وڏو بورڊ، بلال ڪالوني نيو ڪراچي فور ڪي چوڪ، گارڊن پاڪستان ڪوارٽرز، پريڊي اڪبر روڊ اقصيٰ مسجد، آرام باغ ايم اي جناح روڊ، ڪورنگي اڍائي نمبر مدڪي واري پل ڪورنگي ساڍا پنج نمبر محمود آباد گهٽي نمبر 3، گلشن اقبال هزارا ڳوٺ، جيل چورنگي نور مسجد ۽ ڪورنگي 4 پول 51 سميت مختلف علائقن ۾ به ماڻهو گولين لڳڻ سبب زخمي ٿيا، جن کي علاج لاءِ مختلف اسپتالن ڏانهن منتقل ڪيو ويو.

بقايا 2 روزاني عبرت

جي سب انسپيڪٽر ۽ ڊي ايس پي ڏگهڙي جي ريڊر توفيق پٽي ۽ ايس ايڇ او ڪنڊو جان محمد نثار عالم ابڙو ڪارروائي ڪندي گٽڪو سپلاءِ ڪندڙ مبينا گروهه جي هڪ جوابدار آڪاش مالهي کي گرفتار ڪري ورتو. پوليس موجب ڪارروائي دوران جوابدارن پاران مزاحمت ڪئي وئي ۽ پوليس ۽ جوابدارن وچ ۾ مقابلو پڻ ٿيو جنهن دوران پوليس ڪارروائي ڪندي آڪاش مالهي کي گرفتار ڪري ورتو جڏهن ته ٻيا جوابدار عبدالغفار قائمخاني اميت مالهي، گوند مالهي، عاشق قائمخاني ۽ سليم بلوچ فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. پوليس موجب گرفتار جوابدار جي قبضي مان 5 ڪٽا رائل ڪنگ گٽڪي 250 پيڪٽ ۽ 27 هزار 500 پڙيون گٽڪي هڪ ڪرولا ڪار هڪ پسٽل 30 بور ۽ 3 گوليون هٿ ڪيون ويون واقعي بابت 3 الڳ ڪيس داخل ڪيا ويا آهن جن ۾ SPPM 4/8، 324، 353، 34 ۽ 25- IAجون دفعات شامل آهن. پوليس موجب فرار جوابدارن جي گرفتاري لاءِ وڌيڪ ڪارروائي ۽ ڳولا جاري آهي.

بقايا 3 روزاني عبرت

جماعتن سان لاڳاپيل 40 کان وڌيڪ ڪارڪنن قومي ڌارا ۾ شامل ٿيڻ جو اعلان ڪيو. جشن آزاديءَ جي تقريب ۾ ڊپٽي ڪمشنر خيرپور الطاف احمد چاچڙ ايس ايس پي خيرپور امير سعود مگسي چيئرمين ڊسٽرڪٽ ڪائونسل خيرپور نادر شوڪت راڄپر ڪامران آريجو سميت شهرين سياسي سماجي شخصيتن ۽ سول سوسائٽي وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي تقريب دوران مختلف قومپرست جماعتن سان تعلق رکندڙ 40 کان وڌيڪ ڪارڪنن قومي ڌارا ۾ شامل ٿي ڪري پاڪستان زنده باد جا نعرا هنيا ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر، ايس ايس پي ڊسٽرڪٽ چيئرمين خطاب ڪندي چيو ته پاڪستان جي سلامتي، ترقي ۽ استحڪام لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ اسان جي ترجيح آهي هنن قومپرست نوجوانن جي قومي ڌارا ۾ شموليت کي خوش آئند ۽ اهم ڪاميابي قرار ڏيندي وڌيڪ چيو ته نوجوانن پاران قومي جهنڊو هٿ ۾ کڻي پاڪستان سان وفاداري جو عهد ڪرڻ انتهائي خوش آئند عمل آهي تقريب ۾ شرڪت ڪندڙن پاڪستان جي ترقي، خوشحالي ۽ سلامتي لاءِ متحد ٿي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ جو عزم ورجايو.

بقايا 4 روزاني عبرت

ڦڙڪائڻ ۽ قومي ترانو سان ڪئي وئي، جڏهن ته اسڪائوٽس ۽ پوليس جي دستن پاران قومي جهنڊي کي سلامي پيش ڪئي وئي. ان موقعي تي تقريب ۾ موجود شرڪت ڪندڙن پاڪستان سان محبت ۽ يڪجهتي جو اظهار ڪيو. ناز هاءِ اسڪول جي شاگردن پاران جشن آزادي جي مناسبت سان مختلف ٽيبلوز ملي نغما ۽ تقريرون پيش ڪيون ويون جن ۾ پاڪستان جي آزادي، قومي يڪجهتي ۽ وطن سان محبت کي اجاگر ڪيو ويو. تقريب کي خطاب ڪندي ڊپٽي ڪمشنر خيرپور ايس ايس پي خيرپور ۽ ٻين آفيسرن چيو ته پاڪستان اسان لاءِ وڏين قربانين کان پوءِ حاصل ٿيل آزادي جي نعمت آهي جنهن جي قدر ڪرڻ ۽ ملڪ جي ترقي لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ هر شهري جي ذميواري آهي هنن چيو ته نوجوان ملڪ جو مستقبل آهن. کين تعليم سان گڏ نظم ۽ ضبط، اتحاد، محنت ۽ حب الوطني جو جذبو پڻ اپنائڻو پوندو. تقريب جي پڄاڻي تي پاڪستان جي سلامتي، خوشحالي ۽ ترقي لاءِ خصوصي دعا پڻ گهري وئي. جڏهن ته شرڪت ڪندڙن پاران پاڪستان زنده باد جا نعرا هنيا ويا هوڏانهن پاڪستان لا ڪالج خيرپور ۾ به جشن آزادي جي تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ ڪالج جي انتظامي عملي جي سربراهه اختيار احمد پنهيري قومي جهنڊو ڦڙڪائي سلامي ڏني جنهن ۾ ڪالج جي شاگردن شرڪت ڪئي تقريب ۾ جشن آزاديءَ جو ڪيڪ ڪاٽيو ويو.

بقايا 5 روزاني عبرت

دوران ڪار جي ٽڪر ۾ زخمي ٿيڻ بعد شهيد ٿيل پوليس اهلڪار بخت علي ڪورڪاڻي جي جنازي نماز سندس اباڻي ڳوٺ حاجي نهيال خان ڪورڪاڻي بلوچ ۾ ادا ڪئي وئي جنازي نماز ۾ ايس ايس پي خيرپور امير سعود مگسي پوليس عملدارن سان گڏجي شرڪت ڪئي، جنازي نماز بعد شهيد ٿيل پوليس اهلڪار بخت علي ڪورڪاڻي جي مڙهه کي پوليس عملدارن پاران سلامي ڏئي سرڪاري اعزاز سان کيس گلن جي ورکا ڪري پيڻا پيش ڪئي وئي، پوليس اهلڪار جي جنازي نماز بعد ايس ايس پي خيرپور امير سعود مگسي جون ميڊيا سان ڳالهيون ڪندي چيو ته شهيد پوليس اهلڪار تي اسان کي فخر آهي انهن جي وارثن سان هن ڏکي گهڙي ۾ گڏ آهيون هن چيو ته پوليس جي جوانن هميشه قربانيون ڏنيون آهن بخت علي ڪورڪاڻي اسان جو بهادر سپاهي هيو شهيد ٿيل پوليس اهلڪار جي وارثن جي مڪمل مالڪي ڪئي ويندي انهن کي سمورا حق ڏيارڻ لاءِ اعليٰ اختيارين کي لکي چڪيو آهي وارثن سان مڪمل سهڪار رهندو.

بقايا 6 روزاني عبرت

گهارا پوڻ روز جو معمول بڻجي ويو آهي ان سلسلي ۾ گذريل ڏينهن هڪ ڀيرو ٻيهر ميرپور ماٿيلو ويجهو ڪنڌير شاخ کي 30 فوٽن جو گهارو پئجي ويو جنهن سبب سوين ايڪڙن تي بيٺل فصل پاڻي هيٺ اچي ويو آهي ان سلسلي ۾ گهاري واري هنڌ موجود آبادگار فاروق بوزدار جو چوڻ هو ته آبپاشي کاتي جا عملدار هٿرادو پاڻي چوري ڪرائڻ لاءِ موگا هٽائن ٿا جنهن سبب گهارا پئجي رهيا آهن هن چيو ته آبپاشي کاتي جي ڪرپٽ انجنيئر معظم لوهر ايس ڊي او عبدالمجيد نائچ کي اطلاع ڏنو ته هنن فون بند ڪري ڇڏيو آهي جنهن سبب پنهنجي مدد پاڻ تحت گهارو بند ڪرڻ ۾ مصروف آهيون هنن مطالبو ڪندي چيو ته آهي ته فوري طور تي نوٽس وٺي گهارو بند ڪرائي پاڻي جي نيڪال ۽ نقصان جو ازالو ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو سڏ ڏنو ويندو

بقايا 7 روزاني عبرت

معلومات، سي سي ٽي وي فوٽيج ۽ ٻين ثبوتن جي بنياد تي جوابدارن جي ڳولا شروع ڪئي وئي. پوليس موجب ڌاڙي ۾ مبينا طور ملوث ٻه جوابدار محمد ادريس ۽ شهاب ڪراچي جي ضلعي ڪياماڙي ۾ پوليس مقابلي دوران مارجي ويا. پوليس جو چوڻ آهي ته جوابدارن وٽان رائفل، پستول، موٽرسائيڪل، بيگ، موبائل فون ۽ 2 لک 19 هزار رپيا روڪ رقم هٿ ڪئي وئي. جڏهن ته هٿ آيل سامان ۽ جوابدارن جا ڪپڙا سي سي ٽي وي فوٽيج سان هڪجهڙائي لڳن ٿا. پوليس موجب جوابدار ٻين سنگين وارداتن ۽ ڀتا خوري سميت مختلف ڪيسن ۾ پڻ ملوث رهيا آهن. جڏهن ته سندن ڏوهاري رڪارڊ جي وڌيڪ تصديق ڪئي پئي وڃي ٻئي طرف اڳوڻي آئي جي ايم اين اي لال مالهي پريس ڪانفرنس ڪندي پوليس مقابلي تي سوال اٿاريندي چيو ته قانون ناهي، انڌير نگري آهي هن معاملي جي شفاف ۽ غيرجانبدارانه جاچ جو مطالبو ڪيو ته جيئن اصل حقيقتون سامهون اچي سگهن

بقايا 8 روزاني عبرت

جشن آزادي قومي جوش، جذبي ۽ حب الوطني سان ملهايو ويو. ان سلسلي ۾ ڪيمپس ۾ هڪ شاندار تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ يونيورسٽي جي چيئرمين، ڊائريڪٽرن، پرنسپل آفيسرن، سيڪشنل هيڊن، فيڪلٽي ميمبرن ۽ ملازمن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.جشن آزادي جي تقريب جي شروعات قرآن پاڪ جي تلاوت سان ڪئي وئي، جنهن کانپوءِ مهراڻ يونيورسٽي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ڪيمپس جي پرو وائس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر خانچي هريجن قومي جهنڊو ڦڙڪايو ان موقعي تي قومي جهنڊي کي سلامي ۽ جنرل سيڪيورٽي ڊوگما سيڪيورٽي اسٽاف ۽ پوليس اهلڪارن پاران پيش ڪيو ويو۽ قومي ترانو پڻ پيش ڪيو ويو تقريب کي خطاب ڪندي پرو وائس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر خانچي هريجن چيو ته 14 آگسٽ اسان لاءِ صرف خوشيءَ جو ڏينهن ناهي، پر اهو ڏينهن اسان کي آزاديءَ لاءِ ڏنل بي مثال قربانين ۽ پنهنجي قومي ذميوارين جي پڻ ياد ڏياري ٿو. پاڪستان اسان جي وڏن جي لازوال جدوجهد، قربانين ۽ عزم جو نتيجو آهي. تنهنڪري ملڪ جي ترقي، خوشحالي ۽ استحڪام لاءِ هر شهري کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي.هن چيو ته مهراڻ يونيورسٽي علم، تحقيق ۽ ٽيڪنالاجي جي شعبن ۾ ملڪ جي خدمت ڪري رهي آهي. جڏهن ته خيرپور ڪيمپس خطي جي نوجوانن کي معياري اعليٰ تعليم فراهم ڪرڻ سان گڏوگڏ کين جديد دور جي چئلينجن کي منهن ڏيڻ لاءِ تيار ڪري رهيو آهي.جشن آزاديءَ جي موقعي تي پرو وائس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر خانچي هريجن پاڪستان جي امن سلامتي ترقي خوشحالي ۽ عوام جي ڀلائي لاءِ خاص دعا پڻ ڪرائي.

بقايا 9 روزاني عبرت

جي هڪ تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو جتي هن قومي جهنڊو ڦڙڪايو. يوم آزادي جو ڪيڪ ڪاٽيو ۽ پاڪستان جي 79هين يومِ آزادي ملهائڻ ۾ ٻارن، عورتن، خصوصي صلاحيتن وارن ماڻهن ۽ منشيات جي عادت مان ڇوٽڪارو حاصل ڪندڙن سان گڏ شريڪ ٿيو صوبائي وزير مڪيش ڪمار چاولا، طارق ٽالپور ۽ سليم بلوچ پڻ وڏي وزير سان گڏ هئا. آس فائونڊيشن جي چيئرمين عبدالرحمان الانا، سندس خاندان جي ميمبرن ۽ ڊاڪٽر فوزيه صديق پاران وڏي وزير جو استقبال ڪيو ويو آس فائونڊيشن جي چيئرمين عبدالرحمان الانا ۽ سندس خاندان وڏي وزير کي پليڪار ڪيو ۽ کيس فائونڊيشن جي ڪم ۽ سينٽر ۾ بحاليءَ جي عمل مان گذرندڙ ٻارن ۽ ڇوڪرين لاءِ ان جي خدمتن بابت بريفنگ ڏني تقريب جو آغاز پرچم ڪشائيءَ جي تقريب ۽ قومي ترانو سان ٿيو جنهن کانپوءِ پاڪستان جي ترقي خوشحالي ۽ قومي اتحاد لاءِ خصوصي دعائون گهريون ويون تقريب ۾ حب الوطني سماجي شموليت ۽ انسانيت جي خدمت جي قدرن کي اجاگر ڪيو ويو تقريب کي خطاب ڪندي وڏي وزير مراد علي شاهه چيو ته پاڪستان 79 سال اڳ قائد اعظم محمد علي جناح جي بصيرت ۽ قيادت جي نتيجي ۾ وجود ۾ آيو هن وڌيڪ چيو ته پاڪستان جي تاريخ ۾ سنڌ کي هڪ منفرد مقام حاصل آهي ڇاڪاڻ ته سنڌ اسيمبلي پهرين قانون ساز اسيمبلي هئي جنهن پاڪستان جي قيام جي حمايت ۾ قرارداد پاس ڪئي هئي وڏي وزير چيو ته هن ذاتي طور تي بحاليءَ جي عمل مان گذرندڙ ٻارن سان ملاقات ڪئي آهي ۽ سندن امنگن سان کيس وڏي حوصلا افزائي ٿي آهي هن چيو ته انهن ٻارن مان ڪجهه ڊاڪٽر، ڪجهه انجنيئر بڻجڻ چاهين ٿا، ۽ ٻيا پاڪستان جي هٿياربند فوجن ۾ خدمت ڪرڻ جا خواهشمند آهن هن ان ڳالهه تي زور ڏنو ته حڪومت جي ذميواري رڳو علاج ۽ بحاليءَ تائين محدود ناهي هن چيو اڄ انهن ٻارن مان ڪجهه کي سندن خاندانن پاران اڪيلو ڇڏيو ويو آهي پر اسان کين بحال ڪنداسين، تعليم ڏينداسين، ۽ کين معاشري جا ڪارآمد ۽ باوقار ميمبر بڻجڻ لاءِ تيار ڪنداسين هڪ دفعو جڏهن اهي پنهنجي زندگي نئين سر تعمير ڪندا، ته سندن خاندان کين ٻيهر فخر سان قبول ڪندا. مراد علي شاهه ان ڳالهه تي زور ڏنو ته پاڪستان جي حقيقي ترقي تڏهن ئي حاصل ٿي سگهي ٿي جڏهن هر فرد کي ڪاميابيءَ جا برابر موقعا ڏنا وڃن هن منشيات جي عادت ۽ نفسياتي صدمي کان متاثر ماڻهن جي بحاليءَ کي هڪ قومي ذميواري قرار ڏنو ۽ يقين ڏياريو ته سنڌ حڪومت بحاليءَ جي مرڪزن ۽ سماجي ويلفيئر جي تنظيمن سان پنهنجي تعاون کي وڌيڪ مضبوط ڪندي هن چيو خصوصي ٻارن ۽ منشيات جي عادت مان ڇوٽڪارو حاصل ڪندڙ ماڻهن جي تعليم، تربيت ۽ فلاح و بهبود اسان جي اعليٰ ترجيحن ۾ شامل آهي بحاليءَ سان گڏ پيشيورانه تربيت ۽ روزگار جا موقعا پڻ هجڻ گهرجن ته جيئن ماڻهو پيداواري شهرين جي حيثيت ۾ معاشري ۾ ٻيهر شامل ٿي سگهن وڏي وزير سماج جي ڪمزور طبقن کي اميد، بحالي ۽ بااختيار بڻائڻ تي آس فائونڊيشن جي تعريف ڪئي ۽ ان کي بحالي ۽ سماجي شموليت جو هڪ مؤثر ماڊل قرار ڏنو هن وڌيڪ چيو ته صوبائي حڪومت هڪ صحت مند، منشيات کان پاڪ معاشري جي تعمير ۽ آگاهي ۽ روڪٿام جي پروگرامن ذريعي نوجوانن کي منشيات جي خطرن کان بچائڻ لاءِ تمام ممڪن قدم کڻندي رهندي ان کان اڳ وڏي وزير مراد علي شاهه ٻارن جي پرائمري يونٽ ۽ ٻارن جي هاف وي هائوس جو دورو ڪيو جتي هن ٻارن، عورتن، خصوصي صلاحيتن وارن ماڻهن ۽ منشيات جي عادت ۽ نفسياتي صدمي مان ڇوٽڪارو حاصل ڪندڙ ماڻهن سان ملاقات ڪئي هن ٻارن سان گرمجوشي سان ڳالهايو سندن خيريت معلوم ڪئي ۽ کين سندن تعليمي ۽ بحاليءَ جي سفر ۾ حوصلا افزائي ڪئي ٻارن وڏي وزير کي پنهنجي سرگرمين ۽ ڪاميابين بابت بريفنگ ڏني جڏهن ته فائونڊيشن جي چيئرمين عبدالرحمان الانا کيس سينٽر ۾ هلي رهيل علاج، بحاليءَ ۽ تعليمي پروگرامن بابت آگاهه ڪيو ان موقعي تي ڳالهائيندي آس فائونڊيشن جي چيئرمين عبدالرحمان الانا چيو ته اها تنظيم سنڌ حڪومت جي تعاون سان مختلف سماجي ۽ نفسياتي چئلينجز جو سامهون ڪندڙ ٻارن جي بحاليءَ لاءِ ڪم ڪري رهي آهي هن وڏي وزير مراد علي شاهه جي منشيات، بيماري ۽ سماجي مسئلن کي حل ڪرڻ ۽ ڪمزور ماڻهن کي پيداواري زندگي گذارڻ ۾ مدد ڪرڻ لاءِ کنيل قدمن جي مسلسل حمايت تي سندس تعريف ڪئي يوم آزاديءَ جون تقريبون قومي اتحاد، سماجي ذميواري ۽ شموليت واري ترقيءَ جي هٿي ڏيڻ جي نئين سر عهد سان ختم ٿيون جيڪي پاڪستان جي باني ڪارن جي تصور ڪيل آزاديءَ ۽ اجتماعي ترقيءَ جي جذبي جي عڪاسي ڪن ٿيون

بقايا 10 روزاني عبرت

ملي آخر ۾ ٻارن ۽ مهمانن ۾ ڪيڪ ۽ مٺايون ورهايون ويون جڏهن ته ملڪ جي سلامتي، خوشحالي ۽ ترقي لاءِ خاص دعائون پڻ گهريون ويون

بقايا 11 روزاني عبرت

ريو فوتي جو لاش پوسٽ مارٽم جي لاءِ تعلقه اسپتال ميهڙ آندو ويو ضروري ڪارروائي ٿيڻ بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو فوتي لقمان پٽ اميربخش لاکير جو لاش ڳوٺ گهر پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو فوتي جي وارثن طارق لاکير ٻڌايو ته چار ڏينهن اڳ ڳوٺ ۾ ڪتن جي ويڙهه سبب جوابدارن سردار لاکير، آصف لاکير، عنايت لاکير، لياقت لاکير ۽ ٻين حملو ڪري منهنجي ماما کي زخمي ڪيو جيڪو حيدرآباد اسپتال ۾ فوت ٿي ويو آهي پوليس ڪيس داخل ڪري جوابدارن کي گرفتار ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي

بقايا 12 روزاني عبرت

ڪوٽڙي جي ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ ڊاڪٽر نجم وساڻ ڊائريڪٽر هيلٿ کي اسپتال جي ڪارڪردگي ۽ انتظامي معاملن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني ڊائريڪٽر هيلٿ اسپتال جي او پي ڊي، ليبارٽري، ميڊيڪل اسٽور ايڪسري شعبي، حادثاتي وارڊ ۽ ايمرجنسي وارڊ سميت مختلف شعبن جو دورو ڪيو ان موقعي تي ڊاڪٽر فرخ پنهور نئين تعمير ٿيندڙ عمارت جو پڻ معائنو ڪيو هن اسپتال انتظاميا کي هدايت ڪئي ته سمورو عملو باقاعدگي سان ۽ مقرر وقت تي پنهنجي حاضري يقيني بڻائي هن بائيو ميٽرڪ حاضري واري نظام کي وڌيڪ مؤثر بڻائڻ ۽ مناسب هنڌن تي سي سي ٽي وي ڪيمرائون لڳائڻ جون پڻ هدايتون ڏنيون ته جيئن اسپتال جي نگراني ۽ سيڪيورٽي انتظامن کي بهتر بڻائي سگهجي ڊائريڪٽر هيلٿ متعدي بيمارين کان بچاءَ جي حوالي سان هيلٿ ايجوڪيشن کي وڌيڪ مؤثر بڻائڻ جون هدايتون پڻ ڏنيون ته جيئن مريضن ۽ عام ماڻهن ۾ صفائي، احتياطي تدبيرن، بروقت تشخيص ۽ علاج بابت شعور پيدا ڪري سگهجي هن وڌيڪ چيو ته ٻهراڙي وارن علائقن جي عوام کي سندن ويجهن اسپتالن ۾ بروقت، معياري ۽ مؤثر طبي سهولتون فراهم ڪرڻ صحت کاتي جي اهم ترجيحن ۾ شامل آهي اسپتال انتظاميا ان مقصد جي حاصلات لاءِ پنهنجي ڪارڪردگي کي وڌيڪ بهتر بڻائي

بقايا 13 روزاني عبرت

محمد خان جي صدر سيد صلاح شاهه بخاري، چيئرمين ميونسپل ڪاميٽي ٽنڊو محمد خان سيد شاهنواز محسن شاهه بخاري ،عبرت ٽنڊو محمد خان جي ضلعي رپورٽر سينئر صحافي ذوالفقار چانڊيو ڪاٽيو .ان موقعي پ پ ايم پي اي سيد اعجاز حسين شاهه بخاري عبرت جي سالگرهه جي تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته اڄ خوشيءَ جو ڏينهن آهي آئون هن خوشي موقعي جي موقعي تي عبرت جي سرواڻ قاضي اسد عابد کي مبارڪ ڏيان ٿو ۽ پوري عبرت سٽ جس لهڻي هن چيو ته عبرت اخبار سنڌ جي مسئلن کي بهترين انداز سان اجاگر ڪيو آهي جيڪي وفاق ۽ سنڌ جي ايوانن پيش ڪري انهن کي حل ڪيو ويو آهي جن ۾ سنڌ جي ترقي بابت مسئلو هجي يا عوام سان پيش ايندڙ اشو هجن اهي پيپلز پارٽي اسيمبلي مان حل ڪرايا آهن هن چيو ته عبرت سنڌ جي ماڻهن جي ڳالهه ڪري ٿي عوام اڄ به عبرت اخبار کي چاهه سان پڙهي ٿو . ان موقعي تي عبرت جي سالگرهه جي تقريب ۾ صحافي زاهد قريشي ،عمر شريف ، قادر شورو ۽ ٻيا موجود هئا.

بقايا 14 روزاني عبرت

۾ فائرنگ ۾ عورت قتل ٿي وئي اطلاع ملڻ تي پوليس موقعي تي پهچي وئي ۽ واقعي واري هنڌ تان ثبوت گڏ ڪرڻ لاءِ ڪرائيم سين يونٽ کي طلب ڪيو مقتولا جي لاش کي ايمبولينس ذريعي سول اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي ان جي سڃاڻپ 48 سالن جي زرين بيبي زال شوڪت جي نالي سان ٿي ايس ايڇ او ڊاڪس وقار قيصر جي مطابق شروعاتي معلومات مان ظاهر ٿيو آهي ته مقتولا کي گهريلو جهيڙي دوران مبينا طور تي سندس مڙس فائرنگ ڪري گولي هڻي قتل ڪيو ويو مقتولا جو مڙس اسپتال ۾ موجود آهي جتي عورت جو پوسٽ مارٽم ڪيو پيو وڃي

بقايا 15 روزاني عبرت

ڪلهوڙو زخمي ٿي پيا آهن زخمين کي ٿاڻي تان ليٽر وٺڻ بعد علاج لاءِ ڳمس اسپتال گمبٽ منتقل ڪيو ويو آهي ٻڌايو پيو وڃي ته ميهر ۽ وحيد ڪلهوڙو جي حالت نازڪ آهي . ان ڏس ۾ صادق ڪلهوڙو پوليس ٻڌايو ته ڌرين ۾ پلاٽ جي مالڪي تان جهيڙو هلندڙ آهي جنهن تان ڌرين هڪ ٻئي مٿان لٺين ۽ ڪهاڙين سان حملو ڪري هڪ ٻئي کي مرٽينگ ڪري ڇڏيو آهي جڏهن ته علائقي ۾ خوف واري صورتحال ڇانيل آهي

بقايا 16 روزاني عبرت

آفيسرن استادن شاگردن ۽ وڏي انگ ۾ شهرين شرڪت ڪئي تقريب دوران چيئرمين ضلع ڪائونسل گهوٽڪي بنگل خان مهر ڊپٽي ڪمشنر منظور احمد ۽ ايس ايس پي محمد انور کيتران قومي جهنڊو ڦڙڪايو ۽ سلامي پيش ڪري پاڪستان جي سالميت، خوشحالي ۽ ترقي لاءِ دعائون گهريون ويون ان موقعي تي چيئرمين ضلع ڪائونسل گهوٽڪي بنگل خان مهر ڳالهائيندي چيو ته آزادي هڪ عظيم نعمت آهي ۽ اسان خوشقسمت قوم آهيون جو اسان وٽ پنهنجو آزاد وطن آهي هن چيو ته ملڪ جي ترقي لاءِ هر شهري کي پنهنجي ذميواري ايمانداري سان ادا ڪرڻ گهرجي ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي منظور احمد چيو ته 14 آگسٽ اسان لاءِ خوشي، فخر ۽ قومي عزم جو ڏينهن آهي، جنهن کي قومي جوش ۽ جذبي سان ملهائڻ جو مقصد نئين نسل کي آزادي جي اهميت کان آگاهه ڪرڻ پڻ آهي هن چيو ته پاڪستان وڏي جدوجهد ۽ لازوال قربانين کانپوءِ حاصل ٿيو تنهنڪري آزادي جي قدر انهن قومن کان پڇڻ گهرجي، جيڪي اڄ به جنگ ۽ ظلم جو شڪار آهن هن نوجوانن تي زور ڏنو ته هو تعليم اتحاد نظم ۽ خدمت ذريعي ملڪ جي ترقي ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪن ان موقعي تي ايس ايس پي محمد انور کيتران چيو ته ملڪ ۽ وطن جي حفاظت، امن ۽ ترقي لاءِ اسان سڀني کي گڏجي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي هن پاڪستان جي حفاظت خاطر جانين جا نذرانا پيش ڪندڙ شهيدن کي خراج عقيدت پيش ڪندي چيو ته قوم انهن جي قربانين کي ڪڏهن به وساري نه ٿي سگهي تقريب جي پڄاڻي تي چيئرمين ضلع ڪائونسل بنگل خان مهر ڊپٽي ڪمشنر منظور احمد ۽ ايس ايس پي محمد انور کيتران ٻارن سان گڏجي جشن آزادي جي خوشي ۾ ڪيڪ ڪاٽيو

بقايا 17 روزاني عبرت

چيئرمين عبدالحميد پنهور ۽ وائيس چيئرمين ممتاز جلباڻي قومي جهنڊو ڦڙڪائي يوم آزادي جي تقريبن جو افتتاح ڪيوسنڌ يونيورسٽي ٺٽو ڪيمپس ۾ به پي وي سي پروفيسر مصباح بيبي قريشي جي اڳواڻي ۾ جشنِ آزادي جي تقريب منعقد ڪئي وئي، جتي قومي جهنڊو ڦڙڪايو ويو جڏهن ته مڪلي هاءِ اسڪول جي شاگردن جشن آزادي جي موقعي تي ريلي ڪڍي، پاڪستان ۽ پاڪ فوج جي حمايت ۾ نعريبازي ڪئي ميونسپل ڪميٽي ٺٽو ۾ پڻ جشن آزادي جي تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ ميونسپل چيئرمين ادا محمد ميمڻ ۽ وائيس چيئرمين عزيز ميمڻ قومي جهنڊو ڦڙڪائي تقريب جو آغاز ڪيو ٻئي طرف پٺاڻ يوٿ آرگنائيزيشن جي اڳواڻن محمد خان پٺاڻ، مسعود پٺاڻ ۽ نصرالله خان پٺاڻ جي اڳواڻي ۾ پٺاڻ ڪالوني کان نيشنل پريس ڪلب ٺٽو تائين ريلي ڪڍي وئي پاڪ فوج جي رٽائرڊ سولجرن جي تنظيم پاڪستان ايڪس سروس مين سوسائٽي پاران پڻ چوهڙجنڊ شهر ۾ جشنِ آزادي جي تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ صدر پيار علي خاصخيلي، نائب صدر ضياءُ الله بروهي، جنرل سيڪريٽري پير غلام رسول شاهه ۽ يونٽ چوهڙجنڊ جي صدر سارنگ سنڌي ڪيڪ ڪاٽي پاڪ فوج سان يڪجهتي جو اظهار ڪيو ٺٽي جي موبائيل ايسوسيئيشن پاران چيئرمين علي مرزا صدر سلمان ميمڻ ۽ ارشاد کتري جي اڳواڻي ۾ ٺٽو کان نيشنل پريس ڪلب ٺٽو مڪلي تائين ريلي ڪڍي وئي جنهن دوران پاڪستان ۽ پاڪ فوج جي حمايت ۾ نعريبازي ڪئي وئي

بقايا 18 روزاني عبرت

تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ پ پ پ سينيئر پيرسيد ڪاظم علي شاهه لڪياري سيد محرم علي شاهه سميت شهرين جي وڏي انگ شرڪت ڪئي پ پ پ سينيئر ڪاظم علي شاهه لڪياري پي ايس 30 جي اميدوار بيرسٽر اسفنديار ڪرل شهرين سان گڏجي پاڪستان جي آزادي جو ڪيڪ ڪاٽيو ويو. جڏهن ته جشن آزادي جي ڏهاڙي ايليمنٽري اسڪول بنگل خان چانڊ ۾ شاندار تقريب ڪوٺائي وئي جنهن ۾ شاگردن شاگردياڻين ٽيبلوز پيش ڪيا ۽ ملي نغمائي خوشي جو اظهار ڪيو ۽ پاڪستان زنده پڻ ريلي ڪڍي وئي

بقايا 19 روزاني عبرت

الوطني سان ملهايو ويو ان موقعي تي شهر جي سرڪاري ۽ خانگي عمارتن روڊن ۽ چوڪن کي قومي جهنڊن سان سينگاريو ويو جڏهن ته مختلف هنڌن تي جهنڊا ڦڙڪائڻ سميت ريليون تقريبون ۽ ثقافتي پروگرام منعقد ڪيا ويا. مرڪزي تقريب ٽنڊو آدم ميونسپل ڪميٽي پاران گلشن صديقي پارڪ ۾ منعقد ڪئي وئي، جيڪا صبح 8 وڳي قومي ترانو سان شروع ٿي ميونسپل چيئرمين غلام مرتضيٰ جوڻيجو اسسٽنٽ ڪمشنر حنين طارق شاهاڻي وائيس چيئرمين ملڪ ذوالفقار علي، چيف ميونسپل آفيسر ملڪ عبدالحميد، مختيارڪار امام الدين لاڳ، ڊي ايس پي امتياز علي ڊومڪي ۽ تعلقه ايجوڪيشن آفيسر راڻو ناصر انجمن تاجران جي صدر محمد اقبال پٽي سميت ٻين قومي جهنڊو ڦڙڪايو تقريب دوران جشن آزادي جو ڪيڪ ڪاٽيو ويو جڏهن ته مختلف تعليمي ادارن جي شاگردن قومي نغما پيش ڪري تقريب کي وڌيڪ پرجوش بڻائي ڇڏيو مددگار پوليس 15 آفيس ۾ پڻ جهنڊو ڦڙڪائڻ جي تقريب ٿي جنهن ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر مختيارڪار ڊي ايس پي ۽ سٽي ٿاڻي جي ايس ايڇ او عمران چانڊيو قومي جهنڊو ڦڙڪايو پوليس جي چاق ۽ چوبند دستي گارڊ آف آنر پيش ڪيو تقريب ۾ ڪائونسلرن سرڪاري آفيسرن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي بعد ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر حنين طارق شاهاڻي ٽنڊو آدم سب جيل جو دورو ڪري قيدين ۾ مٺائي ورهائي. جڏهن ته تقريبن کي خطاب ڪندي مقررن چيو ته پاڪستان اسان جي وڏڻ جي ڏي سٽي هائير سيڪنڊري اسڪول پاران سهيل احمد جي اڳواڻي ۾ استادن ۽ شاگردن ريلي ڪڍي . ڪرڪيٽ اڪيڊمي جي پاران فهيم احمد قريشي جي اڳواڻي ۾ ڪيڪ ڪاٽيو ويو جماعت اسلامي پاران عبدالغفور انصاري جي اڳواڻي ۾ پرچم ڪشائي تقريب منعقد ڪئي وئي، پاڪستان مرڪزي مسلم ليگ پاران حسن محمود عاصمر جي اڳواڻي ۾ آزادي ريلي ڪڍي وئي پاڪستان ريلويز ٽنڊو آدم اسٽيشن تي اسٽيشن ماسٽر ناصر احمد جي نگراني ۾ جشن آزادي جي تقريب منعقد ڪئي وئي سنڌي مين اسڪول ۾ لڪا ڏنو خاصخيلي جڏهن ته تعلقه ايجوڪيشن آفيسر راڻو ناصر جي نگراني ۾ مختلف اسڪولن ۾ پڻ جشن آزادي جون تقريبون منعقد ٿيون پاڪستان ڊيموڪريٽڪ موومينٽ پاران رئيس زاهد حسين مري ۽ خالد ڏاهري جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي، جيڪا ٽنڊو آدم پريس ڪلب پهتي جتي جشن آزادي جو ڪيڪ ڪاٽيو ويو.تقريبن ۾ تعلقه اسپتال جي ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ ڊاڪٽر غلام علي سمون، عاشق حسين ساند، آچر ساند، وسيم چنا، انجمن تاجران جي اقبال پٽي ۽ حبيب ٻهلم سميت سياسي، سماجي، واپاري، تعليمي ۽ صحافتي حلقن سان تعلق رکندڙ ماڻهن شرڪت ڪئي ٽنڊو آدم ۾ سڄو ڏينهن جشن آزادي جون تقريبون، قومي نغما، جهنڊا ڦڙڪائڻ ۽ ريليون جاري رهيون جن دوران شهرين پاڪستان سان پنهنجي محبت، يڪجهتي ۽ وفاداري جو اظهار ڪيو

بقايا 20 روزاني عبرت

جوش و خروش سان ملهايو ويو تقريب ۾ يونيورسٽي انتظاميا، فيڪلٽي ميمبرن، آفيسرن، ملازمن، شاگردن ۽ معزز مهمانن شرڪت ڪئي، جتي آزاديءَ جي تاريخي ڏينهن کي مختلف قومي ۽ هم نصابي سرگرمين ذريعي ڀرپور نموني سان ملهايو ويو تقريب جا معزز مهمان مسٽر راجيش ڪمار گوئل ايڊيشنل ڪمشنر- IIشڪارپور ۽ مسٽر نزاڪت ڏاهاڻي اسسٽنٽ ڪمشنر خانپور هئا، جن جي شرڪت تقريب جي اهميت ۽ وقار ۾ اضافو ڪيو تقريب جي شروعات قومي پرچم ڪشائيءَ سان ڪئي وئي، جنهن کانپوءِ پاڪستان جي امن، خوشحالي، خودمختياري ۽ ترقي لاءِ خصوصي دعا گهري وئي ان موقعي تي قومي ترانو پڻ پيش ڪيو ويو جنهن دوران يونيورسٽي جي سموري برادري احترام سان بيهي ملڪ سان پنهنجي اٽوٽ وابستگي ۽ وفاداريءَ جو اظهار ڪيو آزاديءَ جي جشن کي اڳتي وڌائيندي ڪيڪ ڪاٽڻ جي تقريب منعقد ڪئي وئي، جيڪا آزاديءَ جي خوشي ۽ قومي جذبي جي علامت هئي ان کانپوءِ وائيس چانسلر آفيس پرسان قائم پويلين کان يونيورسٽي جي اسپورٽس گرائونڊ تائين آزادي ڏهاڙي جي ريلي ڪڍي وئي، ريلي ۾ شاگردن وڏي جوش ۽ جذبي سان شرڪت ڪئي ۽ پنهنجي حب الوطني جو ڀرپور مظاهرو ڪيو اسپورٽس گرائونڊ ۾ معزز مهمانن ڇوڪرين جي ٿرو بال مقابلي ۽ ڇوڪرن جي ٽگ آف وار مقابلي جو مشاهدو ڪيو راندين جي انهن سرگرمين ذريعي شاگردن کي ٽيم ورڪ، نظم و ضبط، عزم، محنت ۽ صحتمند مقابلي جي جذبي جو مظاهرو ڪرڻ جو موقعو مليو جنهن آزاديءَ جي جشن کي وڌيڪ رنگين ۽ يادگار بڻائي ڇڏيو تقريب دوران معزز مهمان ايڊيشنل ڪمشنر- IIشڪارپور ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر خانپور کي پليڪار ڪيو ويو يونيورسٽي انتظاميا پاران مهمانن جو گرمجوشيءَ سان استقبال ڪيو ويو ۽ سندن قيمتي وقت ڪڍي تقريب ۾ شرڪت ڪرڻ تي ٿورا مڃيا ويا بعد ۾ راندين جي مقابلن ۾ شاندار ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪندڙ فاتح ۽ نمايان شاگردن کي متعارف ڪرايو ويو ۽ سندن شاندار ڪارڪردگي، جوش ۽ راندين جي جذبي کي ساراهيندي کين انعامن ۽ تعريفي اعتراف سان نوازيو ويو ان موقعي تي يونيورسٽي جي ان عزم کي اجاگر ڪيو ويو ته شاگردن جي تعليمي تربيت سان گڏوگڏ سندن راندين، قيادت ۽ هم نصابي صلاحيتن کي پڻ هٿي ڏني وڃي.تقريب جي آخري مرحلي ۾ وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر نويد احمد شيخ معزز مهمانن سان گڏ وائيس چانسلر آفيس تشريف وٺي ويا، جتي اعليٰ تعليم علمي ترقي ۽ يونيورسٽي جي مستقبل ۾ وڌيڪ بهتري بابت تعميري ۽ خوشگوار خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ان موقعي تي ايڊيشنل ڪمشنر- IIشڪارپور ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر خانپور يونيورسٽي پاران تعليم جي واڌاري ۽ شاگردن کي پنهنجي علمي تخليقي ۽ راندين جي صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ لاءِ فراهم ڪيل موقعن کي ساراهيو معزز مهمانن شاگردن جي شاندار صلاحيتن کي خاص طور تي ساراهيندي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر نويد احمد شيخ جي قيادت، ويزن ۽ شيخ اياز يونيورسٽي جي ترقي ۽ اڳڀرائي لاءِ کنيل قدمن کي پڻ ساراهيو. وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر نويد احمد شيخ معزز مهمانن جي قيمتي شرڪت ۽ تعاون تي ٿورا مڃيا. هن ان عزم جو ورجاءُ ڪيو ته يونيورسٽي شاگردن کي معياري تعليم، سازگار علمي ماحول ۽ جامع شخصيت سازي جا موقعا فراهم ڪندي رهندي، ته جيئن اهي پاڪستان جا ذميوار باصلاحيت ۽ ڪارآمد شهري بڻجي سگهن آزاديءَ ڏهاڙي جون تقريبون اتحاد، ايمان، نظم و ضبط، تعليم ۽ قومي خدمت جي قدرن کي هٿي ڏيڻ ۽ هڪ پرامن، خوشحال ۽ ترقي يافته پاڪستان لاءِ گڏيل طور ڪم ڪرڻ جي نئين عزم سان پڄاڻيءَ تي پهتيون

بقايا 21 روزاني عبرت

آهي ۽ مني پاڪستان به آهي 14 آگسٽ جي مناسبت سان ايم ڪيو ايم پاڪستان پاران فائيواسٽار چورنگي تي تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ پارٽي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي خطاب ڪندي خالد مقبول صديقي چيو ته اسان تمام خوش نصيب آهيون جو اسان کي آزادي ملي، پر اسان بدنصيب آهيون جو اسان آزادي جي قدر نه ڪئي آزادي جي قيمت صرف اسان ادا ڪئي آهي ان ڪري ان جي قدر به اسان کي ئي آهي تقريب کي خطاب ڪندي فاروق ستار چيو ته پاڪستان کي اجاره داري کان آزاد ڪرايو ويندو جڏهن اجاره داري ختم ۽ شراڪت داري شروع ٿيندي، تڏهن حقيقي آزادي ملندي انتظامي يونٽ قائم ٿيڻ گهرجن ۽ انهن سان هڪ يونٽ اسان جو به هجڻ گهرجي ايم ڪيو ايم پاڪستان جي اڳواڻ مصطفيٰ ڪمال چيو ته جيڪا حقيقي آزادي ملڻ گهرجي ها، اها اڃا تائين نه ملي آهي اسان کي پنهنجي گهٽين ۽ پاڙن جو اختيار به نه ملي سگهيو آهي. جڏهن ته اڄ اسان کي ڪوٽا سسٽم ۾ به پنهنجو حصو نٿو ملي هن چيو ته جعلي ڊوميسائل ڏاهي اسان جو ڪوٽا کسي ورتو وڃي ٿو ماڻهن جي دانهن ۽ دانهون ڪنهن نه ٻڌيون اهڙي نظام سان پاڪستان نٿو هلائي سگهجي مصطفيٰ ڪمال چيو ته پاڪستان ۾ آئيني طور تي انتظامي يونٽ قائم ڪرڻ هاڻي لازمي ٿي ويو آهي ايندڙ سال جڏهن ساڳئي هنڌ جشنِ آزادي ملهايو ويندو ته ان وقت تائين حقيقي آزادي حاصل ٿي چڪي هوندي

بقايا 22 روزاني عبرت

اسلام ڪوٽ جي مهراج برادري جي پاران جهانگرو بس اسٽاپ لڳ جشن آزادي جي تقريب منعقد ڪئي ويئي جتي ڪيڪ ڪٽيو ويو ۽ نوجوانن پاران قومي نغمن تي رقص ڪيو ويو جڏهن ته مک تقريب هائر سيڪينڊري اسڪول ۾ ٿي جتي قومي جهنڊو ڦڙڪائي سلامي ڏني ويئي.تقريب ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر عبدالغفار لاکير مختيارڪار انور علي هنگورو ٽائون چيئرمين ڪمليش ڪمار اڳوڻي ناظم گهنشامداس واپاري اڳواڻ ڪلديپ پاروائي سميت واپارين شهرين ۽ مختلف اسڪولن جي استادن ۽ شاگردن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي جتي شاگردن پاران ٽيبلوز ۽ خاڪا پيش ڪرڻ سميت قومي نغمن تي رقص ڪري وطن عزيز کي پيڻا پيش ڪئي ويئي

بقايا 23 روزاني عبرت

اظهار ڪيو شرڪت ڪندڙن هٿن ۾ سبز هلالي پرچم کنيا هئا، جڏهن ته پاڪستان زنده باد ۽ پاڪ فوج زنده باد جا فلڪ شگاف نعرا لڳايا ويا. ريلي ۾ شرڪت ڪندڙن جو جوش ۽ جذبو قابل ڏسڻ هو ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي راول شرجيل ميمڻ چيو ته موٽر سائيڪل ريلي ڪرائڻ جو مقصد نوجوانن ۾ حب الوطني، قومي يڪجهتي ۽ پاڪستان سان محبت جي جذبي کي وڌيڪ هٿي وٺرائڻ آهي هن چيو ته 14 آگسٽ اسان لاءِ رڳو جشن جو ڏينهن نه پر انهن لکين ماڻهن جي قربانين کي ياد ڪرڻ جو ڏينهن پڻ آهي، جن پاڪستان جي قيام لاءِ جدوجهد ڪئي هن چيو ته آزادي الله پاڪ جي وڏي نعمت آهي، جنهن جي قدر ڪرڻ ۽ ملڪ جي سلامتي، ترقي ۽ خوشحالي لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ اسان سڀني جي ذميواري آهي نوجوان ملڪ جو مستقبل آهن، کين تعليم محنت ۽ مثبت سرگرمين ذريعي پاڪستان جي ترقي ۾ حصو وٺڻ گهرجي راول شرجيل ميمڻ چيو ته پاڪستان اسان جي سڃاڻپ ۽ گڏيل وطن آهي ان جي سلامتي ۽ خودمختياري جو تحفظ اسان سڀني جي گڏيل ذميواري آهي هن پاڪ فوج جي ملڪ جي دفاع لاءِ ڏنل قربانين کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو ته پوري قوم پنهنجي وطن ۽ پاڪ فوج سان گڏ بيٺل آهي هن وڌيڪ چيو ته اڄ جي ريلي سان اهو پيغام ملي ٿو ته پاڪستان جو نوجوان پنهنجي وطن سان بي پناهه محبت ڪري ٿو ۽ ملڪ جي ترقي، خوشحالي ۽ استحڪام لاءِ متحد ۽ پرعزم آهي ريلي جي پڄاڻيءَ تي پاڪستان جي سلامتي، خوشحالي ترقي ۽ استحڪام لاءِ خصوصي دعا پڻ گهري وئي

بقايا 24 روزاني عبرت

جانوري ، اسد عبدالرحيم ساريو رئوف قمر ساريو ، حفيظ گل هگورو شاهه ، زيب ساريو شاهه زمان ساريو سميت معصوم ٻارڻ استادن ، شهرين سميت ٻين ريلي جي اڳواڻي ڪندي شريڪ ٿيا ۽ پاڪستان ۽ پاڪ فوج زنده آباد جا نعرو هنيا ان دوران مين چونڪ تي قومي جهنڊو ڦڙڪايو ويو ان موقعي تي ريلي جي اڳواڻي ڪندڙ قمرالدين ساريو چيو ته هيومن رائيٽس اٿارٽي فورم جي مرڪزي چيئرمين محمد هاشم سنڌيان جي حڪم تي هر سال جيان هن سال به جشن آزادي جي حوالي ريلي ڪڍي پنهنجن وطن سان محبت جو اظهار ڪرڻ جو ثبوت پيش ڪيو آهي هن چيو ته ملڪ جي آزادي لاءِ اسان جي بزرگن وڏيون عظيم قربانيون ڏنيون آهن

بقايا 25 روزاني عبرت

شريڪ ٿيا، تقريب ۾ پرچم ڪشائي ڪري پاڪستان جي ترقي، خوشحالي، امن امان ۽ اتحاد لاءِ دعا گهري وئي جنهن بعد ڊپٽي ڪمشنر شهزاد احمد ساهي، ايس ايس پي فيضان علي، مير رافع حسين جکراڻي ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته 14 آگسٽ پاڪستان جي آزادي جي ڏينهن تي اسين سموري پاڪستاني قوم کي دل جي گهراين سان مبارڪباد پيش ڪيون ٿا، هن چيو ته پاڪستان دنيا جو عظيم ترين ملڪ آهي جيڪو لازوال قربانين ۽ انٿڪ جدوجهد کان پوءِ اسان کي آزاد حيثيت ۾ نصيب ٿيو آهي هنن چيو ته اسين خوشنصيب قوم آهيون جو هڪ آزاد، خودمختيار ملڪ ۾ پنهنجي زندگي گذاريون پيا، اسان کي پنهنجي وطن تي ناز آهي ۽ پاڪ فوج تي فخر آهي جنهن هميشه پنهنجي جانين جا نذرانا ڏئي وطن جي سرحدن جي حفاظت ڪئي آهي تقريب ۾ پاڪستان جي آزادي جي ڏينهن جي موقعي تي ڪيڪ ڪاٽي اڳواڻن هڪٻئي کي مبارڪون ڏنيون

بقايا 26 روزاني عبرت

نواز سميجو جي اڳواڻي ۾ جهنڊو ڦڙڪائڻ ۽ ڪيڪ ڪاٽيو ويو تقريب ۾ ڊپٽي ڊائريڪٽر جميل الرحمان چانڊيو اورنگزيب رضوي،ذيشان خانزادو،اسسٽنٽ ڊائريڪٽر ثناء الله ميمڻ،عاشق حسين،امير زرداري اشفاق زرداري،انيل قائمخاني، فداحسين ۽ ٻين شرڪت ڪئي

بقايا 27 روزاني عبرت

شرڪت ڪندڙن ۾ مٺائي ورهائي وئي ان موقعي تي چيئرمين ميونسپل ڪميٽي هالا زنوار گل محمد پنهور چيو ته آزادي الله پاڪ جي وڏي نعمت آهي جنهن لاءِ پاڪستان جي قيام دوران لازوال قربانيون ڏنيون ويون هن چيو ته اسان سڀني جي ذميواري آهي ته ملڪ جي ترقي خوشحالي ۽ استحڪام لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪريون هن وڌيڪ چيو ته جشن آزادي جو ڏينهن اسان کي اتحاد، پائيداري ۽ ملڪ سان وفاداري جو درس ڏئي ٿو اسان کي پنهنجي وطن جي سلامتي ۽ ترقي لاءِ گڏجي ڪم ڪرڻ گهرجي تقريب جي آخر ۾ پاڪستان زنده باد ۽ پاڪ فوج زنده باد جا نعرا هنيا ويا

بقايا 28 روزاني عبرت

محمد يوسف بنگلاڻي سميت وڏي تعداد ۾ اڳواڻ ۽ ڪارڪن شريڪ ٿيا جن جي هٿن ۾ پاڪستان جا جهنڊا پڻ هئا اڳواڻن خطاب ڪندي پاڪستان جي ترقي ۽ خوشحالي لاءِ دعا پڻ گهري ٻئي پاسي قومي امن ڪاميٽي پاران 14 آگسٽ جشن آزادي جي موقعي تي پاڪستان زنده باد ريلي ڪڍي وئي جنهن ۾ راشد بليدي، اصغر مغيري سميت ٻيا وڏي تعداد ۾ شريڪ ٿيا هوڏانهن پاڪستان محافظ فورم پاران به جشن آزادي جي موقعي تي راڄا سرور سومرو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ پاڪستان زنده باد ريلي ڪڍي وئي

بقايا 29 روزاني عبرت

ڍلغاري ۽ سندس دوستن ۽ مائٽن کي ٺٽي لڳ چوهڙجنڊ پرسان فشريز آفيس سامهون ٺٽو حيدرآباد مين قومي شاهراهه تي ڏينهن ڏٺي روڪي هٿيارن جي زور تي يرغمال بڻائي ورتو هٿياربندن گاڏي ۾ سوار ڏهن ئي نوجوانن کي يرغمال بڻائي ڪاٺن هزارين روپيه روڪ رقم موبائيل فونون سونا چين ۽ ٻيو سامان ڦر ڪري آساني سان فرار ٿي ويا.واقعي بابت اطلاع ملڻ تي چوهڙجنڊ پوليس پهچي هٿياربندن جا پيرا کنيا پوليس موجب ڦر جي وارداتن ۾ ملوث ڦورن جو تعلق ڏوهاري گينگ سان آهي جن جا اڳ ۾ به گهر سانڍي سندن خلاف ڪارروايون ڪيون ويونڏينهن ڏٺي جشن آزادي جي موقعي تي ڪينجهر گهمڻ ايندڙ نوجوانن کان ٿيل ڦر جي وڏي واردات کانپوءِ سياح غير محفوظ ٿي ويا آهن جڏهن ته پوليس جي رٽ لاءِ پڻ ڪيترائي سوال پيدا ٿي ويا آهن

يوم آزادي اسان کي پنهنجي قومي ۽ آئيني ذميوارين جي تجديد جو موقعو فراهم ڪري ٿو: چيف جسٽس

سپريم ڪورٽ ۾ جشن آزادي جي شاندار تقريب منعقد ڪئي وئي ۽ پريس روم جو افتتاح ڪيو ويو

تقريب ۾ چيف جسٽس جسٽس يحيٰ خان آفريدي، معزز ججن رجسٽرار، آفيسرن، عملي ۽ سندن ٻارن شرڪت ڪئي

اعليٰ عدالت ۾ ميڊيا جي پهچ، شفافيت ۽ عوامي رابطن کي هٿي ڏيڻ لاءِ پريس روم به جو به افتتاح ڪيو ويو

اسلام آباد (اي پي پي) چيف جسٽس آف پاڪستان جسٽس يحيٰ خان آفريدي چيو آهي ته آزادي پاڻ سان گڏ قدرن جي پاسداري، حقن جي تحفظ ۽ رياستي ادارن تي شهرين جي اعتماد کي مضبوط بڻائڻ جي مستقل ذميواري آڻيندي آهي قيام پاڪستان کي ممڪن بڻائڻ واري ويزن، قربانين ۽ عزم کي خراج تحسين پيش ڪندي هن چيو ته يوم آزادي اسان کي پنهنجي قومي ۽ آئيني ذميوارين جي تجديد جو موقعو فراهم ڪري ٿو جاري پڌرائي موجب سپريم ڪورٽ آف پاڪستان ۾ 79 هين يوم آزادي جي موقعي تي جهنڊو ڦڙڪائڻ جي پروقار ۽ جامع تقريب منعقد ٿي جنهن ۾ چيف جسٽس آف پاڪستان جسٽس يحيٰ خان آفريدي، سپريم ڪورٽ جي معزز ججن رجسٽرار آفيسرن عملي ۽ سندن ٻارن شرڪت ڪئي برابري، شموليت ۽ مذهبي هم آهنگي جي آئيني عزم جي اظهار طور قومي جهنڊو گڏيل طور تي ڦڙڪايو ويو اقليتي برادري سان تعلق رکندڙ ٻارن چيف جسٽس آف پاڪستان ۽ سپريم ڪورٽ جي معزز ججن قومي جهنڊو ڦڙڪايو جڏهن ته هندو پنڊت، مسيحي پادري ۽ مسلمان عالم سڳورا به جهنڊو ڦڙڪائڻ ۾ شريڪ ٿيا. پوليس بينڊ قومي ترانو جي ڌن پيش ڪئي ۽ تقريب قومي جذبي ۽ وقار سان ڀرپور رهي. مختلف مذهبي برادرين جي شرڪت ان پيغام کي اجاگر ڪيو ته پاڪستان پنهنجي سمورن شهرين جو هڪجهڙو ملڪ آهي ۽ ملڪ جي طاقت ان جي جدت، اتحاد ۽ آئيني قدرن سان گڏيل وابستگي ۾ آهي چيف جسٽس يحيٰ خان آفريدي تقريب ۾ شريڪ ٻارن سان شفقت سان ملاقات ۽ ڳالهه ٻولهه ڪئي ۽ کين ڪورٽ روم نمبر هڪ وٺي ويو جتي ٻارن کي سپريم ڪورٽ جي عدالتي ماحول کان روشناس ڪرايو ان کانپوءِ چيف جسٽس آف پاڪستان سپريم ڪورٽ جي معزز ججن ۽ ٻارن يوم آزادي جو ڪيڪ گڏيل طور تي ڪٽيس جنهن يوم آزادي جي گڏيل خوشي ۽ قومي جذبي جي عڪاسي ڪئي چيف جسٽس يوم آزادي جي موقعي تي قوم ۽ قانوني برادري کي مبارڪون ڏنيون ۽ قيام پاڪستان لاءِ ڏنل قربانين کي خراج تحسين پيش ڪيو ٻئي پاسي سپريم ڪورٽ آف پاڪستان ۾ ميڊيا جي پهچ، شفافيت ۽ عوامي رابطن کي هٿي ڏيڻ لاءِ پريس روم به جو به افتتاح ڪيو ويو پريس روم جو افتتاح چيف جسٽس آف پاڪستان ۽ سپريم ڪورٽ جي معزز ججن جي موجودگي ۾ صدر پريس ايسوسيئيشن آف سپريم ڪورٽ عمران وسيم ۽ جنرل سيڪريٽري امانت رضا گشڪوري ڪيو پريس روم جو قيام جو مقصد عدالتي ڪارروائي ۽ اداره جاتي سرگرمين جي وقت سر ۽ مؤثر ڪوريج ۾ ڪورٽ رپورٽرز کي سهولت فراهم ڪرڻ آهي نئين سهولت ذريعي ڪورٽ رپورٽرز کي سپريم ڪورٽ ۾ مختص ۽ سازگار ورڪ اسپيس سان گڏوگڏ عدالتي معلومات تائين بهتر ۽ وقت سر رسائي ميسر ايندي پريس روم جو قيام ميڊيا جي پهچ ۽ اداره جاتي شفافيت وڌائڻ لاءِ سپريم ڪورٽ جي جاري قدمن جو حصو آهي

ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ حادثن ۽ واقعن ۾ ٻن ٻارڙن سميت 3 ڄڻا فوت

لانڍي ۾ واٽر ٽينڪر جي ٽڪر ۾ موٽرسائيڪل سوار 4 سالن جي انعم فوت ۽ 15 سالن جو عبدالرزاق زخمي ٿي پيو

گهگهر ڦاٽڪ ڪي ڪي آئل مل جي حادثي ۾ 12 سالن جي نينگري فاطما ڌي عادل فوت ٿي وئي

شاهه لطيف ٽائون ڪوهي ڳوٺ ويجهو 35 کان 40 سالن جي نامعلوم شخص جو لاش مليو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) لانڍي يونس چورنگي يونس ٽيڪسٽائل ويجهو واٽر ٽينڪر جي ٽڪر ۾ موٽرسائيڪل سوار ڇوڪري فوت ٿي وئي ۽ ڇوڪرو زخمي ٿي پيو ڇيپا ايمبولينس سروس موجب فوت ٿيل ۽ زخمي ٻنهي کي جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي. فوت ٿيل ڇوڪري جي عمر چار سال آهي ۽ سندس نالو انعم دختر جليل آهي. جڏهن ته زخمي 15 سالن جو ڇوڪرو عبدالرزاق پٽ عبدالرحمان آهي پوليس حادثي جي ذميوار واٽر ٽينڪر کي ٿاڻي تي منتقل ڪري ڇڏيو آهي بن قاسم ٿاڻي جي حد گهگهر ڦاٽڪ ڪي ڪي آئل مل جي ويجهو روڊ حادثي ۾ 12 سالن جي نينگري فاطما ڌي عادل فوت ٿي وئي آهي. شاهه لطيف ٽائون ٿاڻي جي حد ڪوهي ڳوٺ جي اقبال پاڙي جي ويجهو 35 کان 40 سالن جي نامعلوم شخص جو لاش مليو آهي ايڌي ايمبولينس جي ذريعي ٿاڻي تي ڪارروائي بعد لاش ايڌي هوم سهراب ڳوٺ سرد خاني منتقل ڪيو ويو آهي

ڪوٽڙي ۾ جشنِ آزادي قومي جوش ۽ جذبي سان شاندار نموني ملهايو ويو

ڊپٽي ڪمشنر آفيس ڄامشورو ۾ پروقار تقريب منعقد، قومي جهنڊو ڦڙڪايو ويو

اسڪول جي خاص ٻارن اشارن جي ٻولي ۾ قومي ترانو پيش ڪيو، ملي نغمن جي گونج

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) ضلعي ڄامشورو ۾ به پاڪستان جو 79هون جشن آزادي قومي جوش ۽ جذبي سان شاندار نموني ملهايو ويو ان سلسلي ۾ ڊپٽي ڪمشنر آفيس ڄامشورو ۾ هڪ پروقار تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ ڊپٽي ڪمشنر ڄامشورو غضنفر علي قادري قومي جهنڊو ڦڙڪايو جڏهن ته پوليس جي چاق و چوبند دستي قومي جهنڊي کي سلامي پيش ڪئي تقريب جي شروعات تلاوت ڪلام پاڪ سان ڪئي وئي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ٽو محمد طارق ڪاڪا تقريب ۾ شريڪ مهمانن ۽ شرڪت ڪندڙن کي پليڪار ڪيس ان موقعي تي اسڪول جي خاص ٻارن اشارن جي ٻولي ۾ قومي ترانو پيش ڪيس جڏهن ته شاگردن ۽ شاگردياڻين ملي نغمن ۽ قومي جذبي تي ٻڌل خوبصورت ٽيبلوز پيش ڪري حاضرين کان ڀرپور داد حاصل ڪئي جشن آزادي جي موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر غضنفر علي قادري ۽ ٻين آفيسرن ڊپٽي ڪمشنر آفيس جي احاطي ۾ وڻڪاري پڻ ڪئي ان کان علاوه ملڪ جي سلامتي، ترقي ۽ خوشحالي جڏهن ته پاڪ فوج جي شهيدن جي بلند درجات لاءِ خصوصي دعا پڻ گهري وئي تقريب کي خطاب ڪندي ڊپٽي ڪمشنر ڄامشورو غضنفر علي قادري چيو ته اڄ سڄي قوم پاڪستان جو 79هون جشن آزادي قومي جوش ۽ جذبي سان ملهائي رهي آهي پاڪستان اسان جي عظيم اڳواڻن ۽ لکين مسلمانن جي بي مثال قربانين جي نتيجي ۾ حاصل ٿيو جنهن جي حفاظت، ترقي ۽ خوشحالي اسان سڀني جي گڏيل ذميواري آهي هن قيام پاڪستان لاءِ قربانيون ڏيندڙ شهيدن ۽ ملڪ جي دفاع خاطر پنهنجون جانيون قربان ڪندڙ پاڪ فوج جي شهيدن کي خراج عقيدت پيش ڪيو ڊپٽي ڪمشنر شاگردن ۽ شاگردياڻين پاران پيش ڪيل ٽيبلوز کي ساراهيندي چيو ته ٻارن ۽ استادن بهترين محنت ۽ صلاحيتن جو مظاهرو ڪيو آهي، اهڙيون تقريبون نوجوان نسل ۾ حب الوطني، قومي يڪجهتي ۽ پاڪستان سان محبت جي جذبي کي وڌيڪ هٿي وٺرائين ٿيون. تقريب ۾ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون بابر خان نظاماڻي، ضلعي صحت آفيسر ڊاڪٽر پير منظور احمد، ڊي ايس پي شاهنواز جوکيو ڊپٽي ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر امير علي ڪولاچي، وومين ڊوليپمينٽ ڊپارٽمينٽ سيف هائوس جي انچارج سيده قرۃالعين شاهه سمورن تعلقن جا اسسٽنٽ ڪمشنر لوڪل گورنمينٽ، تعليم ۽ صحت کاتي جا عملدار بوائز ۽ گرلز ڪاليجز جا پرنسپال فاريسٽ، لائيو اسٽاڪ ۽ روينيو کاتي جا آفيسر ۽ ملازم، استاد، شاگرد ۽ شاگردياڻيون ۽ ٻين معزز شخصيتن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

سيوهڻ جي مختلف اسڪولن ۾ جشن آزادي جون شاندار تقريبون، ريليون

اسسٽنٽ ڪمشنر مختيار ڪار ڊي ايس پي، سي ايم او ۽ ٻين ريلين ۾ شرڪت ڪئي

تقريبن ۾ قومي گيت ٽيبلوز پيش، سب جيل جي قيدين ۾ مٺائي پڻ تقسيم ڪئي وئي

سيوهڻ(ن ع) سيوهڻ شهر ۾ 14 آگسٽ جشن آزادي جو ڏهاڙو شاندار انداز ۾ ملهايو ويو ان حوالي سان ڪالهه گورنمينٽ بوائز ۽ گرلس ڊگري ڪاليج سيوهڻ ۽ بوائز هاءِ اسڪول سيوهڻ ۽ نيشنل پريس ڪلب سيوهڻ ۾ آزادي واري ڏهاڙي جون تقريبون ۽ ريليون منعقد ڪيون ويون جنهن ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر سيوهڻ بابر علي بلوچ، مختيار ڪار سيوهڻ سيد عابد علي شاهه ڊي ايس پي سيوهڻ فراز ميتلو ميونسپل ڪاميٽي جي سي ايم او عامر علي پتو ۽ انجنيئر بشير احمد جتوئي سميت استادن ۽ شاگردن، صحافين ۽ عملدارن ڀرپور شرڪت ڪئي، تقريبن ۾ قومي گيت ٽيبلوز پيش ڪيا ويا ۽ تقريرن ذريعي ملڪ جي قائدين کي پيڻا پيش ڪئي وئي، جنهن بعد ڌمال چوڪ تائين ريلي ڪڍي وئي. جڏهن ته سيوهڻ انتظاميا سب جيل سيوهڻ پهچي قيدين ۾ مٺائي پڻ تقسيم ڪئي، ان موقعي تي تقريب کي خطاب ڪندي اي سي سيوهڻ بابر علي، فراز ميتلو عامر پتو انجنيئر بشير جتوئي، عابد علي شاهه ۽ ٻين چيو ته رب پاڪ اسان کي پاڪستان جي صورت ۾ اهڙو پيارو ملڪ ڏنو ۽ اهڙا ليڊر ڏنا جن ملڪ وجود ۾ آندو پاڪ فوج جس لهڻي جن هن ڌرتي جي سرحدن جي حفاظت ڪري دشمنن کي عبرتناڪ شڪست ڏني، سموري دنيا ڏٺو ته اسان جي پاڪ فوج دشمن ڀارت ۽ افغانستان کي منهن ٽوڙ جواب ڏنو اسان اڄوڪي ڏينهن تي عهد ڪيون ٿا ته اسان متحد آهيون ۽ هڪ قوم آهيون. اسان کي هاڻي پنهنجي خلوص نيت سان محنت ڪري هن ملڪ جو قرض ادا ڪرڻ گهرجي ۽ ملڪ کي ترقي جي راهه تي آڻڻ ۾ ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي

بقايا 30 روزاني عبرت

رڪن سارڪ ايڊووڪيٽ ميان عبدالحق جتوئي ، اعزازي مهمان سينيئر قانوندان ايڊووڪيٽ عابد علي ڪلهوڙو ، اي جي پي ضلع دادو جو صدر ايڊووڪيٽ سعيد احمد پنهور ، ايم ڊي منير لاشاري هئا جڏهن ته آزاد سنڌ مهراڻ اتحاد جي صحافين جنرل سيڪريٽري حاجي عبدالحميد ڪوسو ، سينيئر صحافي پرويز علي هالو، آزاد پريس ڪلب ميهڙ جي چيئرمين محمد علي شيخ ، صدر غلام حسين پنهور، سرپرست اعلي مجاهد علي ڳوڙ ، مخدوم ساحل مهيسر ، عبدالوحيد مهيسر ، ايڊووڪيٽ سجاد چنه ، عبدالرحمان چانڊيو ، ممتاز سولنگي ، سهيل چنه ، آزاد امتياز انقلابي سيال ، زين محمد علي شيخ ، امجد مهيسر ، انجنيئر جنيد احمد مهيسر ، جونيئر محمد بخش شيخ سميت ٻين شرڪت ڪئي ان موقعي تي شريڪ مهمانن روزاني عبرت جي رپورٽر نعمت الله مهيسر کي سنڌ جي ثقافت اجرڪ ، ٽوپي ، گلن جا هار پارايا ويا بعد ۾ روزاني عبرت جي 69 هين سالگراهه جو ڪيڪ ڪاٽيو ويو ان موقعي تي تقريب کي خطاب ڪندي عبرت کي وي نيوز سان ڳالهائيندي سيد محمد شاهه رضوي آف ميهڙ ، ايڊووڪيٽ ميان عبدالحق جتوئي ، ايڊووڪيٽ عابد علي ڪلهوڙو ، ايڊووڪيٽ سعيد احمد پنهور ، ايم ڊي منير لاشاري چيو ته روزاني عبرت سنڌ جي قديمي ۽ تاريخي اخبار آهي جنهن هميشه مظلومن ۽ محڪومن جي لاءِ پنهنجي قلم ذريعي آواز اٿاريو آهي هنن چيو ته جنهن دور ۾ صرف ريڊيو هو ان وقت عبرت اخبار پرنٽ ميڊيا ۾ عوامي ۽ انٽرنيشنل مسئلن کي تمام گهڻو هاءِ لائيٽ ڪيو اهو سڄو ڪريڊٽ قاضي عبدالمجيد عابد کي ڏجي ٿو جنهن عبرت جو بنياد وڌو ۽ ان تسلسل کي سندس فرزند قاضي اسد عابد برقرار رکندو اچي ٿو اسان عبرت جي 69 هين سالگراهه تقريب تي عبرت جي سموري سٽ ۽ ميهڙ جي رپورٽر کي خراج پيش ڪيون ٿا

بقايا 31 روزاني عبرت

راجپوت ڊائريڪٽر سمس اسپتال بشير احمد جمالي. انجمن تحفظ تاجران صدر حاجي دستگير قريشي ايس ايڇ او شهدادپور بدر برڙو سي ايم او شهدادپور نظير ڏاهيو سميت ٻين شرڪت ان موقعي تي مقررين خطاب ڪندي چيو ته ملڪي آزادي لاءِ اسان کي پنهنجي حصي جو ڪم ڪرڻو پوندو هن چيو ته پاڪستان اسان کي وڏي قربانين کانپوءِ مليو آهي اسان کي پنهنجي ملڪ کي ترقي وٺرائڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻيون پونديون هوڏانهن اسڪولن ۾ ٽيبلوز خاڪا پيش ڪيا ويا ۽ ڪيڪ ڪاٽيو ويو ان موقعي تي جيل تي پڻ قيدين ۾ مٺائي ورهائي وئي

بقايا 32 روزاني عبرت

صابر خان جکراڻي ضلعي اطلاعات سيڪريٽري جهانگير احمد ڪوسه سٽي جي صدر شوڪت علي گهنيس هاري ڪاميٽي جي ديدار علي جکراڻي سجاد احمد مستوئي، سياف جي صدر بابر ڦهيم، چنگيز ڪوسه يوٿ ونگ جي جاويد بروهي، ڪامران خان پيچوهو نثار آوڌو ڊاڪٽر نور خان کاراڻي، عامر خان ڪوڪر سميت سوين ماڻهن شريڪ ٿيا ريلي ۾ شريڪ ماڻهن جي هٿن ۾ پاڪستان ۽ پي پي پي جا جهنڊا هئا، ريلي شهر جي مختلف رستن تان ٿيندي ڊي سي چوڪ تي پهچي هڪ وڏي جلسي جي صورت اختيار ڪري وئي جنهن ۾ شريڪ ماڻهون پاڪستان زنده باد جهڙا نعرا هڻندا رهيا. ان موقعي تي ڪونايل جلسي کي مير رافع حسين جکراڻي خطاب ڪندي چيو ته 14 آگسٽ جشن آزادي جي ڏهاڙي تي سموري قوم کي دل جي گهرائين سان مبارڪباد پيش ڪيان ٿو پاڪستان جي آزادي سميت جمهوريت جي بحالي لاءِ لازوال جدوجهد ڪندڙ قائد اعظم محمد علي جناح، شهيد ذوالفقار علي ڀٽو شهيد بينظير ڀٽو سميت سڀني بزرگن جي خدمتن کي خراج عقيدت پيش ڪيان ٿو هن چيو ته تاريخي قربانين ۽ انٿڪ محنت جي بدولت پاڪستان جي آزادي نصيب ٿي آهي جيڪا پاڪستاني قوم لاءِ ڪنهن نعمت کان گهٽ ڪانه آهي هن چيو ته آئون هن عظيم ڏينهن جي موقعي تي پاڪ فوج جي شهيد جوانن کي به سرخ سلام پيش ڪيان ٿو جنهن هميشه پنهنجي جانين جا نذرانا ڏئي ملڪ جي سرحدن جي حفاظت ڪئي آهي، هن چيو ته اسان جو تعلق ڪهڙي به تنظيم سان تعلق هجي پر اسان جو ملڪ هڪ پاڪستان آهي جنهن جي ترقي، خوشحالي ۽ مضبوطي لاءِ هميشه ڪردار ادا ڪندا رهنداسين جڏهن ته ان کان اڳ پاڪستان جي آزادي جو ڪيڪ ڪاٽي هڪٻئي کي مبارڪون ڏنيون ويون

بقايا 33 روزاني عبرت

آهن پوليس پهرين وارادت ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري انهن مان هڪ جوابدار کي هاف فرائي ڪري ڇڏيو جڏهن ته پنج جوابدارن سان ڏيتي ليتي ڪري کين آزاد ڪري ڇڏيو جڏهن ته ڏوهارين وٽان برآمد ٿيل ڏيڍ لک رپيا روڪ ۽ ٽي موبائل فون ايس ايڇ او هالا هڙپ ڪري ويهي رهيو آهي. جڏهن ته منهنجي دڪان تان ٿيل ٻن وارداتن ۾ پوليس ڪوبه سهڪار نه ڪري رهي آهي هن چيو ته ايس ايڇ او هالا اياز ٻگهيو جي خلاف ايس ايس پي مٽياري وٽ دانهن کانپوءِ ايس ايڇ او هالا ڪوڙا ڪيس داخل ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي هن چيو ته ڏوهاري اسان کي ٽارگيٽ ڪري ڦري رهيا آهن جڏهن ته ايس ايڇ او هالا ڏوهارين کي گرفتار ڪرڻ بدران سندن ساٿاري بڻيل آهي هن آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي حيدرآباد، ايس ايس پي مٽياري ۽ ٻين اعلي اختيارين کان پرزور مطالبو ڪيو آهي ته ڏوهارين جي ساٿاري ايس ايڇ او هالا اياز احمد ٻگهيو کي فوري طور تي معطل ڪري سندس ڦر ٿيل روڪ رقم موٽر سائيڪل ۽ موبائل فون برآمد ڪري ڏنا وڃن

بقايا 34 روزاني عبرت

ملڪ جيان ٽائون ڪاميٽي دولت پور انتظاميه پاران ڏهاڙو جوش جذبي سان ملهايو ويو ان موقعي تي پاڪستان جي ڪائيم مطابق 7/55 تي پاڪستان جو جهنڊو ڦڙڪايو ويو قومي ترانو ٻڌڻ بعد پنهنجي ملڪ پاڪستان جي امن ترقي خوشحالي ۽ ڪاميابي لاءِ خصوصي دعائون گهريون ويون ان موقعي تي ٽائون ڪاميٽي دولت پور صفن جي چيئرمين حشمت داد خانزاده ٽائون آفيسر اياز حسين رند سينئر ڪلارڪ محمد حسن ڏاهري وائيس چيئرمين غلام حسين لانگاهه جنرل ڪائونسلر حاجي اصغر عباسي حاجي روشن سومرو حاجي نواب خان انڙ نيشنل پريس ڪلب دولت پور جي صحافين محمد عثمان عباسي جي ايم جوڻيجو ٽائون ڪاميٽي جي اسٽاف سميت دولت پور جي شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي پاڪستان جي آزاديءَ واري خوشيءَ جي ڏينهن مٺائي جي ورهائي وئي جڏهن ته ٽائون ڪاميٽي پاران هر دفعي جيان هن دفعي به دولت پور جي مختلف پريس ڪلب اسڪول ڪاليج اسپتال پوليس ٿاڻي سميت شهرين ۾ ب مٺائي ورهائي وئي جڏهن ته انتظاميا پاران دولت پور جي مين روڊ جي بهترين صفائي بعد سيڙهي هاري وئي ٽائون ڪاميٽي آفيس کي پاڪستان جي جهنڊن سان سينگاريو ويو ٽائون ڪاميٽي چيئرمين حشمت داد خانزاده صحافين سان ڳالهائيندي دولت پور صفن جي شهرين ۽ پاڪستاني قوم کي جشن آزادي جون مبارڪون پيش ڪيون ۽ چيو ته ٽاؤن ڪاميٽي دولت پور پاران دولت پور شهر ۾ زبردست ترقياتي ڪم ٿيا آهن دولت پور جي ڪجهه وارڊن ۾ڪم جاري آهي ۽ رهيل وارڊن ۾ جلد ترقياتي ڪمن جو چار رچايو ويندو

بقايا 35 روزاني عبرت

۾ 14 آگسٽ جشنِ آزادي جي حوالي وائيس چانسلر لمس پروفيسر ڊاڪٽر اڪرام الدين اڄڻ جي حڪم تي ڊي ايڇ ڪيو اسپتال دادو ۾ پروقار تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن دوران اسپتال ۾ ريلي ڪڍي وئي ۽ مريضن ۾ مٺائي ۽ تحفا ورهايا ويا. تقريب ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر دادو سميع الله رڳڙ، ڊي ايس پي اڪبر چنا، ايس ايڇ او اي سيڪشن اعجاز مسڻ ڊاڪٽرن پيراميڊيڪل اسٽاف ۽ اسپتال جي عملي شرڪت ڪئي ان موقعي تي ڊائلاسز يونٽ ۾ داخل مريضه ناهيد اختر کان جشن آزادي جو ڪيڪ ڪترايو ويو جڏهن ته مختلف وارڊن ۾ به جشن آزادي جون تقريبون منعقد ڪري ڪيڪ ڪاٽيا ويا ميڊيڪل وارڊ جي انچارج ليڊي ڊاڪٽر فهميده جمالي، ايمرجنسي وارڊ ۽ ٻين وارڊن ۾ ڊاڪٽرن ۽ عملي پاران جشنِ آزادي جون تقريبون منعقد ڪيون ويون تقريب کي خطاب ڪندي ڊي ايڇ ڪيو اسپتال جي ايم ايس ڊاڪٽر امجد مستوئي چيو ته 14 آگسٽ رڳو آزادي جو ڏينهن نه پر پاڪستاني قوم لاءِ عيد جو ڏينهن پڻ آهي هن چيو ته پاڪستان ۽ پاڪ فوج تي قوم کي فخر آهي ڊاڪٽر امجد مستوئي چيو ته پاڪستاني فوج فيلڊ مارشل جنرل عاصم منير جي قيادت ۾ ملڪ جي دفاع لاءِ شاندار ڪردار ادا ڪيو ۽ ڀارت کي اهڙو سبق سيکاريو جنهن کي مودي سميت دنيا ياد رکندي جشنِ آزادي جي خوشي ۾ اسپتال ۾ داخل مريضن ۾ مٺائي ۽ تحفا پڻ ورهايا ويا، جڏهن ته ملڪ جي سلامتي، خوشحالي ۽ پاڪ فوج جي ڪاميابي لاءِ دعائون گهريون ويون تقريب جي پڄاڻي تي شرڪت ڪندڙن پاران پاڪستان، ملڪي سلامتي ۽ پاڪ فوج جي حمايت ۾ نعريبازي ڪئي وئي

بقايا 36 روزاني عبرت

مشڪوڪ شخص ماڻهن مٿان گاڏي چاڙهڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ فائرنگ پڻ ڪئي جنهن سبب هڪ نوجوان پڻ زخمي ٿي پيو آهي جڏهن ته زخمي نوجوان مطابق جنهن ڪار جي ڪيو پوليس هٿي ان مٿان فائرنگ پئي ڪئي ۽ ڪار ڊرائيور پڻ فائرنگ ڪري رهيو هو اها ڪار ڳوٺ صديق ڪلوڙ جي رهواسي ٻاٿر وڏيرڙي حسام ڪلوڙ جي بنگلي تان واپس ٿي ۽ موبڪي پاسو هڻي زخمي ڪري جروار طرف روانو ٿي وئي جنهن کي حيات پتافي پرسان پوليس تحويل ۾ ورتو جڏهن ته پوليس ڪار سوار کي حراست ۾ وٺي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي ٻئي پاسي مليل ڄاڻ موجب ٻاٿر وڏيري جي مداخلت بعد ميرپور ماٿيلو پوليس پاران گرفتار ڪيل مظهر مهر کي ڏيتي ليتيءَ ذريعي آزاد ڪري ڇڏيو ياد رهي ته ٽي ڏينهن اڳ پڻ گهٽيا گهر پرسان هڪ هوٽل تان ٽن ڏوهارين کي ميرپور ماٿيلو پوليس گرفتار ڪري ٿاڻي تي کڻي وئي هئي جن جي گرفتاري پڻ ڪٿي ڪان ظاهر نه ڪئي وئي آهي چئو بول آهن ته ڏيتي ليتيءَ ذريعي آزاد ڪيو ويو هيو

بقايا 37 روزاني عبرت

ڪالڃ جون تقريبون شامل هيون مرڪزي تقريب ٽائون ڪميٽي ڏگهڙي جي لان ۾ منعقد ٿي جتي ٽائون ڪميٽي ڏگهڙي جي چيئرمين ڊاڪٽر مير ذوالفقار علي خان ٽالپر وائيس چيئرمين بابو محمد حنيف آرائين ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر ڏگهڙي اختر علي لاشاري قومي جهنڊو ڦڙڪايو ان موقعي تي ڏگهڙي پوليس جي چاق و چوبند دستي قومي جهنڊي کي سلامي پيش ڪئي.تقريب کي خطاب ڪندي چيئرمين ڊاڪٽر مير ذوالفقار علي خان ٽالپر ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر ڏگهڙي اختر علي لاشاري چيو ته پاڪستان اسان جي بزرگن جي لازوال قربانين جو نتيجو آهي ملڪ جي ترقي، خوشحالي ۽ استحڪام لاءِ اسان سڀني کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو تقريب جي پڄاڻي تي پاڪستان جي سالگرهه جو ڪيڪ پڻ ڪاٽيو ويوتقريب ۾ مختلف شعبن سان واسطو رکندڙ شخصيتن، ٽائون ڪميٽي جي ڪائونسلرن، استادن، صحافين ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي بعد ۾ ٽائون ڪميٽي جي چيئرمين اسسٽنٽ ڪمشنر ۽ ٻين اڳواڻن تعلقه اسپتال ڏگهڙي جو دورو ڪيو جتي علاج هيٺ مريضن ۾ ميوا ۽ مٺايون ورهايون ويون ان موقعي تي ڏگهڙي جي مرڪزي محمدي چوڪ جي تزئين ۽ آرائش جو ڪم مڪمل ٿيڻ بعد ان جو افتتاح پڻ ڪيو ويو.ٻئي طرف مختلف سياسي، سماجي ۽ مذهبي تنظيمن اسڪولن ۽ اين جي اوز پاران جشنِ آزادي جي سلسلي ۾ ريليون ڪڍيون ويون ريليون شهر جي مختلف شاهراهن تان ٿينديون ڏگهڙي پريس ڪلب پهتيون جتي تنظيمن جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن جشنِ آزادي جي حوالي سان تقريرون ڪيون ان موقعي تي شرڪت ڪندڙن پاڪستان زنده باد، قائداعظم محمد علي جناح زنده باد جا فلڪ شگاف نعرا هنيا ۽ پاڪ فوج جي حق ۾ پڻ ڀرپور نعريبازي ڪئي جشنِ آزادي جي خوشي ۾ مختلف هنڌن تي ڪيڪ پڻ ڪاٽيا ويا، جڏهن ته سڄو شهر سبز هلالي پرچمن ۽ قومي ترانن سان جشنِ آزادي جي رنگ ۾ رڱجي ويو

ڪراچي ۾ يوم آزادي جي جشن دوران هوائي فائرنگ 2 ڄڻا فوت، 92 ماڻهو زخمي

مختلف علائقن اڻڄاتل طرف کان آيل گولين جو نشانو بڻجندڙ زخمين کي اسپتالن ڏانهن منتقل ڪيو ويو

پاپوش نگر جي صرافه بازار ۾ اڻڄاتل طرف کان آيل گولي لڳڻ سبب 32 ورهين جي ندا فوت ٿي وئي

سبزي منڊي پرسان به هوائي فائرنگ دوران گهر ٻاهران بيٺل 42 ورهين جو محراب فوت ٿي ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ يوم آزادي جو جشن ملهائڻ دوران شهر جي مختلف علائقن ۾ هوائي فائرنگ جا واقعا پيش آيا، جن جي نتيجي ۾ عورت سميت 2 ڄڻا فوت ۽ 92 ماڻهو زخمي ٿي پيا. پوليس پاران هوائي فائرنگ ڪندڙن خلاف سخت قانوني ڪارروائي جي دعوائن باوجود رات 12 وڳي جيئن ئي آزاديءَ جي جشن جو آغاز ٿيو شهر جي مختلف علائقن ۾ فائرنگ جا آواز گونجڻ لڳا. اڻڄاتل طرف

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

باڊهه: زهري هائوس تي جشن آزادي جو ڪيڪ ڪاٽيو پيو وڃي اسڪول ۾ ٿيل تقريب جو ڏيک

خيرپور ۾ جشن آزادي جي تقريب منعقد ڪري قومي جهنڊو ڦڙڪائي سلامي ڏني وئي

تقريب ۾ ڊي سي، ايس ايس پي ۽ ٻين کاتن جي آفيسرن، استادن، شاگردن ۽ شهرين شرڪت ڪئي

ناز هاءِ اسڪول جي شاگردن جشنِ آزادي جي مناسبت ٽيبلوز، ملي نغما ۽ تقريرون پيش ڪيون

خيرپور(ڊر) جشنِ آزادي جي حوالي سان خيرپور جي ناز هاءِ اسڪول ۾ ضلعي سطح جي مک تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ ڊپٽي ڪمشنر خيرپور، ايس ايس پي خيرپور ۽ ٻين اهم سرڪاري آفيسرن، استادن، شاگردن ۽ شهرين شرڪت ڪئي تقريب جي شروعات قومي جهنڊي

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

ٺٽون ڳوٺ ويجهو لاڪير برادري جي جهيڙي ۾ زخمي ٿيل اڌڙوٽ اسپتال ۾ فوت، گهر ۾ ڪهرام

وٽ عدر لاڪير ۾ 4 ڏينهن اڳ ڪتن جي ويڙهه تان جهيڙي دوران لقمان لاڪير سخت زخمي ٿي پيو

زخمي لقمان لاڪير حيدرآباد سول اسپتال ۾ زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو، گهر ۾ ڪهرام

ٺٽون ڳوٺ (ن ع)ٺٽون ڳوٺ ويجهو شاهينجو ٿاڻي جي حد ڳوٺ عدر لاڪير ۾ 4 ڏينهن اڳ ڪتن جي ويڙهه سبب معمولي ڳالهه تان لاڪير برادري جي ٻن ڌرين ۾ ٿيل جهيڙي دوران ڏنڊا لڳڻ سبب زخمي ٿيل اڌڙوٽ شخص لقمان لاڪير حيدرآباد سول اسپتال ۾ زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو محمد خان ۾ روزاني عبرت جي 68 هين سالگرهه جو ڪيڪ ڪاٽيو ويو

بخاري هائوس تي سيد اعجاز شاهه بخاري، صلاح شاهه ۽ ٻين ڪيڪ ڪاٽيو

عبرت اخبار سنڌ جي مسئلن کي بهترين انداز سان اجاگر ڪيو آهي: اعجاز حسين شاهه بخاري

ٽنڊو محمد خان(ن ع) ذوالفقار چانڊيو۾ ٽنڊو محمد خان ۾ بخاري هائوس تي روزاني عبرت جي 68 هين سالگرهه جو ڪيڪ پ پ جي ايم پي اي سيد اعجاز حسين شاهه بخاري، پيپلز يوٿ ضلعي ٽنڊو

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

ڪراچي ۾ گهرو جهيڙي دوران مڙس پنهنجي زال کي قتل ڪري ڇڏيو

ڊاڪس سلطان آباد ۾ جوابدار مڙس شوڪت پنهنجي زال زرين بيبي تي فائرنگ ڪئي

مقتولا جو لاش کي ايمبولينس ذريعي سول اسپتال منتقل ڪيو ويو، واقعي جي جاچ شروع

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گهر ۾ مڙس گهريلو جهيڙي دوران مبينا فائرنگ ڪري پنهنجي زال کي گولي هڻي قتل ڪري ڇڏيو ڊاڪس ٿاڻي جي حد ۾ سلطان آباد ايم ٽي خان روڊ تي خانگي اسڪول جي ويجهو گهر

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

ڏگهڙي پوليس پاران جوابدار گرفتار ڪري وڏي مقدار ۾ منشيات هٿ ڪرڻ جي دعويٰ

ڏگهڙي(ن ع) ڏگهڙي پوليس جي ڪامياب ڪارروائي هڪ جوابدار گرفتار وڏي مقدار ۾ گٽڪو هٿيار ۽ گاڏي هٿ ڊي آءِ بي ٽيم جي ڳجهي اطلاع تي ڏگهڙي پوليس

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ مختلف قومپرست جماعتن سان لاڳاپيل 40 کان وڌيڪ ڪارڪن قومي ڌارا ۾ شامل

خيرپور(ڊر) خيرپور ۾ پاڪستان جي 79هين جشنِ آزادي جي موقعي تي ضلعي ڪائونسل خيرپور جي هال ۾ تقريب منعقد ڪئي وئي تقريب دوران مختلف قومپرست

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

خيرپورشهيد ذوالفقار علي ڀٽو ڪيمپس ۾ پاڪستان جو 79 هون ڏهاڙو جوش، جذبي ۽ حب الوطني سان ملهايو ويو

خيرپور(ڊر)خيرپور ميرس مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ڪيمپس ۾ پاڪستان جو 79هون

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

راضيديرو پرسان ريڙي جي ڪچي ۾ جشن آزادي جي مناسبت سان ملاڪڙو منعقد ڪيو ويو

راضيديرو(ن ع) راضيديرو پرسان ريڙي جي ڪچي ۾ پاڪستان جي 79 سالن جي

ڪنڊو جاهر: جشن آزادي جي موقعي تي تقريب ۾ ڪيڪ ڪاٽيو پيو وڃي

ٺٽي ضلعي ۾ به جشنِ آزادي جو ڏهاڙو قومي جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويو، مختلف تنظيمن پاران تقريبون

مڪلي پوليس لائين ۾ ڊي سي سرمد علي ڀاڳت ۽ ايس ايس پي ساجد امير سدوزئي قومي جهنڊو ڦڙڪائي تقريبن جو افتتاح ڪيو

ضلعي ڪائونسل، سنڌ يونيورسٽي ڪيمپس، پناهه يوٿ آرگنائيزيشن ۽ ٻين تنظيمن پاران تقريبون ڪرائي آزادي جو ڏهاڙو ملهايو

ٺٽو (ڊ ر) پوري ملڪ جيان ٺٽي ضلعي ۾ به جشنِ آزادي جو ڏهاڙو قومي جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويو مڪلي پوليس لائين ۾ جشنِ آزادي جي مرڪزي تقريب منعقد ڪئي وئي جتي ڊي سي ٺٽو سرمد علي ڀاڳت ۽ ايس ايس پي ٺٽو ساجد امير سدوزئي قومي جهنڊو ڦڙڪائي تقريبن جو افتتاح ڪيو ان موقعي تي قومي نغما پڻ پيش ڪيا ويا.جشنِ آزادي جي سلسلي ۾ ضلعي ڪائونسل ٺٽو پاران پڻ تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ ضلعي

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

ڪوئيٽا: جشن آزادي جي ڏهاڙي تي نڪتل موٽرسائيڪل ريلي جو ڏيک

ميهڙ ۾ روزاني عبرت اخبار جي 69 هين سالگرهه تقريب منعقد، ڪيڪ ڪاٽيو ويو

تقريب ۾ سيد محمد شاهه رضوي، ايڊووڪيٽ ميان عبدالحق ۽ ٻين شرڪت ڪئي

روزاني عبرت هميشه مظلومن ۽ محڪومن جي لاءِ پنهنجي قلم ذريعي آواز اٿاريو آهي: مقرر

ميهڙ(ن ع) روزاني عبرت اخبار حيدرآباد جي 69 هين سالگرهه تقريب دعا ريسٽورينٽ ميهڙ ۾ روزاني عبرت ميهڙ جي رپورٽر نعمت الله مهيسر پاران ملهائي وئي تقريب جي صدارت سيد محمد شاهه رضوي آف ميهڙ ڪئي جڏهن ته باني صدر دادو سمال ٽريڊرس اينڊ سمال انڊسٽريز

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

شهدادپور ۾ جشن آزادي جو ڏهاڙو جوش جذبي سان ملهايو ويو

چيئرمين، اي سي ۽ ٻين عملدار قومي جهنڊو ڦڙڪائي سلامي ڏني

پاڪستان اسان کي وڏي قربانين کانپوءِ مليو آهي: علي ٿهيم

شهدادپور (ن ع) جشن آزادي جي موقعي تي شهدادپور ميونسپل ڪميٽي سمس اسپتال پرائمري سنڌي اسڪول ۾ شاندار پروگرام رکيا ويا جنهن ۾ چيئرمين ميونسپل ڪميٽي علي ٿهيم اسسٽنٽ ڪمشنر شهدادپور قمرالدين راهوجو وائيس چيئرمين لقمان راجپوت سٽي صدر عثمان

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد ۾ مير رافع حسين جکراڻي جي اڳواڻي ۾ پاڪستان زنده باد ريلي

ريلي ۾ ميونسپل، ٽائون چيئرمينن، پ پ اڳواڻن ۽ ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

جمهوريت بحالي لاءِ جدوجهد ڪندڙ سينئر بزرگن جي خدمتن کي خراج عقيدت پيش ڪيان ٿو: مير رافع

جيڪب آباد (ڊ ر) جيڪب آباد ۾ 14 آگسٽ جشن آزادي جي موقعي تي ايم اين اي جيڪب آباد جي فوڪل پرسن مير رافع حسين جکراڻي جي اڳواڻي ۾ ايم اين اي هائوس کان پاڪستان زنده باد ريلي ڪڍي وئي جنهن ۾ ميونسپل ڪاميٽي جي چيئرمين مير غلام عباس جکراڻي، ٽائون ڪاميٽي ميرپور برڙو جي چيئرمين سردار صدام حسين برڙو، پي پي پي اڳواڻ مير

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

هالا ۾ ڪڏز ٽرانسپورٽر جو بدامني خلاف پريس ڪلب آڏو احتجاج، انصاف جو مطالبو

گذريل ٻن مهينن ۾ مون کان ٽن ڦر جي وارداتن دوران لکين رپيا ڦريا ويا آهن: شاهنواز ميمڻ

ايس ايڇ او هالا جي ڏانهن ايس ايس پي ڏنر ته ڪوڙا ڪيس داخل ڪرڻ جون ڌمڪيون پيو ڏئي

هالا (ن ع) هالا ۾ ڪڏز ٽرانسپورٽ ڪمپني جو ڪاروبار ڪندڙ کان هڪ مهيني ۾ ڦر جون ٽي وارداتون. متاثر ايس ايڇ او هالا جي خلاف ڏانهن ڪٿي پريس ڪلب تي پهچي ويو. متاثر شاهنواز ميمڻ هالا پريس ڪلب تي پهچي ڏانهيندي چيو ته ٻن مهينن ۾ مون کان ٽي ڦر جون وارداتون ٿي چڪيون

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

ميرپور ماٿيلو ۾ ماڻهن تي فائرنگ ڪندڙ جوابدار کي اهلڪار گرفتار ڪري ورتو ڏيتي ليتي بعد آزاد

ميرپور ماٿيلو (ن ع) ميرپورماٿيلو ۾ ايگل پوليس اهلڪارن گذريل ڏينهن مڙسي ڪري مشڪوڪ ڪار سوار کي هٿيڪو ڪري ورتو پوليس جي ابتدائي رپورٽ موجب

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ۾ جشنِ آزادي جون تقريبون، مريضن ۾ مٺائي ۽ تحفا ورهايا ويا

دادو(ڊ ر) ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ۾ جشنِ آزادي جون تقريبون، مريضن ۾ مٺائي ۽ تحفا ورهايا ويا ڊي ايڇ ڪيو اسپتال دادو

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

دولت پور ۾ جشن آزادي پاڪستان جو ڏهاڙو جوش جذبي سان ملهايو ويو

دولت پور(ن ع) جشن آزادي پاڪستان جي 79 هين خوشيءَ جي موقعي تي سڄي

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

Destiny
منزل
Moving Towards ...perous P...

ملتان: جشن آزادي جي موقعي تي ٻارڙا مختلف ثقافتي ويس پهري ٽيبلو پيش ڪري رهيا آهن

خيرپور لڳ ڪار جي ٽڪر ۾ زخمي ٿيل اهلڪار اسپتال ۾ زخمن جا سور نه سهندي فوت

ڪار جي ٽڪر ۾ زخمي ٿيل پوليس اهلڪار بخت علي ڪورڪاڻي ڪراچي اسپتال ۾ دم ڌڻي حوالي ڪيو

اهلڪار جي آخري رسمن ۾ ايس ايس پي امير سعود مگسي ۽ ٻين عملدارن شرڪت ڪئي

خيرپور(ڊر) پريالوءِ ٿاڻي جي گشت دوران ڪار جي ٽڪر ۾ زخمي ٿيل پوليس اهلڪار بخت علي ڪورڪاڻي زخمن جا سور نه سهندي ڪراچي جي آغا خان اسپتال ۾ شهيد ٿي ويو ،شهيد ٿيل پوليس اهلڪار جو مڙهه ڪراچي کان سندس اباڻي ڳوٺ حاجي نهيال خان بلوچ پهچايو ويو ، ديوٽي

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

ميرپور ماٿيلو ويجهو ڪنڊيرشاخ کي 30 فوٽ جو گهارو، سوين ايڪڙ فصل پاڻي هيٺ

رهواسين پاران آبپاشي عملدارن کي بروقت اطلاع باوجود عملو گهاري واري هنڌ نه پهتو

فوري طور تي ٽرنس وٺي گهارو بند ڪرائي پاڻي جي نيڪال ۽ نقصان جو ازالو ڪيو وڃي: متاثرين

ميرپور ماٿيلو (ن ع) آبپاشي کاتي گهوٽڪي ضلعي جي نااهلي سبب گهوٽڪي ضلعي جي واهن ۽ شاخن کي

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

عمرڪوٽ مان دڪان تان ڦر ڪندڙ ٻه ڌاڙيل ڪراچي ۾ مقابلي بعد مارجي ويا

ڪجهه ڏينهن اڳ پرشوتم لوهاڻو جي دڪان تان هٿياربند لکين رپيا ڦري فرار ٿيا هئا

ڌاڙيل ادريس ۽ شهاب ڪراچي جي ضلعي ڪياماڙي ۾ پوليس مقابلي دوران مارجي ويا آهن: پوليس

عمرڪوٽ (ڊ ، ر) ڪجهه ڏينهن اڳ عمرڪوٽ جي مرڪزي ڦر بازار ۾ پرشوتم لوهاڻو جي مصطفيٰ ميڊيڪل اسٽور تي هٿياربند ڌاڙي جي واردات ٿي هئي جنهن ۾ ٻن هٿياربندن مبينا طور لکين رپيا روڪ رقم ڦري فرار ٿي ويا هئا، واقعي کانپوءِ اسٽور انتظاميه ۽ پوليس پاران فراهم ڪيل

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

پشاور: هڪ شخص قومي جهنڊن سان سينگاريل موٽرسائيڪل تي ٻارڙن کي کڻي وڃي رهيو

گمبٽ ويجهو ڪلهوڙا برادريءَ جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، 10 ڄڻا زخمي

پلاٽ جي مالڪي تان ڌرين هڪ ٻئي تي لٺين ۽ ڪهاڙين وسايون

زخمي ميهرموسا ،لعل بخش، اخلاق، مشتاق ۽ ٻين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو

گمبٽ (ن.ر) گمبٽ پرسان صادق ڪلهوڙو ٿاڻي جي حد ۾ ڪلهوڙا برادريءَ جي محمد مٺل ۽ بشير ڪلهوڙو جي ٻن ڌرين وچ ۾ پلاٽ جي مالڪي تان جهيڙو ٿي پيو جهيڙي دوران لٺيون ۽ ڪهاڙيون لڳڻ سبب ميهرموسا ،لعل بخش، اخلاق، مشتاق جڏهن ته وحيد، نادر، فرمان، زمان ۽ راشد

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

اسان خوشقسمت قوم آهيون، جو اسان وٽ پنهنجو آزاد وطن آهي: بنگل خان مهر

ملڪ جي ترقي لاءِ هر شهري کي پنهنجي ذميواري ايمانداري سان ادا ڪرڻ گهرجي

14آگسٽ ملهائڻ جو مقصد نئين نسل کي آزادي جي اهميت کان آگاهه ڪرڻ پڻ آهي

ميرپور ماٿيلو (ن ع) جشن آزادي جي موقعي تي ڊي سي ڪمپليڪس ميرپور ماٿيلو ۾ هڪ پروقار ۽ رنگا رنگ تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ چيئرمين ضلع ڪائونسل گهوٽڪي بنگل خان مهر، ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي منظور احمد، ايس ايس پي محمد انور کيتران مختلف کاتن جي

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد ويجهو جشن آزادي ڏهاڙي حوالي سان پاڪستان پيپلز پارٽي پاران موٽرسائيڪل ريلي

راول هائوس راهوڪي کان راول شرجيل انعام ميمڻ جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي

ريلي جو مقصد نوجوانن ۾ حب الوطني ۽ پاڪستان سان محبت جي جذبي کي وڌيڪ هٿي وٺرائڻ آهي: راول شرجيل

14 آگسٽ اسان لاءِ رڳو جشن جو ڏينهن نه، پر انهن لکين ماڻهن جي قربانين کي ياد ڪرڻ جو ڏينهن پڻ آهي

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) سينيئر صوبائي وزير اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ شرجيل انعام ميمڻ جي خاص هدايتن تي يوم آزاديءَ جي موقعي تي راول هائوس راهوڪي کان موٽر سائيڪل ريلي ڪڍي وئي، جنهن جي اڳواڻي پاڪستان پيپلز پارٽي جي نوجوان اڳواڻ راول شرجيل ميمڻ ڪئي ريلي ۾ سوين موٽر سائيڪل سوار نوجوانن، پارٽي ڪارڪنن ۽ معزز شهرين شرڪت ڪري پاڪستان سان پنهنجي والهاڻي محبت ۽ حب الوطنيءَ جو ڀرپور

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

ملي ويجهو تيز رفتار ٻن موٽرسائيڪل ۾ ٽڪر، ملڪاڻي واسي چار ڄڻا فوت، هڪ زخمي

ٽنڊو ڪوٽ روڊ تي پيش آيل حادثي ۾ مهراڻ لغاري، شعبان لغاري، شڪر ڪولهي ۽ هڪ نامعلوم موقعي تي دم ڏنو

حادثي ۾ زخمي ۽ لاشن کي سول اسپتال منتقل ڪيو ويو، فوتين جو تعلق ملڪاڻي شريف سان ٻڌايو پيو وڃي

ملي (ڊ-ر) ملي ٽنڊو ڪوٽ روڊ تي حادثو ٻن موٽر سائيڪلن ۾ ٽڪر ملڪاڻي واسي پنج ماڻهو روڊ تي پيل جن مان چار ڄڻا مهراڻ لغاري شعبان لغاري شڪر ڪولهي ۽ هڪ نامعلوم شخص موقعي تي فوت ٿي ويا هڪ ڄڻو سخت زخمي سول اسپتال ملي منتقل سڀني جو تعلق ملڪاڻي شريف سان آهي

ڏگهڙي ۾ پاڪستان جو 79 هون جشنِ آزادي قومي جوش، جذبي سان ملهايو ويو

سرڪاري ۽ خانگي ادارن، اسڪولن ۽ سماجي تنظيمن پاران تقريبون منعقد ڪيون ويون

مک تقريب ۾ چيئرمين ڊاڪٽر مير ذوالفقار علي خان ٽالپر ۽ ٻين عملدار قومي جهنڊو ڦڙڪايو

ڏگهڙي (ن ع) ڏگهڙي ۾ پاڪستان جو 79 هون جشنِ آزادي قومي جوش، جذبي ۽ حب الوطني سان ملهايو ويو. ان موقعي تي شهر جي مختلف سرڪاري ۽ خانگي ادارن، اسڪولن ۽ سماجي تنظيمن پاران رنگارنگ تقريبون منعقد ڪيون ويون جن ۾ قومي جهنڊو چاڙهڻ، ريليون، تقريرون ۽ ڪيڪ

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

پشاور: سک برادري جا ماڻهو پنهنجي ٻارڙن سان گڏجي جشن آزادي جو ڪيڪ ڪاٽي رهيا آهن

ٺٽي ويجهو ڪينجهر گهمڻ ايندڙ نوجوانن کان هٿياربندن جي ڦرلٽ

ٽنڊوالهيار واسي نوجوانن جي گاڏي روڪي هٿياربندن ڦرلٽ ڪئي

ٺٽو(ڊ ر) ٽن موٽر سائيڪلن تي سوار 9 هٿياربندن ٽنڊوالهيار کان پنهنجي گاڏي ۾ ڪينجهر گهمڻ لاءِ ويندڙ دوست علي

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

منشيات جي عادي ۽ نفسياتي صدمي کان متاثر ماڻهن جي بحاليءَ قومي ذميواري آهي: مراد علي شاهه

کين تعليم، مهارتون ۽ موقعا فراهم ڪيا ويندا جيئن اهي معاشري جا معزز ميمبر بڻجي سگهن

وڏي وزير آس فائونڊيشن پاران منعقد ڪيل يوم آزادي جي تقريب ۾ شرڪت ڪري قومي جهنڊو ڦڙڪايو

تقريب ۾ حب الوطني، سماجي شموليت ۽ انسانيت جي خدمت جي قدرن کي اجاگر ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽ : مجيد عباسي) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جمعي ڏينهن منشيات جي عادت ۽ نفسياتي صدمي کان متاثر ماڻهن جي بحاليءَ لاءِ صوبائي حڪومت جي عزم کي ورجايو ۽ کين تعليم، مهارتون ۽ موقعا فراهم ڪرڻ جو واعدو ڪيو ته جيئن اهي معاشري جا پيداواري ۽ معزز ميمبر بڻجي سگهن. وڏي وزير اهڙن خيالن جو اظهار حاجي سڪيو ڳوٺ ۾ آس فائونڊيشن پاران منعقد ڪيل يوم آزادي

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

دبئي: پاڪستان جو قونصل جنرل فواد علي خان ۽ ٻيا جشن آزادي جو ڪيڪ ڪاٽيندي

شهدادپور ٽائون ڪميٽي جتيا ۾ 79هين جشنِ آزادي جون تقريب منعقد ڪئي وئي

شهدادپور(ن ع) شهدادپور ٽائون ڪميٽي جتيا ۾ چيئرمين سجاد علي جونيجو جي ميزبانيءَ هيٺ 79هين جشنِ آزادي جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويو تقريب ۾ پرچم ڪشائي کان پوءِ قومي ترانو پيش ڪيو ويو جڏهن ته پاڪستاني جهنڊي جي رنگن سان سينگاريل ڪيڪ پڻ ڪاٽيو ويو.آئيڊيل اسڪول جي شاگردن پاران ملي نغمن تي خوبصورت ٽيبلو پيش ڪيا ويا، جن کي شرڪت ڪندڙن پاران ڀرپور موٽ

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

خيرپور: ڊائريڪٽر هيلٿ سروسز سکر تعلقه اسپتال ڪوٽڏيجي جو دورو ڪري انتظامن بابت معلومات ورتي

خيرپور(ڊر)ڊائريڪٽر هيلٿ سروسز سکر ڊويزن ڊاڪٽر فرخ امتياز پنهور جو ايڊيشنل ڊائريڪٽر هيلٿ ڊاڪٽر عاشق علي شاهه سان گڏ تعلقا اسپتال ڪوٽڏيجي جو دورو.تفصيل موجب ڊائريڪٽر هيلٿ سروسز سکر ڊويزن ڊاڪٽر فرخ امتياز پنهور ۽ ايڊيشنل ڊائريڪٽر هيلٿ ڊاڪٽر عاشق علي شاهه تعلقا اسپتال ڪوٽڏيجي جو دورو ڪيو ان موقعي تي تعلقا اسپتال

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

هنگورجا ۾ 14 آگسٽ جشن آزادي جو ڏهاڙو وڏي جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويو

هنگورجا (ن ع) هنگورجا ۾ 14 آگسٽ جشن آزادي جو ڏهاڙو وڏي جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويو ٽائون ڪاميٽي هنگورجا ۾ جشن آزادي جي تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ ٽائون ٽائون چيئرمين سيد عباس علي شاهه لڪياري پاڪستاني جهنڊو ڦڙڪايو ۽ ملڪ جي خوشحالي لاءِ دعا گهري وئي تقريب ۾ شهرين ڪائونسلرن ۽ صحافين جي وڏي انگ شرڪت ڪئي. جڏهن تنظيم آرائيان پاران قاصد الله آرائين جي رهائشگاهه تي جشن آزادي جي

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ جشن آزادي جي خوشي ۾ هاڪي چيمپئن شپ منعقد ڪئي وئي

چيمپئن شپ جو افتتاح پ پ قومي اسيمبلي جي ميمبر ڊاڪٽر مهرين ڀٽو ڪيو

هاڪي چيمپئن شپ ۾ شرڪت ڪري تمام گهڻي خوشي ٿي: ڊاڪٽر مهرين ڀٽو

خيرپور(ڊر)جشنِ آزادي جي خوشيءَ ۾ هاڪي گرائونڊ لقمان تي هاڪي چيمپئن شپ منعقد، قومي اسيمبلي جي ميمبر ڊاڪٽر مهرين ڀٽو چيمپئن شپ جو افتتاح ڪيو هاڪي ايسوسيئيشن ضلع خيرپور جي صدر سيد ذاڪر حسين زيدي پاران

ٽنڊو آدم ۾ 79هون آزادي وارو ڏهاڙو قومي جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويو

شهر جي سرڪاري ۽ خانگي عمارتن، روڊن ۽ چوڪن کي قومي جهنڊن سان سينگاريو ويو

ميونسپل چيئرمين غلام مرتضيٰ جوڻيجو سميت ٻين عملدار قومي جهنڊو ڦڙڪائي سلامي ڏني

ٽنڊوآدم (ن ع) ملڪ جي ٻين شهرن جيان ٽنڊو آدم ۾ پڻ پاڪستان جو 79هون آزادي جو ڏهاڙو قومي جوش، جذبي ۽ حب

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

شڪارپور شيخ اياز يونيورسٽي ۾ 79هون آزاديءَ جو ڏهاڙو ۽ جوش و خروش سان ملهايو ويو

تقريب ۾ يونيورسٽي انتظاميا، فيڪلٽي ميمبرن، آفيسرن، ملازمن، شاگردن ۽ معزز مهمانن شرڪت ڪئي

يونيورسٽي شاگردن کي معياري تعليم ۽ جامع شخصيت سازي جا موقعا فراهم ڪندي رهندي: وي سي

شڪارپور (ڊ ر) شيخ اياز يونيورسٽي شڪارپور ۾ پاڪستان جو 79هون آزاديءَ جو ڏهاڙو قومي جذبي، حب الوطني ۽ وڏي

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

اسان بدنصيب آهيون جو اسان آزادي جي قدر نه ڪئي: خالد مقبول صديقي

پاڪستان کي اجاره دارن کان آزاد ڪرايو ويندو، تڏهن حقيقي آزادي ملندي: فاروق ستار

جيڪا حقيقي آزادي ملڻ گهرجي ها، اها اڃا تائين نه ملي آهي: مصطفيٰ ڪمال

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايم ڪيو ايم پاڪستان جي چيئرمين خالد مقبول صديقي چيو آهي ته ڪراچي مڪمل پاڪستان ۾

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

اسلام ڪوٽ ۾ جشنِ آزادي جو ڏهاڙو جوش جذبي سان ملهايو ويو، ريليون ڪڍي ڪيڪ ڪاٽيا ويا

هائر سيڪينڊري اسڪول ۾ مک تقريب اي سي عبدالغفار لاکير،مختيارڪار ۽ ٻين قومي جهنڊو ڦڙڪائي سلامي ڏني

مهراج برادري جي پاران تقريب منعقد ڪري ڪيڪ ڪٽيو ويو ۽ نوجوانن قومي نغمن تي رقص ڪيو

اسلام ڪوٽ (ن ع) اسلام ڪوٽ ۾ جشن آزادي جو ڏهاڙو جوش جذبي سان ملهايو ويو.مهراج برادري پاران تقريب قومي نغمن تي رقص ۽ ڪيڪ ڪٽيو ويو مک تقريب هائر سيڪينڊري اسڪول ۾ ٿي جتي قومي جهنڊو ڦڙڪائي سلامي ڏني وئي.تقريب ۾ عملدارن واپارين شهرين ۽ مختلف اسڪولن جي استادن ۽ شاگردن شرڪت ڪئي.انهي سلسلي ۾ سڄي ملڪ جيان اسلام ڪوٽ ۾ پڻ جشن آزادي جو ڏهاڙو وڏي جوش ۽ جذبي سان ملهايو پيو

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

خانپور جوڻيجو ۾ سماجي تنظيم پاران 14 آگسٽ جي حوالي سان ريلي ڪڍي قومي جهنڊو ڦڙڪايو ويو

ڪڪڙ (ن ع) خانپور جوڻيجو ۾ هيومن رائيٽس انٽر فورم پاران مرڪز جي سڏ تي 14 آگسٽ جي آزادي جي حوالي سان ريلي ڪڍي وئي ۽ قومي جهنڊو ڦڙڪايو ويو ضلعي دادو جي چيف آرگنائيزر قمرالدين ساريو، واجد ساريو، راجا ماجد عباسي، محسن ساريو ،سردار نواب جيسر، فهد رحيم ساريو مولابخش ساريو ،سعيد

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: ڊپٽي اسپيڪر انٿوني نويد، شام سندر اڏواڻي ۽ ٻيا جشن آزادي جو ڪيڪ ڪاٽي رهيا آهن

حيدرآباد سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي آفيس ۾ جشن آزادي تقريب منعقد ڪئي وئي

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي حيدرآباد جي ريجنل آفيس ۾ ۱۴ آگسٽ يوم آزادي جي پروقار تقريب ٿي گذري جنهن ۾ تلاوت ڪلام پاڪ ۽ نعت شريف بعد ريجنل ڊائريڪٽر محمد

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد ۾ 14 آگسٽ جشن آزادي سان مختلف تنظيمن پاران ريليون ڪڍيون ويون

جيڪب آباد (ڊ ر) جيڪب آباد ۾ 14 آگسٽ جشن آزادي جي موقعي تي قومي امن ڪاميٽي هيومن رائيٽس پاڪستان محافظ فورم سني رابطہ ڪائونسل آل پاڪستان ڊومڪي اتحاد ۽ ٻين پاران پاڪستان زنده باد ريليون ڪڍيون ويون جيڪب آباد ۾ جشن آزادي جي موقعي تي سني رابطہ ڪائونسل پاران ضلعي آفيس کان پريس ڪلب ٽائين سلام پاڪستان ريلي ڪڍي وئي جنهن ۾ حافظ

جيڪب آباد ضلعي ۾ 14 آگسٽ جشن آزادي جو ڏهاڙو جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويو

اسين خوشنصيب قوم آهيون جو آزاد، خودمختيار ملڪ ۾ زندگي گذاريون پيا: ڊي سي جيڪب آباد

اسان کي وطن تي ناز ۽ پاڪ فوج تي فخر آهي جنهن هميشه جانين جا نذرانا ڏئي سرحدن جي حفاظت ڪئي

جيڪب آباد (ڊ ر) 14 آگسٽ جشن آزادي جي ڏينهن تي ضلعي انتظاميه پاران ڊي سي آفيس اندر پروقار تقريب ڪرائي وئي جنهن ۾ ڊپٽي ڪمشنر شهزاد احمد ساهي، ايس ايس پي فيضان علي ايم اين اي جيڪب آباد جي فوڪل پرسن مير رافع حسين جکراڻي، انجمن تاجران جي صدر مير احمد علي بروهي اتحاد اهلسنت جي چيئرمين سيد اعجاز علي شاهه سميت مختلف کاتن جا سرڪاري عملدار اسڪولي شاگرد ۽ شهري وڏي تعداد ۾

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

ميونسپل ڪميٽي هالا ۾ پرچم ڪشائي جي تقريب منعقد ڪئي وئي

تقريب دوران چيئرمين زئوار گل محمد پنهور ۽ چيف ميونسپل آفيسر قومي جهنڊو ڦڙڪايو

جشن آزادي جو ڏينهن اسان کي اتحاد، ڀائيچاري ۽ ملڪ سان وفاداري جو درس ڏئي ٿو: چيئرمين

هالا (ن ع) هالا ۾ جشن آزادي جي موقعي تي ميونسپل ڪميٽي هالا ۾ پرچم ڪشائي جي تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ چيئرمين ميونسپل ڪميٽي هالا زئوار گل محمد پنهور، چيف ميونسپل آفيسر سيد محسن شاهه ۽ ميونسپل ڪميٽي جي عملي شرڪت ڪئي تقريب دوران چيئرمين ميونسپل ڪميٽي زئوار گل محمد پنهور ۽ چيف ميونسپل آفيسر سيد محسن شاهه عملي سان گڏجي قومي جهنڊو ڦڙڪايو ان موقعي تي پاڪستان جي سلامتي، خوشحالي ۽ ترقي لاءِ دعائون پڻ گهريون ويون جڏهن ته تقريب ۾

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

جشن آزادي مبارڪ
آئون جشن آزادي جي پرمسرت موقعي تي پاڪستان پيپلز پارٽي ايم پي اي حاجي مير الله بخش خان ٽالپر صاحب سيدا چيئرمين واٽر بورڊ ضلعي بدين حاجي سائين بخش جمالي کي دل جي گهراين سان مبارڪ باد پيش ڪيان ٿو.
پاران رئيس صدر جمالي
چيئرمين يونين ڪائونسل سارنگ فقير

جشن آزادي مبارڪ
جشن آزادي جي پر مسرت موقعي تي مان
ڪيريا برادري جي سردار محترم عبدالستار ڪيريو
صاحب ۽ يوسي نائياڻي جي عوام کي دل جي
گهرائين سان مبارڪ باد پيش ڪريان ٿو.
حاجي بلاول خان ڪيريو
چيئرمين يو سي نائياڻي تعلقہ دوڙ

جشن آزادي مبارڪ
جشن آزادي جي پر مسرت موقعي تي مان
هر دل عزيز شخصيت شير سنڌ
حاجي علي حسن زرداري صاحب (صوبائي وزير)
۽ پهنجي قوم مري (بداڻي) برادري کي دل جي
گهرائين سان مبارڪباد پيش ڪريان ٿو.
رئيس فيض مري (بداڻي)
سياسي سماجي شخصيت تعلقہ دوڙ
منيجر
منصور علي عرف(ماني)

جشن آزادي مبارڪ
جشن آزادي جي پرمسرت موقعي تي مان
خاتون اول ميڊم آصفہ ڀٽو زرداري صاحبہ
محترمہ فريال ٽالپر صاحبہ
محترمہ عزرافضل پيچوهو صاحبہ
کي دل جي گهرائين سان مبارڪباد پيش ڪريان ٿو
رئيس غلام حسين ديناري
جنرل ڪائونسلر ٽائون ڪاميٽي دوڙ

جشن آزادي مبارڪ
جشن آزادي جي پرمسرت موقعي تي مان
خاتون اول ميڊم آصفہ ڀٽو زرداري صاحبہ
محترمہ فريال ٽالپر صاحبہ
محترمہ عزرافضل پيچوهو صاحبہ
کي دل جي گهرائين سان مبارڪباد پيش ڪريان ٿو
محمد ياسين بروهي
جنرل ڪائونسلر ٽائون ڪاميٽي دوڙ

جشن آزادي مبارڪ
جشن آزادي جي پرمسرت موقعي تي مان
خاتون اول ميڊم آصفہ ڀٽو زرداري صاحبہ
محترمہ فريال ٽالپر صاحبہ
محترمہ عزرافضل پيچوهو صاحبہ
کي دل جي گهرائين سان مبارڪباد پيش ڪريان ٿو
حاجي ابرار حسين گورچاڻي
صدر پاڪستان پيپلز پارٽي تعلقہ دوڙ

جشن آزادي
آئون جشن آزادي جي پرمسرت موقعي تي پاڪستان پيپلزپارٽي ايم پي اي حاجي مير الله بخش خان ٽالپر صاحب چيئرمين ٽائون ڪاميٽي راڄوخاناڻي مير عرفان خان ٽالپر صاحب کي دل جي گهراين سان مبارڪ باد پيش ڪيان ٿو
پاران: محمد زمان جمالي
چيئرمين يونين ڪائونسل ڏيئي

جشن آزادي مبارڪ
جشن آزادي جي پر مسرت موقعي
تي مان چيف آف آرمي اسٽاف
فيلڊمارشل . محترم سيد عاصم منير صاحب،
قومي افواج، پاڪستان جي غيور عوام کي دل جي
گهرائين سان مبارڪ باد پيش ڪريان ٿو.
چوڌري بشارت محبوب راجپوت
اڳوڻو ناظم (سياسي سماجي شخصيت دوڙ)

جشن آزادي مبارڪ
جشن آزادي جي پرمسرت موقعي تي مان
خاتون اول ميڊم آصفہ ڀٽو زرداري صاحبہ
محترمہ فريال ٽالپر صاحبہ
محترمہ عزرافضل پيچوهو صاحبہ
کي دل جي گهرائين سان مبارڪباد پيش ڪريان ٿو
چوڌري وسيم افضل راجپوت
چيئرمين ٽائون ڪاميٽي دوڙ

جشن آزادي
آئون جشن آزادي جي پرمسرت موقعي تي پاڪستان پيپلزپارٽي ايم پي اي حاجي مير الله بخش خان ٽالپر صاحب چيئرمين ٽائون ڪاميٽي راڄوخاناڻي مير عرفان خان ٽالپر صاحب کي دل جي گهراين سان مبارڪ باد پيش ڪيان ٿو
پاران: خدا بخش راهمون
چيئرمين يونين ڪائونسل ڪڏهرو

جشن آزادي
آئون جشن آزادي جي پرمسرت موقعي تي پاڪستان پيپلزپارٽي ايم پي اي حاجي مير الله بخش خان ٽالپر صاحب چيئرمين ٽائون ڪاميٽي راڄوخاناڻي مير عرفان خان ٽالپر صاحب کي دل جي گهراين سان مبارڪ باد پيش ڪيان ٿو
پاران: رئيس عامر خان ڪتياڻ
سابق ميمبر ضلع ڪائونسل بدين

جشن آزادي
جشنِ آزادي جي پرمسرت موقعي تي آئون آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو صاحب، ڊي آءِ جي حيدرآباد طارق رزاق ڌاريجو صاحب ۽ ايس ايس پي بدين قمر رضا جسڪاڻي صاحب کي دل جي گهراين سان جشن آزادي جون مبارڪبادون پيش ڪريان ٿو.
پاران: غلام حيدر پنهور
ايس ايڇ او، ڏيئي

جشن آزادي مبارڪ
جشن آزادي جي پرمسرت موقعي تي مان
خاتون اول ميڊم آصفہ ڀٽو زرداري صاحبہ
محترمہ فريال ٽالپر صاحبہ
محترمہ عزرافضل پيچوهو صاحبہ
کي دل جي گهرائين سان مبارڪباد پيش ڪريان ٿو
غلام رسول جمالي (عرف بگو)
چيئرمين يوسي حاجي خان محمد جلباڻي دوڙ
سيڪريٽري
حبيب الله بروهي

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي، تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.